# ڪپر ٿو ڪن ڪري

## شيخ اياز

ايڊيشن پھريون

2007

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

## پهرين ايڊيشن لاءِ

# پبلشر جا ٻه اکر

جيئن هر ڳالهه جو وقت ٿئي ٿو، تيئن هر شيءِ جو، هر ماڻهوءَ جو، ماڻهوءَ جي هر ڪم جو وقت ٿئي ٿو. ائين ماڻهوءَ جي هر تخليقي شاهڪار جو به پنهنجو پنهنجو وقت ٿيندو آهي. وقت جنهن ۾ اُهو اُپجي ٿو ۽ وقت جنهن لاءِ اُهو اُپجي ٿو. پر ڪي ڳالهيون، ڪي شيون ۽ ماڻهن جا ڪي ڪم ائين بنهه وقتائتي هئڻ سان گڏوگڏ ڪنهن ڏورانهين آئيندي لاءِ به هوندا آهن. شيخ اياز جي هيءَ شعري تخليق، "ڪَپر ٿو ڪُن ڪري"، پڻ ائين پنهنجي وقت جي تخليق آهي، ۽ اِن جو پنهنجو هڪ دور، پنهنجو هڪ زمانو آهي، جنهن ڪي سمجهڻ پهريائين ضروري آهي، تہ جيئن اُن جي سماجي ڪارج ۽ ادبي عظمت کي سمجهي سگهجي، ۽ اُن کان پوءِ ئي ايندڙ وقت لاءِ اُن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهبو.

شيخ اياز جي شعر جو هيءُ پنجون مجموعو آهي، جو پڌرو ٿي رهيو آهي. هن مجموعي ۾ آيل سندن سڄو شعر جيل جي انن مهينن جي وقت جي تخليق آهي، جڏهن پاڻ "ڊفينس آف پاڪستان رولس" جا قيدي هئا. هيءُ وقت پاڪستان ۾ ظالم ترين ۽ احمق ترين آمريت جي عملداريءَ جو وقت هو. هيءُ اُهو دور ۽ نفسا نفسيءَ وارو زمانو هو، جنهن جو تفصيلي ذڪر نہ ڪجي تہ چڱو. عام سياسي افراتفريءَ ۽ مسلم بنگالا ۾ رتوڇاڻ ساري ملڪ کي لوڏي ڇڏيو هو. اهڙو ماحول، اهڙي فضا، جيل جي چوديواريءَ اندر مئي 1971ع کان جنوري1972ع جي انن مهينن ۾ "اياز" هيءُ شعر رچيو.

سنڌي ادب جي دنيا لاءِ هيءَ هڪ خوشيءَ جي ڳالهه چئي سگهجي ٿي، جو شاعر پنهنجي هن تخليق جي مهاڳ لاءِ پنهنجي اُنهيءَ جيل جي وقت جي نوٽبڪ جا ڪي ورق اسان کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنا آهن. اُهي اسين هن ڪتاب جي پهرين 56 صفحن تي پيش ڪري رهيا آهيون انهن ۾ ڪي خيال ۽ تاثر خود شاعر جا پنهنجا آهن (جيڪي ڊبل واڪ جي نشانين ۾ ڏنا ويا آهن)، ۽ ڪي سندس مطالعي ۾ آيل ڪتابن مان ورتل يا ياد ٿيل آهن (_اُهي سنگل واڪ جي نشانين ۾ آندل آهن)، جيڪي هُن پنهنجي نوٽبڪ ۾ اُن وقت جي حالتن ڏانهن

پنهنجي داخلي ردعمل طور درج ڪيا آهن. شاعر جي نوٽبڪ جا هي ورق اسان کي سندس من جي دنيا ۾ جهاتي پائڻ جو موقعو ڏين ٿا. سندس من جي اُها دنيا، جيڪا سندس هن تخليقي شاهڪار جي سِرجڻ ۽ تخليق ٿيڻ جي وقت جي دنيا هئي. شاعر جي نوٽبڪ جا هي ورق نثر ۾ آهن، پر جيڪڏهن ڪو نثر پنهنجي ادبي لطافت ۽ حسن آفرينيءَ ۾ شعر جي اوچاين کي ڇُهي سگهي ٿو، ته هيءُ اُهو نثر آهي. "اياز" جي هن عظيم شعري تخليق جي تعارف لاءِ اسان کي سندس نوٽبڪ جي هنن ورقن کان بهتر ٻيو ڪو مهاڳ سوچ ۾ اچي نه سگهيو. اسان کي اميد آهي ته محب وطن سنڌي اديب ۽ ادب شناس پڙهندڙ شاعر جي هن پنهنجي تعارفي مهاڳ کي غور سان پڙهندا، ۽ ان جو مطالعو کين سندس هن املهه شعري تخليق کي سمجهڻ ۽ ان جي تور تڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهندو.

"اياز" جي شعر جو چوٿون مجموعو، "وڄون وسڻ آئيون"، 1973ع ۾ شايع ٿيو هو. اُن جي مهاڳ ۾ چيو ويو هو ته سندن شعر جو نئون مجموعو، يعني هيءَ ڪتاب "ڪپر ٿو ڪُن ڪري"، پريس ۾ موڪليو پيو وڃي. ارادو ته اهو ئي هو، پر سنڌي ادب جا اهڙا ڀاڳ ڪٿي، جو ان کي ڪو اهڙو ڏکيءَ نگاهه وارو ۽ حوصلي مند پبلشر ملي سگهي! ڪن ٻن چئن ته ان کي ڇپائڻ لاءِ هام پڻ هنئي، پر واري وٽيءَ تي مسودو ڪٽي، رکي رکي، وري وري موٽائي ڏنو. ڪنيو انهيءَ لاءِ هئائون ته ڇپائينداسون، نالو ٿيندو ۽ نفعو پڻ حاصل ٿيندو. پر سمجهجي ائين ٿو ته مسودي جي ڏسڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ کين اُن جي ڇپائڻ جي همت ڪانه ٿي سگهي. مسودي جي اهڙيءَ اوٽ موٽ ۾ پورا ٻه سال ضايع ٿي ويا.

نيٺ هيءُ فرض "سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ" پاڻ تي هموار ڪيو، ۽ ائين سوسائٽي جي پهرينءَ اشاعت طور هيءَ سنڌي ادب جي انقلاب آفرين پيشڪش اوهان تائين پهچي رهي آهي.

جيئن ڪتاب جي فهرست ۾ ڏسندا، هيءُ مجموعو ٽن مکيه ڀاڱن ۾ ورهايل آهي:(1) بيت، (2) وايون، ۽ (3) گيت، غزل ۽ نظم گڏ هڪ ڀاڱي ۾. بيتن ۾ پهريائين ڀارنهن موضوع سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي ڪلاسيڪي عنوانن جا آهن. سورٺ، نوري، سسئي، سهڻي، ليلا، مومل، موڪي، مارئي، گهاتو، ڪيڏارو ۽

ڪاپائتي. ”اياز“ هنن ڪلاسيڪي موضوعن کي تصوف جي ڄاتل سڃاتل رنگ ۽ رمز کان الڳ ڪري، جدا جدا، نئين فڪري روپ ۽ انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ”ساميءَ جي نالي نوان سلوڪ“ پڻ، صدين کان ذهن تي ڇانيل مذهبي سوچ جي عيوض، اسان کي فڪر جي نئينءَ ۽ بي خوف دنيا سان روشناس ڪن ٿا. اُن کان پوءِ متفرقا بيت پيش ڪيل آهن، جي پنهنجن الڳ الڳ عنوانن سان پڙهندڙن لاءِ پنهنجي پنهنجي اهميت رکي سگهن ٿا. ان کان سواءِ هن مجموعي ۾ 29 وايون (ص، ص 295-312)، ۽ چار گيت، هڪ غزل ۽ 12 نظم (ص. ص. 313-334) آندل آهن، جن مان هر هڪ شيءِ، پنهنجيءَ جاءِ تي، ادب ۽ فن جي پارکن وٽ املهه تحفو شمار ٿي سگهي ٿي.

”اياز“ جي هن نئين شعري مجموعي کي پيش ڪندي، جتي اسان کي بيحد خوشي ۽ فخر ٿئي ٿو، اتي اُن جي اشاعت کي اُن جي شان مطابق پيش نه ڪري سگهڻ تي اسان کي گهڻو ڏک به ٿئي ٿو. نه اُن جو پنو سنو آهي، نه ان جي ڇپائي ايتري ڇڱي آهي، ۽ نه ان جو ٻاهريون گيٽ اپ ۽ جلد ئي ايترو اوچو بنائي سگهيا آهيون. تنهن هوندي به ڇهه رپيا في ڪاپي ان تي اسان جو خرچ اچي چڪوآهي. ڪتابن وڪڻڻ وارا چاليهه سيڪڙي ڪميشن کان گهٽ ڳالهه ڪانه ٿا ٻڌن. هڪ هزار ڪاپيون ڇاپرايون اٿئون، ۽ ڏهه رپيا في ڪاپيءَ جي وڪري سان اسان کي نفعو پائي به پلئه پوڻو ڪونهي. رڳو ملهائتو خرچ نڪري اچي، ته به گهڻو ڪجهه ٿيو.

نئين سنڌي ادب جي اشاعت لاءِ، ۽ ڪسمپرسيءَ جي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي اديبن جي قدرشناسيءَ ۽ همت افزائيءَ لاءِ، املاڪ ۽ اختيار جا صاحب ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. چون ٿا ته پاڪستان آزاد آهي ۽ عوامي جمهوري حڪومت اٿس. صوبي جي خيال کان سنڌ به چون ٿا ته خودمختيار آهي ۽ ان جي حڪومت به اسان جي پنهنجي آهي. پر سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن لاءِ ڪجهه به ڪين ٿو ٿئي. ان سلسلي ۾ گهڻوڪجهه ٿيڻ گهرجي ۽ گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو. پر ’ڪيئن ۽ ڪڏهن‘ جو مسئلو آهي، جو ڪنهن کان حل ڪونه ٿو ٿئي، يعني ڪنهن کي توفيق ڪانه ٿي ٿئي، جو ان پاسي ڪو پورو ڌيان ڏئي. بهرحال، محب وطن

سنڌي اديب ۽ دانشور، ملڪ جي املاڪ ۽ اختيار جي صاحبن جي هن مجرمانه غير ذميداريءَ ۽ بي قدريءَ جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجن محدود وسيلن آهر، نه رڳو پنهجي قلم جي پورهئي ۾ مصروف آهن، پر ان پنهنجي نور نچوڙيل پورهئي جي اشاعت به پاڻ ڪندا رهن ٿا. سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ طرفان، سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز جي هن عظيم تخليق جي هيءَ اشاعت به ان سلسلي جو هڪ قدم آهي. اسان کي يقين آهي ته اسان جا مهربان اديب ۽ شاعر ۽ اسان جا ادب شناس ۽ ادب نواز دوست ۽ عام پڙهندڙ هن اسان جي ڪوشش جو قدر ڪندا.

ڪراچي — ع. ق. شيخ

10 فيبروري 1975ع — سيڪريٽري،

سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو

سوسائٽي، لميٽيڊ، حيدرآباد.

# سنڌ جي نئين نسل جي نالي

## شاعر جي نوٽبڪ تان

(سينٽرل جيل، سکر: مئي، 1971ع _ جنوري، 1972ع)

”ڪالهه[1] ’ڊفينس آف پاڪستان رولز‘ هيٺ ٻڌي آيا ۽ ڇهن مهينن لاءِ ’سي ڪلاس‘ ۾ نظربند رکيائون. مون کي گرفتاريءَ جي تہ پڪ هئي، رڳو ڪجهہ وقت ان جو انتظار ڪرايائون. ڪجهہ ڏينهن اڳ سکر بار اوپر پاڪستان ۾ ڪيل فوجي ڪارروائيءَ جي حمايت ۾ نهراءُ بحال ڪرڻ لاءِ بار جي ميٽنگ ڪوٺائي هئي. مان بار جو صدر هيس پر مون ان ميٽنگ تي صدارت ڪرڻ ڪان نابري واري. ٽئين ڏينهن تي ڪراچيءَ جي هڪ انگريزي هفتيوار ۾ هڪ خط شايع ٿيو تہ مون فوج جي حمايت ۾ ڪوٺايل بار جي ميٽنگ تي صدارت ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو آهي ۽ ان ڪري مون تي جوڳي ڪارروائي ڪئي وڃي. ساڳئي ڏينهن تي مرڪزي حڪومت جي. ايم. سيد کي پنهنجي گهر ۾ ڇهن مهينن لاءِ نظربند رکيو. مون سمجهيو تہ هٿڪڙيون اِجهي آيون.

”ڪالهہ سيشن ڪورٽ کي پوليس چوڌاري گهيرو ڪيو ۽ جيئن ئي مان عدالت ڪان ٻاهر نڪتس، مون کي گرفتار ڪيائون. مان اجا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ مون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ايتريءَ پوليس جي ڪهڙي ضرورت هئي! هي ڪانئر سچ ڪان ڪيڏو نہ ڊڄن ٿا!

”گرفتاريءَ ڪان پوءِ ڊي ايس پي مون کي ساڳئي ڊپٽي ڪمشنر وٽ وٺي آيو، جنهن ٻوليءَ وارن فسادن وقت مون تي خوني حملو ڪرايو هو پر مان اتفاق سان بچي ويو هوس. هُن مون کي جيل ۾ ’سي ڪلاس‘ ڏنو. هو ڪنڌ جهڪائي آرڊر لکي رهيو هو ۽ منهنجين اکين ۾ اُهي ڪاريهر ڏسي نہ سگهيو، جن جي وهُ تي منهنجي شاعري پلي آهي. هو انهيءَ ڪامٽيءَ وِش ڪنيا ڪان ڏاڍو ڇرڪن ٿا، ڇو تہ هو هاڻي پليءَ پت ڄاڻن ٿا تہ ان جو وهُ ڪنهن کي وهائڻ لاءِ آهي.

”ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس مان ٻاهر نڪري، ڊي ايس پيءَ مون کي صلاح ڏني تہ مان گهران بسترو گهرائي وٺان. مون پنهنجي ڪار جي ڊرائيور کي گهر

موڪليو ته هو بسترو ڪٺي اچي پر ڪنهن کي به اهو نه ٻڌائي ته مان ڪيڏانهن ٿو وڃان. ٿوريءَ دير ۾ هو ڪار تي بسترو ڪٺي موٽي آيو. منهنجو پٽ به هن سان گڏجي آيو، جو ڏاڍو هيسيل ٿي نظر آيو. مون مُرڪي هن کي چيو، ’ابا، جيئي سنڌ!‘ هن ورديءَ ۾ ڊي ايس پيءَ ڏانهن ڏسي، گهٽيل نڙيءَ سان جواب ڏنو ’جيئي سنڌ‘. مون هن کي ڪلهي تي هٿ رکي چيو ته هو موٽي گهر وڃي ۽ ڀين ڀاتين کي آٿت ڏئي، جنهن تي هن مون کي مايوسيءَ سان چيو ته ’امان کي ڇا چوان؟‘ مان ٿبيءَ ۾ اچي ويس ۽ سوچيم ته هو ماءُ کي ڇا چوي. نيٺ مون هن کي چيو، ’ماءُ کي چئجانءِ ته بابا به ته سنڌ آهي. سنڌ کي ڪوئي ماري نٿو سگهي‘.“

.... .... ....

”اوڀر پاڪستان کي ماري مڄايو وڃي يا اوڀر پاڪستان يحيٰ خان کي ماري مڄائي الڳ ٿي وڃي، ٻنهي صورتن ۾ پاڪستان تي فسطائي نظام مسلط ٿيڻو آهي. انهيءَ فسطائيت جا سياسي ۽ اقتصادي سبب ساڳيا ته نه هوندا، جي نازيءَ جرمنيءَ جي فسطائي فلسفي جو بنياد هئا، پر انهيءَ فلسفي جي آڙ وٺي، پاڪستان ۾ گهُٽ ٻُوسات ۽ وٺ پڪڙ ائين ڪئي ويندي، جيئن نازي جرمنيءَ ۾ ٿي هئي. جرمنيءَ ۾ ڪيئي سائنسدان، دانشور، تاريخ نويس، اديب ۽ آرٽسٽ ماريا ويا هئا ۽ ڪيئي ڀڄي وڃي آمريڪا نڪتا هئا. پولنڊ ۾ دانشور طبقي کي بلڪل ختم ڪيو ويو هو. جرمن يونيورسٽين ۾ نفسيات ۽ معاشيات جا شعبا بلڪل ختم ڪيا ويا هئا، ڇو ته انهن ۾ ڏنل تعليم نازي فلسفي کي نٿي آئڙي. ثقافتي زندگيءَ ۾ جتي ڪٿي آمريت پنهنجي زوراوري ڏيکاري هئي. اٽليءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪروُس (Croce) ۽ ٻيا فسطائيت جا مخالف دانشور گرفتار نه ڪيا ويا هئا، تڏهن به پَوَ ۽ ڏر جي ڪري، ان دؤر ۾ اٽليءَ ۾ ڪوبه اهميت وارو ناول نه لکيو ويو هو ۽ نه وري ڪائي اهميت واري فلم نهي هئي يا موسيقيءَ يا ٻئي ڪنهن فن ۾ ڪائي عظيم تخليق ڪئي ويئي هئي.

”فسطائي آمريت شاعريءَ لاءِ زهر آهي. هن وقت تائين آمرن مون کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر مان هنن سان ڦٽ ڪائيندو رهيو آهيان. پر

اڳتي شايد اها وٿي به نہ ملي. ممڪن آهي تہ زندگي به وٿي نہ ڏئي ۽ مان جيل ۾ ئي مري وڃان يا ماريو وڃان. ان ڪري جيتري بہ زندگيءَ جي مهلت آهي، ۽ ان ۾ مون کي جو ڪجهہ لکڻو آهي، لکي وٺان. ناظم حڪمت ترڪيءَ ۾ ٺو سال جيل ۾ رهيو هو، پر هو انهيءَ عرصي ۾ گهڻو ڪجهہ لکي نہ سگهيو هو، جيتوڻيڪ هن جو ڪجهہ بہ لکيو، اُهو اڄ انسان ذات جو امر ورثو آهي. مون کي گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي؛ سچ تہ مون اڃا ڪجهہ لکيو ئي ڪٿي آهي!"

.... .... ....

"اوپر پاڪستان ۾ قتلام ٿي رهيو آهي، ريڊيو ۽ اخبارون چوويهہ ڪلاڪ ڪوڙ بڪي رهيون آهن، ۽ اولهہ پاڪستان ۾ اهڙا ڏهہ ڄڻا بہ نہ آهن، جي وڏي واڪ سچ چئي سگهن. 1965ع واريءَ جنگ وقت بہ مان جيل ۾ هوس. آيو ويو منهنجي گهر کي پٿر هڻندو هو تہ هي غدار جو گهر آهي. منهنجا ٻار گهر کان ٻاهر نڪري نہ سگهندا هئا ۽ اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنو هئائون. هاڻي ائين تہ ڪونہ ٿيندو. نئين سنڌ فتويٰ ڏيئي ڇڪي آهي تہ غدار ڪير آهن. پر هيڏي انڌير ۾ منهنجا ساٿي هيسجي ويا هوندا، ۽ سنڌي عوام تہ ويسوڙو آهي. ڇا، مان پنهنجا سارا ڏک درد پاسي رکي، لکي سگهندس! آخر منهنجي ٻي نجات ئي ڪهڙي آهي؟"

.... .... ....

"چڳو، جو بئرڪ ۾ اڪيلو رکيو اٿائون. مان يانيان ٿو تہ ڪجهہ لکي پڙهي سگهندس."

.... .... ....

"ڏينهن ڏاڍا تا تپن. بئرڪ کان ٻاهر ڪانوَ جي اک ٿي نڪري. وارڊ ۾ پوڪيل انبن جي وڻن مان ڇپيون ٿيون نڪرن، ۽ مٿو تپي باهہ ٿيو وڃي. جيل ۾ برف بہ نٿي آڻي سگهجي. گهڙي جو پاڻي ڪاڙهي وانگر ٿو لڳي. ها، پر وان گوگ(Von Gogh) وانگر گرمي منهنجي فن لاءِ وڌيڪ سازگار هوندي آهي. جنهن کي منهنجيءَ شاعريءَ جي تخليقي ڪيفيت کي سمجهڻو هجي، اُن لاءِ وان گوگ جي مصوريءَ جو ابياس ضروري آهي."

.... .... ....

”اي ڏات! تون هڪ عظيم قوت آهين. تون هي ديوارون ڊاهي سگهين ٿي، هي اوچا ڪوٽ ڪيري سگهين ٿي. مون کي هن قيد مان آزاد ڪر، تہ جيئن مان ايتريءَ محويت سان لکي سگهان، جيتريءَ سان جيل کان ٻاهر بہ لکي نہ سگهندو آهيان. سارا سنساري بندڻ ڇني ڇڏ. سارا دک درد هڻاءِ ۽پرپور آواز سان ڳاءِ، متان هيءَ جندڙي گيت جي پورنتا کان اڳ پوري نٿي وڃي. جهڪي آءُ اي آڪاس ۽ مون کي هن پيڙا مان ڪڍي، پنهنجي گود ۾ کڻي وٺ! اي سنڌو، مون کي پاڻ وانگر اَجيت بڻاءِ! اي ڌرتي، اي جڳت جنني، مون کي منهنجي مکتي ڏي! آءُ! آءُ! هيءَ منهنجي پوئين پڪار آهي، ان کي آواز ڏي، سگهہ ڏي، سُتنترتا ڏي، تہ جيئن مان ثابت ڪري ڏيکاريان تہ ماڻهوءَ جو من ڪوٺن ۾ قابو رهي بہ پنهنجي آجڪائي پائي ٿو سگهي.“

.... .... ....

”هيءَ سنڌ سدائين رهندي. اُن تي سج اُيرندو ۽ لهندو رهندو. رڳو مون جيئن اُن کي ڏٺو آهي، مون سان مري وڃڻو آهي. مان ان مشاهدي کي پنهنجي ’آءٌ‘ مان آجو ڪرڻ ٿو چاهيان، ۽ اُن کي لکيل لفظ ۾ امر ڪري، پنهنجيءَ جنتڙيءَ کان وڌيڪ جٽاءُ ڏيڻ ٿو چاهيان. مون اُن ۾ اُتر جون اوتون بہ ڏٺيون آهن، پن جهڙ ۾ ڦيراٽيون ڪائيندڙ پن بہ ڏٺا آهن، ۽ اُن جي لڱ ڪانداريندڙ سيءَ جا سياٽا بہ سٺا آهن، منهنجن اکين اڳيان ڪرڙ ڪکوريا ۽ ڪنڊا موريا آهن ۽ ٿوهہ وليون ٽهڪيون آهن؛ مون ڏٺو آهي تہ جڏهن وڄون ورن ٽيون تہ ڪيئن ’ڏمامين ڏڏڪار‘ ٿئي ٿو، تر جا ٿوهر ڦُلي پون ٿا ۽ پنهنجون ٻانهون آڪاس ڏانهن ايئون ڪري اُن جي آجيان ڪن ٿا. مون سنڌ جون لال لوئيُن واريون پاٽياريون بہ ڏٺيون آهن، ۽ ان جا ڪونڌر بہ ڏٺا آهن، جن جي ڪلهن تي گنن ڳاڙهيون کهاڙيون هونديون آهن ۽ جي تيستائين مٿي تي پڳ نہ ٻڌندا آهن، جيستائين پَلئُ نہ کندا آهن. مون ڏٺيون آهن اُهي موڪريون چاتيون، پنيپيون ڏاڙهيون ۽شهپر مڇون، جي صدين کان رت جي ريت نڀائينديون ٿيون اچن ۽ مون ڏٺيون آهن گهرج جي گهاٽي ۾ پيڙيل ۽ ڏمر ۽ ڏاڍ سان ڏهڪايل، نپوڙيل نستيون جندڙيون ۽ اُنهن جا سارا پيڙيندڙ ۽ ڏهڪائيندڙ، ۽ اهو سارو ناسور، جو سنڌ جي رڳ رڳ مان

ڇِڪي رهيو آهي. مون سنڌ جي ماضيءَ ۾ ٽپيون هنيون آهن، ۽ ان جي مستقبل ڏانهن اُڏاڻو آهيان: ۽ ڪنهن اڻ ٽڪ ڪاتار وانگر مون اُٿيا آهن سپنا، سنڌوءَ تي اپرندڙ سج جا سنهرا سپنا.

”ڇا، مان اهو سڀ ڪجهه پنهنجي شعر ۾ آڻي ٿو سگهان؟ ڇا مان شعلي ڪي مشعل مان جهڻي، ان کي ابدي بڻائي ٿو سگهان؟ زندگي ڪيتري نه مختصر آهي!“

.... .... ....

.... .... ....

”مون هميشهه سوچيو آهي ته ڇا شاعر سماج سان ذميدار آهي؟ مون شاعر جي ذميداريءَ کان ڪڏهن انڪار نه ڪيو آهي، پر هن جي ذميداري نهايت وسيع آهي. هن جي ذميداري انسان ذات سان آهي ۽ نه ڪنهن خاص سماج سان، ۽ جي ڪوئي سماج انسانيت جو ويري آهي ته شاعر اُن جو واهرو ٿي نٿو سگهي. ڪنهن به سياڻي سمجهوءَ جي پاڳل خاني سان ڪهڙي ذميداري ٿي سگهي ٿي؟ ڇا، هو پاڳل خاني جي نيم انوسار هلي؟ جي چريا رنبڻ لڳن، ته هو به گلو ڦاڙي رنبي؟ ڇا هو ڪُوڙ جي هر ڪئگري ۽ ڪلس تي سونو پاڻي چاڙهيندو رهي، ۽ ان جي بي معنيٰ مانداڻ کي ڊاهي ڍير نه ڪري؟ جي ڪنهن به سماج سان ذميداريءَ جو نتيجو انسانيت سان بي ذميداري آهي، ته هر عظيم شاعر لاءِ انهيءَ سماجي سان بغاوت ڪرڻ کان سواءِ ڪوئي چارو نه آهي.“

.... .... ....

”مان سياسي جانور نه آهيان پر پوءِ به تاريخ مون کي سياست ڏانهن ڌڪي، ان سان سلهاڙي ڇڏيو آهي. سرمد به سياسي ماڻهو نه هيو، پر پوءِ به هو تاريخ جي طوفان ۾ ويڙهجي ويو ۽ آخر اورنگزيب هٿان مارايو ويو. مان به ته سرمد وانگر آهيان، منهنجو به ڪوئي دارا شڪوه آهي، ۽ ها، ڪوئي اورنگزيب به منهنجي آڏو آهي. مان اربند وگهوش نه آهيان، ته پُٺ تي موٽي سگهان. مون عشق کي راند سمجهيو هو، تاريخ منهنجي سسي نيزي پاند اڇلي ڇڏي آهي. هاڻي پٺ تي موٽ جو سوال ئي نٿو اٿي. پر ڇا منهنجي تقدير ائين ٽيڻ نه گهربي هئي؟ هيءَ

شاعري انهيءَ پيڙا جو پڙلاءُ ئي تہ آهي، جا سياست مون کي ڏني آهي! جي مان سياست ۾ چڪجي نہ وڃان ها ۽ پنهنجي قول ۽ عمل سان پنهنجي ديس جي تقدير ڦيرائڻ لاءِ ڦيٽ نہ ڪاوان ها، تہ منهنجيءَ شاعريءَ کي اها ڄلا ڪٿان ملي ها، جا ٻول کي امرتا ڏيندي آهي!“

.... .... ....

”شيخ مجيب هن وقت ڪٿي هوندو؟ هي پهاڙ جهڙو وقت ڪيئن ڪاٽيندو هوندو؟ هن سان منهنجي پهرين ملاقات ڪهڙي نہ پياري هئي! هو سنڌ متحده محاذ جي دعوت تي ڪراچيءَ آيو هو. سائين جي. ايم. سيد هن سان منهنجو تعارف ڪرائيندي، هن کي چيو، ’سنڌ جي شاعر سان ملو!‘ هن مون کي ڀاڪر پائي، سائينءَ کي چيو، ’هي شيخ اياز آهي نہ؟ مان هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، هي اسان جي نذرل وانگر آهي.‘ مون مرڪندي هن کي چيو، ’شيخ صاحب! مون ۽ نذرل ۾ هڪ فرق آهي، هو اجا تائين مون کي ڏاهي نہ سگهيا آهن.‘ شيخ مجيب ٽهڪ ڏيئي چيو، ’هائو ڀائو! تنهنجون رڳون وڌيڪ مضبوط ٿيون لڳن.‘

”اڄ مان سوچي رهيو آهيان تہ ڇا سچ پچ منهنجون رڳون نذرل کان وڌيڪ مضبوط آهن؟ ڪنهن مظلوم جي بدن تي لهو تہ ڇا، مان هن جي اک ۾ ڳوڙهو بہ ڏسي نہ سگهندو آهيان. هيڏي انڌير ۾ ممڪن آهي تہ ڪنهن وقت مان بہ نذرل وانگر ڏهي پوان!“

.... .... ....

”جي ايم سيد سنڌ سان ائين پيار ڪندو آهي جيئن ڪوئي ٻار ڪنهن جيئريءَ ڪوسيءَ ڪُڪِ سان ڪندو آهي. هن لاءِ سنڌ فقط ڪاڇو ۽ ڪوهستان، ڪيرٿر ۽ ڪارونجهر نہ آهي پر اُهي ڏاڏا پڙڏاڏا بہ آهي جي ڪڏهن بہ مئا نہ هئا ۽ جي هر عيد نماز تي هُن سان ڪنا هوندا آهن.“

.... .... ....

”مان چاهيان ٿو تہ جي ايم سيد تي هڪ نظم لکان. هي وحدت الوجودي، هي صوفي لاڪوفي، هي اڌو گابرو ساميوادي ۽ پڪو پختو ديش ڀڳت، هيءَ ماکيءَ کان منڙو ۽ وهہ کان ڪڙو ماڻهو مون کي هڪ جهوني ٻڙ وانگر لڳندو آهي.

جڏهن سج ٽامڙي هٽي ويندو آهي تڏهن هن جي ڇانوَ وڏيڪ گھاٽي ٿي ويندي آهي. مون ان ڇانوَ ۾ ڪيئي پکيئڙا پنک پساريندي ڏٺا آهن؛ پر مان ان وقت جي انتظار ۾ آهيان جڏهن عقاب انهيءَ بڙ مٿان ڦيرا ڏيئي، تتل سج کي تيز نظرن سان گھوريندي ڏسندا.“

. . . .　　. . . .　　. . . .

”نهروءَ گانڌيءَ لاءِ چيو هو، ’منهنجو پوڙهي سان پيار تہ ڏاڍو هو پر مان هُن کي ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگھيو هوس‘.“

. . . .　　. . . .　　. . . .

”ويا اُڏامي ڪَڪَ، پِڙَ تان پاهَڙُ نہ چُري“

(نبي بخش)

. . . .　　. . . .　　. . . .

”پُليو سپ پنيور، پُنيءَ هوٽ نہ هليو“

(پٽائي)

. . . .　　. . . .　　. . . .

”1968ع ۾ مان ساهيوال جيل ۾ قيد تنهائيءَ ۾ هوس. ڀٽو صاحب ۽ هُن جا ساٿي ڊاڪٽر مبشر، ممتاز ڀٽو ۽ ملڪ اسلم حيات بہ ساڳئي جيل ۾ هئا. ڀٽي صاحب جا ساٿي ڇٽِي ويا ۽ باقي بہ سياسي قيدي، مان ۽ ڀٽو صاحب، وجي رهياسين. اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اونچي ديوار هئي ۽ اسان کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ کان منع ٿيل هئي. هڪ ڏينهن ڀٽي صاحب سنتريءَ جي هٿ مون کي دٻي ۾ بند ٿيل مڇي، بسڪوٽ ۽ سڪو ميوو موڪليو. مون تحفو وٺي سوچيو تہ ڀٽي صاحب ڏانهن موٽ ۾ ڇا موڪليان. مون موٽ تہ جيل جي ردي راشن کان سواءِ کائڻ پيئڻ جي ٻي ڪائي شيءِ ڪانہ هئي. سو مون جرمنيءَ جي شاعر ’هائني‘ جي زندگيءَ تي هڪ ڪتاب ’Hiene, the poet in revolt‘ سنتريءَ کي ڏيئي چيو تہ ’هي ڀٽي صاحب کي ڏجانءِ‘. سنتريءَ ڪتاب کڻي وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ ’ڪتابن جي ڏي وٺ تي سخت بندش آهي، مون کي پَو ٿو ٿئي تہ پڪڙجي نہ پوان‘.

”جي پٿو صاحب اهو ڪتاب پڙهي ها، تہ سمجهي وڃي ها تہ مان هن وقت جيل ۾ چو آهيان!“

.... .... ....

”ولي خان سان منهنجي پهرين ملاقات ايوب خان جي زوال کان اڳ سکر ۾ ٿي هئي. مان ان وقت سکر بار جو صدر هوس ۽ بار ولي خان جي الصحرا هوٽل ۾ دعوت ڪئي هئي. ان وقت هُن جو بهترين ساٿي محمود الحق قصوري[2]هن سان گڏ هو. ٻئي ڀيري بہ ولي خان مون سان سکر ۾ مليو. ان ڏينهن ڏاڍي برسات پيئي هئي ۽ منهنجو بدن ڪجهہ ؤنسل هو، ان ڪري مون پُٽ کي موڪليو تہ هو ولي خان جي جلسي ۾ وڃي موٽي اچي احوال ٻڌائي. هُن موٽي اچي مون کي چيو، ’ولي خان اوهان لاءِ پڇيو ۽ چيائين تہ ”سکر اچي اياز سان نہ ملڻ گناهہ برابر آهي“. پوءِ هو اوهان جي آفيس تي هليو پر آفيس بند هئي. هاڻي هو ڪنهن اوطاق تي رهيل آهي، جتي سکر نعپ جي صدر هن جي رهائش ۽ کاڌي جو انتظام ڪيو آهي.‘ مون کي ولي خان جي قرب ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ مان بخار ۾ هوندي بہ هن ڏانهن ويس. اوطاق ۾ ولي خان سان گڏ پاڪستان نعپ جو سيڪريٽري جنرل محمود الحق عثماني[3]، اجمل خٽڪ ۽ ٻيا نعپ جا ڪارڪن وينا هئا. ڳالهيون ڪندي، ولي خان اجمل کي چيو تہ ’اهو نظم ٻڌاءِ، جو تو اياز تي لکيو آهي.‘ اجمل اهو نظم پشتو ۾ ٻڌايو ۽ پوءِ ان جو نثري ترجمو اردوءَ ۾ ٻڌايائين. ان کان پوءِ ولي خان مون کي چيو تہ ’تون ڪوئي نظم ٻڌاءِ‘. مون هن کي ايوب خان کي مخاطب ڪري چيل نظم ’منهنجو اڱهہ پڇين ٿو آمر، منهنجا گيت ڳنهي سگهندي تون‘ ٻڌايو. ۽ پوءِ، هن جي چوڻ تي، هن کي ان نظم جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ٻڌايو، عثمانيءَ مون کي منظوم ترجمي تي ڏاڍو داد ڏنو ۽ چيائين تہ ’اوهان اردو تہ ڏاڍي چڱي ٿا لکو.‘

”مون جواب ۾ چيو، ’ها. فارسيءَ جي سهاري لکي ٿو وڃان. پاڪستان ۾ اردو فارسيءَ ۽ عربيءَ جي سهاري لکي ويندي آهي.‘

”اهو ٻڌي عثمانيءَ جو منهن لهي ويو ته ولي خان چيو، ’فارسي ۽ عربي ته مسلمانن جون ٻوليون آهن. مان ته چوان ٿو ته تون ته سنڌيءَ ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا ايترا لفظ ڪم آڻ، جو اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ فرق ميٽجي وڃي.‘
”مون وائڙو ٿي ولي خان ڏانهن ڏٺو، ’ولي خان تون ته. . . ولي خان تون ته. . .‘ مون من ۾ چيو، ’يا ته تون اڻ ڄاڻ آهين، ۽ هن دور جي هڪ بنيادي حقيقت کي سمجهي نه سگهيو آهين! مان ته ڀانيان ٿو ته تون ڪوي جسم الدين کي ٻه ساڳيو ئي مشورو ڏيندين.‘
”اڄ نه ولي خان جيل ۾ آهي ۽ نه هن جو ٻيو ڪوئي ساٿي. اڄ اهي نعپ وارا اردو اديب، جن سان گڏجي مون ۽ منهنجي هڪ پياري ساٿيءَ سکر ۾ ’آل پاڪستان عوامي ادبي انجمن‘ ناهي هئي، ڪٿي آهن؟ ڇا انهن جي جيءَ کي جهوٻو نه ٿو اچي؟ يا هو پنهنجي ۽ پنهنجي طبقي جي مفاد کان مٿي اڀري نه ٿا سگهن! انهن سيني کي تاريخ اڳيان جواب ڏيڻو پوندو ۽ تاريخ کي ڪو گهٽو وقت نٻڪي نه سگهيو آهي“[4]

. . . .      . . . .      . . . .

”هيرا تاريخ ناهيندا آهن يا تاريخ هيرا ناهيندي آهي، اهو هڪ ڏکيو سوال آهي: باقي غلط هيرا تاريخ جو ٻيڙو ٻوڙيندا آهن، ان ۾ مون کي ڪوئي شڪ نه آهي. ڪجهه مهينا اڳ ڪراچيءَ ۾ منهنجو هڪ سنڌي دوست مون کي عطاءُ الله مينگل جي جاءِ تي گل خان نصير سان ملڻ لاءِ وني هليو. مان جڏهن مينگل جي جاءِ تي پهتس ته معلوم ٿيو ته گل خان ستو پيو آهي. اتي هڪ چوٽيءَ جو بلوچ ليڊر وينو هو ۽ ٽيهارو مهاجرن سان گفتگو ڪري رهيو هو. منهنجي دوست اجا منهنجي سڃاڻپ مس ڪرائي ته ليڊر صاحب مون کي چيو، ’شيخ صاحب! هي ڇا جو راجا ڏاهر، راجا ڏاهر ڪيو اٿئي؟‘ مان وائڙو ٿي ويس ۽ سوال لنوائي هن کان پڇيم، ’گل خان ڪٿي آهي؟‘
”هن ٺهه پهه چيو، ’گل خان ته ستو پيو آهي، پر تون راجا ڏاهر راجا ڏاهر ڇو ٿو ڪرين؟‘
”نه ڄاڻ نه سڃاڻ، گهر آئي سان ڳالهائڻ جو عجيب ڍنگ هو!

”مون کي ڪاوڙ اچي ويئي ۽ مون هن کي چيو، ’مان راجا ڏاهر، راجا ڏاهر ڪيان ٿو يا نہ، اها ڳالهہ تہ پنهنجيءَ جاءِ تي، پر گل خان نصير لکيو آهي تہ بلوچ نمرود جي اولاد آهن: ڇا راجا ڏاهر نمرود کان بہ ويل هو؟

”هو ٿوري دير چپ ٿي ويو ۽ ڏک پڇائي ٻيو وار ڪيائين، ’پر تون تہ چوين ٿو تہ فقط سماٽ سنڌي آهن ۽ بروچ سنڌي نہ آهن.‘ مون چوڌاري ويٺل ماڻهن ڏانهن ڏٺو، جي مرڪي رهيا هئا. مون کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي، پر مون زهر جو ڍڪ پري، هن کي جواب ڏنو، ’نہ مون ائين ڪڏهن چيو آهي ۽ نہ اها ڳالهہ مون توکانسواءِ ڪنهن کان ٻڌي آهي. تون سنڌي بروچن کي سماٽن سان ويڙهائڻ چاهين ٿو ڇا؟ يا تون اهو تضاد اڀاري ڪراچيءَ جي مهاجر کي خوش ڪرڻ ٿو چاهين ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪري بلوچستان ۾ شامل ڪرڻ جا خواب ٿو لهين؟ بروچ اسان وٽ ذات آهي، قوميت نہ آهي.‘

ڪجهہ وقت مان ٽبيءَ ۾ اچي ويس. ايتري ۾ گل خان بہ اچي ويو. مان اجا گل خان سان ڳالهائي رهيو هوس تہ وري ليڊر صاحب فرمايو، ’پر تون مجيب سان ڇو ويو آهين؟ آخر اسان اولهہ پاڪستان جا آهيون، اسان کي هت پٺي سان ڳالهيون ڪرڻيون پونديون. مان چوان ٿو تہ تون سنڌ نعپ جو صدر ٿيءُ.‘

”مون سوچيو تہ اهو تہ ظاهر آهي تہ هي ماڻهو پٺي جهڙي تيز ۽ ذهين سياستدان سان ڇا ڳالهائي سگهندو، پر سچ کي هڪ عجيب قوت ٿيندي آهي ۽ جي هي سچ تي هجي ها تہ شاهد هُن سان ڳالهائي سگهي ٿا. مون وڌيڪ ترسڻ مناسب نہ ڄاتو ۽ گل خان کان موڪلايو. رستي تي مون پنهنجي دوست کان پڇيو، ’ڪامريڊ! تو ان تي ڪڏهن سوچيو آهي تہ ڇري ٻانهن ۾ ڇُوڙو لاهي ڄنگهہ ۾ ڇو وجهندي آهي‘؟“

.... .... ....

” ’اي يحيٰ خان! ڪنهن ٻاتي جي پڙهايل طوطي وانگر، توکي نہ سمجهہ آهي تہ سُر آهي.‘ مان ريڊيو بند ڪري ڇڏيان ٿو.“

.... .... ....

بي عقل کي ٻانور جي آهي پاڪر پيرن سيئن،

عقل جو، اسحاق چوي، تنهن کي ڪانُ لڳندو ڪيئن!
(هڪ سنڌي سگهڙ)

.... .... ....

فقط قبر ئي هڪ ڪٻي کي سڌو ڪري سمهاريندي آهي.
(نامعلوم)

.... .... ....

”فاشزم جي دور ۾ سرڪاري ٻوليون حرامي اصطلاح پيدا ڪنديون آهن، جي هر حلالي لفظ کان پنهنجو جائز مقام کسي وٺندا آهن.“

.... .... ....

’تنهنجو وس پڄي ته جيڪر دنيا جون سڀ آرسيون ڀڃي ڇڏين، جيئن تون انهن ۾ پنهنجو پاڻ ڏسي نه سگهين، ۽ اسان جون اکيون آرسيون آهن ۽ تون انهن کي ناس ڪرڻ ٿو چاهين، تون اسان جي لؤندڙين ۾ گوليون هڻي، انهن اکين کي مٽائڻ ٿو چاهين، جن ۾ تون پاڻ کي ڏسي رهيو آهين، ۽ پاڻ تي اٽل فتويٰ ڏيئي رهيو آهين.‘
(وڪٽر سرگيءَ جي ناول ’ڪامريڊ تليافيف جو ڪيس‘ تان ورتل)

.... .... ....

.... .... ....

’اي رات، اسان کي بگهڙ ۽ بگهاڙيءَ کان بچاءِ!
’اسان کي چورن کان اجهو ڏي!
’رات هر شيءِ کي اوندهه ۾ ڍڪيندي، هر شيءِ کي مٽائيندي اچي ويئي.
’اُف! هوءَ کهڙي نه ڪاري آهي!
’اي اوُشا! تون هن کي منهنجي قرض وانگر موکي ڇڏ!‘
(رگ ويد)

.... .... ....

’جي تو ۾ ڪوئي فخر آهي ته ان تي خوشي ڪر ته تباهيءَ جون تاريڪ قوتون بيحساب ۽ بي پناهه آهن، ڇو ته ان ڪري تنهنجي آدرش کي ڪنهن به اميد کان

سواءِ گهارڻو پوندو ۽ ان ڪري ئي ان ۾ شجاعت نظر ايندي ۽ تنهنجي روح جو الميو عظيم لڳندو.'
(هڪ يوناني اديب)

.... .... ....

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي،
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱارَ
ڏوڏيا تيءُ ۾ ڏارَ، جم ڪچو رڪ ڪٽيون ٿئي!
(ڀٽائي)

.... .... ....

اتر ڪنوي، ڏکڻ ڪنوي، اور ڪنوي اڄ'
ڏور ڏهاڳا ڀڄ، مينهن مندائتو آئيو.
(خليفو نبي بخش)

.... .... ....

'تاريخ ۾ ڪيئي ڀيرا ماڻهو بچاوَ جي لڙائي وڙهيا آهن، بيڪار جمهوريت جي بچاوَ لاءِ، جو ته فاشزم ان ڪان پري آهي.'

.... .... ....

'سر ڏي سچل ساجن ليوين، تل نهين هڪ تاوَڻ دا'
(سچل سرمست)

.... .... ....

'جڏهن مان انهيءَ تي سوچان ٿو ته مون کي چا ڪرڻو آهي، تڏهن مان هڪ عقاب وانگر هوا ۾ پرواز ڪيان ٿو ۽ مون کي محسوس ٿئي ٿو ته مون ۾ پوري پهاڙ کي هٽائڻ جو ٻل موجود آهي.'

.... .... ....

'وقت اها تي ويل، دوئيءَ دور ڪرڻ جي'
(سچل سرمست)

.... .... ....

”جنهن ڏينهن انسان آزاديءَ جي اميد پلي ڇڏي، ان ڏينهن قيامت ايندي، ڇو ته زندگيءَ جي وجود لاءِ ڪوبه ڪارڻ نه رهندو.“

.... .... ....

’انسان ذات، پنهنجي هر اونداهي دور ۾، اهڙي ويساهه ڪان سواءِ نه رهي آهي، جنهن ڪانسواءِ ماڻهو تڳي نه سگهي ۽ جنهن لاءِ ماڻهو مري نه سگهي.‘

.... .... ....

’سسيءَ لٽي سوپ، جي هوندِ پايان پاند ۾‘
هي جڳ سوڏو لوپ، هو پڻ گهوريو گهوريان.
(نبي بخش)

.... .... ....

”اي ڏرو تارا! جئن تون هڪ هنڌ ٽر ڪري بيٺو آهين، تئن آءٌ به ٽر پايان.“

.... .... ....

”اي ڪوتا! تون اگنيءَ وانگر ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ تي هڪ پل آهين، جنهن تان منهنجو من اڪري، پنهنجي سرڳ ڏانهن وڃي ٿو، جتي سدائين اجالو آهي.“

.... .... ....

”اي ڏات! تون هڪ ڇؤمڪو ڏيئو آهين، توکي ڪوئي واچوڙو وسائي نٿو سگهي.“

.... .... ....

”اڄ ته پنهنجي ٻوٽي ٻوٽي ڪوري ڪوئي وڏو ڄج ڪيان“

.... .... ....

’اها تباهيءَ جي رات هوندي آهي جڏهن ڪوئي انسان سچ ڏسندو آهي ۽ اهو خودفريبيءَ جو پهر هوندو آهي. جڏهن هو ماڻهن جي عقل تي اعتبار ڪندو آهي. ڪنهن لاءِ اهو چئبو آهي ته ’هو اڪيون ڪولي سچ ڏانهن وڃي رهيو آهي“ ان شخص لاءِ جنهن جو رستو ماڻهن ليڪي سڌو جهنم ڏانهن وڃي ٿو. آخر جيڪي شمار ۾ آهن، اهي انهيءَ ماڻهوءَ کي ڪيئن ڇيڪ ڇڏيندا جنهن سچ ڄاتو آهي، توڙي اهو سچ ڏورانهن ستارن جي باري ۾ ئي ڇو نه هجي!‘

(جرمن ناٽڪ نويس برٿالٽ بريچٽ ’Bretlot Brecht‘ پنهنجي ناٽڪ ’گئليلو جي زندگي‘ ۾)

.... .... ....

’ڇا تون بالشيوڪ آهين؟‘

’نالي جي ڪري ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ هتي نالي جو سوال نہ آهي، حق ۽ انصاف جو سوال آهي. ماڻهو سچ ڄاڻڻ چاهين ٿا، پر سچ کي سدائين دفنايو ويوآهي، مٽيءَ ۾ پوريو ويو آهي. چون ٿا تہ سچ ڪيتري وقت کان مري مردو ٿي چڪو آهي.‘

(ميخائيل شولوخوف ’۽ ڊان وهندي رهي‘ ۾)

.... .... ....

”جي توکي تاريخ جو شعور آهي، تہ تون اهو سمجهي سگهندين تہ بُرائي پاڻ کي ناس ڪندي آهي.“

.... .... ....

’تاريخ هڪ ور وڪڙ ڏاکڻ وانگر تہ وجي سگهي ٿي، پر اها گول چڪر نہ ڪاٽيندي آهي، ۽ اتي موٽي نہ ايندي آهي جتان هلي هئي.‘

.... .... ....

’مون کان ڇمي اهو وٺي،
جنهن غلاميءَ کي طلاق ڏني هجي.
(هڪ پشتو ٽپو)

.... .... ....

”حقيقت کي ڦيرائي سگهين يا نہ: اهي اکيون ڪڏهن بہ نہ ڦيرائجانءِ، جي حقيقت کي ڏسن ٿيون.“

.... .... ....

’زندگيءَ سان منهنجي معاهدي ۾ معياد جو ڪوئي فقرو نہ آهي، ۽ ان ڪري خطرناڪ لاهين تي مان واڳون ڊليون ڇڏي ڏيندو آهيان.‘

.... .... ....

’چڱو ڪارج توڙِي ڪنهن ڏورانهينءَ سج ۾ ڪيو وڃي، ان جو اثر ساري سنسار تي پوندو.‘

.... .... ....

.... .... ....

”سنڌ جي پيڙا هڪ سمنڊ آهي
اٿاهہ، اجهاڳ سمنڊ:
ان جي اونداهين لهرين ۾ لڙهي رهيو آهي
منهنجو من،
پنهنجي ات انڌوڪار ۽ دک ۾.
اجهو هو ٻانهون هڻي، سڏي رهيو آهي
سوجهري کي،
اجهو هو ٿڪجي چوُر ٿي پيو آهي،
۽ اونهي جي اوندهہ ۾ ٻڏي ويو آهي.“

.... .... ....

’هي جي لَڪَ، هو جي لڪ، مون ماريندا لڪ،
ڪيچ نہ اوڏيءَ چڪ،
مون ماريندا لڪ،
(پنائي)

.... .... ....

.... .... ....

”اڄ منهنجي من ۾ ڪويتا سوئا گائين جي ڪير سان پريل اوهن وانگر آهي.“

.... .... ....

’هي لپيءَ جا اکر مون کي ديچڙو ڏيئي چڏيندا آهن. اهي ميسڻا، نرجا دئيت آهن، ڏاڍا ڏنگا. تون مس جي کوهي کولي، انهن کي آزاد ڪري ڏس: ڏس تہ اهي ڪيئن تنهنجي چئي مان نڪري وڃن ٿا. پاڇوڪڙ بدون. ڪيئن نہ اهي جيئرا ٿي پون ٿا، ميڙا ڪن ٿا، ٽڙن مکڙن ٿا ۽ تنهنجيءَ مجتا کي لنوائن ٿا، ۽ جيئن

چاهين، تيئن ڪاغذ تي ڪنا ٿين ٿا ۽ پنهنجون ٿوليون ناهي بيهن ٿا. ڪارا، پچن سان ۽ سگن سان. تون اجايو رڙين ٿو ۽ انهن ڪي آزيون ڪرين ٿو، هو پنهنجي من ماني ڪندا رهن ٿا. نچندا ٽپندا، هو نر لجائيءَ سان تو اڳيان جوڙِي جوڙي ٿي اچن ٿا، ۽ جيڪي ڪجهه تو چوڻ نه ٿي چاهيو، هي چترائيءَ سان چئي وجن ٿا، ۽ جو ڪجهه تنهنجين انترين ۾ تڙڦي رهيو آهي ۽ انسان ذات تائين پهچڻ چاهي ٿو، ان جي ٻڙڪ ٻاڦڻ ڪان نابري وارين ٿا.‘

. . . .     . . . .     . . . .

”ڪالهه هڪ يوناني اديب جا هينيان لفظ ڏيان ۾ کُپي ويا:

’هيلن ڇا هجي ها، جي هومر هُن ۾ ساهه نه ڦوڪي ها! هوءَ به انهن هزارن سهڻين زالن وانگر هجي ها، جي ڌرتيءَ تي آيون ۽ ناس ٿي ويون. هن ڪي به ائين ئي يڄايو وجي ها، جيئن ٻن سهڻين زالن کي اجا تائين يڄايو ويندو آهي، جي هُن جي زوريءَ ڪڄي وجڻ تي جنگ به لڳي پوي ها ته هر ڳالهه جنگ، عورت، خونريزي سڀ گمناميءَ ۾ لڙهي وجن ها، جي شاعر جو هٿ انهن تائين نه پهچي ها. هيلن پنهنجي امرتا لاءِ هومر جي ٿورائتي آهي. اهو هرمر جي ڪري آهي، جو ايوروٽاس (Eurotas) جهڙيءَ ننڍڙيءَ وستيءَ کي امرتا ملي ويئي آهي. هيلن جي مرڪ اسپارٽا جي هوا ۾ ڦهليل آهي. نه رڳو اهو، پر هوءَ اسان جي نس نس ۾ سمائجي چڪي آهي، هر ماڻهوءَ من ئي من ۾ هن کي ماڻيو آهي. اڄ تائين هر منڍ هن جي سڄ ڏڄ تي سوچي ٿي. هيلن پيار جي دانهن ٿي چڪي آهي. هوءَ صديون ٽپي اچي ٿي ۽ هر ماڻهوءَ ۾ چمين لاءِ چاهنا پيدا ڪري ٿي. هوءَ انهيءَ هر عورت کي هيلن ۾ ڦيرائي ڇڏي ٿي، جنهن کي اسان ڇاتيءَ سان لائڻ چاهيون ٿا.‘

”عجيب اتفاق آهي، مون ڪجهه سال اڳ ساڳيو خيال هينئين بيت ۾ آندو هو:

ڪنهن جي ڪنهن جي روپ مان ڪوري ڪاليداس،
آندي آهه شڪنتلا، جنهن ۾ هن جا سواس،
هر ڪنهن ناريءَ آس ’آءٌ به شل اهڙِي ٻڻان!‘

”مان ڀانيان ٿو تہ پٽائيءَ مارئيءَ کي بہ اهڙي امرتا بخشي آهي، جهڙي هومر هيلن کي بخشي آهي. مارئي بہ ڪوهہ تان ڪنئي ويئي هئي، ۽ ٿر جي ڀيءَ ڪنهن پڇايل نينگريءَ وانگر لڳي ها، جي پٽائيءَ جو هٿ هن تائين نہ پهچي ها. پٽائيءَ هن کي انسان جي روحاني آزاديءَ جو سمبل بڻائي ڇڏيو آهي. ڀر ڇا، اهو ورثو اسان کي پٽائيءَ کان مليو آهي؟ مٿين عنايت جي ڪلام ۾ بہ تہ سر مارئي ساڳئي رنگ ۾ رڱيل آهي. سچ تہ مارئي ساڳئي رنگ روپ ۽ ون واس سان پٽائيءَ کان گهٽو اڳي سنڌ جي لوڪ ادب جو حصو ٿي چڪي هئي. سنڌ جو لوڪ ادب ائين ئي منهنجو پنهنجو آهي، جيئن سنڌ جي ڌرتي منهنجي پنهنجي آهي، ان تي منهنجو بہ ايترو ئي حق آهي جيترو پٽائيءَ جو هيو. ڀر اڳ بہ تہ ڪيترن ئي شاعرن مارئيءَ جي باري ۾ لکيو آهي، مان سر مارئي ڇا لاءِ لکان؟ ڇا، مان ان ۾ ڪائي انفراديت پيدا ڪري ٿو سگهان؟ مان ڀانيان ٿو تہ جي مان وحدت الوجود جو روايتي تصور ڦيرائي سگهان تہ مان سُر مارئي ٻيهر لکڻ لاءِ وٽي پيدا ڪري سگهان ٿو. مان سُر مارئيءَ ۾ سنڌ سان وحدت الوجود جي ڪيفيت پيدا ڪيان ۽ مارئيءَ کي سنڌي حب الوطنيءَ جو هڪ مڪمل سمبل بڻائي ڇڏيان، تہ منهنجو پورهيو سجايو ٿيندو.“

.... .... ....

.... .... ....

”لڳاتار بہ مهينا ٿيا آهن، مان صبح جو پنجين بجي کان وٺي شام جي پنجين بجي تائين لکندو رهيو آهيان. پتو ئي نہ ٿو پوي تہ وقت ڪئن ٿو گذري! باک ڦٽيءَ جو جڏهن پکي پکڙ ننڊ مان اٿي چون چون ڪن ٿا، تڏهن مان جاڳان ٿو ۽ جڏهن سانجهي ٿئي ٿي ۽ طوطا لامن تي لٽڪي ماڻ ۾ اچي وڃن ٿا، تڏهن مان پنهنجا پنا اٿلائي، اهي بيت ۽ وايون بار بار پڙهان ٿو، جي مون صبح کان سانجهيءَ تائين لکيون آهن. مون کي ساري ڏينهن جي پورهئي تي پيار اچي ٿو ۽ مان هن ڌرتيءَ جو ٿورو مڃان ٿو، جنهن مون کي جنم ڏنو، جنهن اُت سڳنڌ ۽ سونهن لاءِ مون ۾ چاهيا پيدا ڪئي، ۽ مون کي اها ڏات ڏني، جا هيڏي ڪڙي ڪشٽ ۾ بہ مون کي منهنجي مڪتي ڏئي ٿي. اي آڪاس! مان تنهنجو بہ

ٿورائتو آهيان، جو هن قيد ۾ بہ مون تي تنهنجا ڏيئڙا ٽمڪن ٿا ۽ تنهنجو چنڊ مون کي پنهنجيءَ ٻيڙيءَ ۾ ڪٽي ٻئي پار اڪاري ٿو، جتي دک نہ آهي، وڇوڙو نہ آهي ۽ ماٺهوءَ جو نيچپٽو نہ آهي، جتي ماٺهو ماٺهوءَ جي رت جو پياسو نہ آهي، جتي مان روڪ ٽوڪ کان سواءِ پنهنجا سپنا ائي سگهان ٿو ۽ انهيءَ ايندڙ وقت جو آڌر ڀاءُ ڪيان ٿو، جو اجوڪي سچ جو روپوش ساٿي آهي.

”اي جندڙي! مان تنهنجا ڳڻ ڳايان ٿو، تون جو دم آهين غنيمت آهين. تو مٽيءَ کي مٺيا ڏني آهي، تو مون کي اهي گيت ڏنا آهن، جي ڏاڍي کان ڏاڍو بہ مون کان کسي نٿو سگهي. جي هي نادان مون کان ڪاغذ ۽ قلم کسي بہ وٺن ها، تڏهن بہ منهنجو من ساڳيا گيت ڳائي ها. اهي ايندڙ پيڙهيءَ تائين تہ نہ پهچن ها، پر هن بي انت سنسار ۾ اڪٺ ستارن جي جهرمر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي موجود هجن ها. هن سنسار ۾ سڀ ڪجهہ ابناسي آهي، گيت موت کان ڏاڍو آهي، ان کي ڪوبہ مٽائي نٿو سگهي.“

.... .... ....

”ڇا منهنجي سُر گهاتوءَ ۾ مچ جو پو ۽ فاشزم جو ڏر ساڳي ڳالهہ آهي؟ شاعريءَ کي انوکو منطق آهي، جو ٻئي منطق کان وڌيڪ موهيندڙ ۽ مجائيندڙ آهي.“

.... .... ....

”مون ’سهڻيءَ‘ ۽ ’سسئيءَ‘ کي ڌرتيءَ جي سونهن ڏني آهي. امراوتي آرٽ جي مورتين وانگر، انهن مان آتما جا پاڇاوان تہ ڏيکارجن ٿا، پر انهن کي پرپور سرير بہ آهن جن ۾ ملائمت ۽ تازگي آهي.“

.... .... ....

”نوريءَ ڪينجهر کي ڪينجهر ڪيو يا ڪينجهر نوريءَ کي نوري ڪيو، ان سوال جو تسلي بخش جواب مون کي اجا تائين مارڪسي فلسفو نہ ڏيئي سگهيو آهي.“

.... .... ....

”منهنجي ڏات، ڏٿ وانگر، ٿر جي مينهن ۽ اُس تي پلي آهي ۽ ان جي ڌرتيءَ مان امرت رس چوسيو اٿائين. واچوڙو ڏاڍائيءَ سان ان جو ڪنڌ نمائي رهيو آهي، پر

اها وري وري اوچي ڳاٽ سان ايري اچي ٿي. ان کي ڏوٿي ڳولي لهن يا نہ، اهو الڪو اجايو آهي. اها پنهنجا ٻچ پکيڙي، ٻي اونائيءَ سان مٽيءَ ۾ ملي ويندي.“

.... .... ....

’اديون، مون سان پيرون!
’پينر، مون سان پيرون‘
’چوندڙ ڪا هلندي؟
’اديون، مون سان پيرون!
’پينر، مون سان پيرون!‘
(هڪ سنڌي لوڪ گيت)

”منهنجي شاعري ٻڍي ۾ ٽتريءَ وانگر آهي. ان ٻوليءَ تي ماري مڙي اچن ٿا، پر انکي پڪڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“

.... .... ....

”مان موکيءَ جا سيبئي مٽ پي، هوا ۾ پرپور مستي چڙي وجان ٿو. مون کان پوءِ اچڻ وارا! توکي تيستائين ترسڻو پوندو جيستائين ٻيو مٽ چڪي، رچي ريٽو ٿئي ۽ ان ۾ ڪاريهر جي ڪاٽ اچي.“

.... .... ....

(”اهي شاعر جي پنهنجي موضوع ۽ مخصوص اظهار سبب سند ٿي ويا هجن، جن جي ٻولي هڪ مثالي ٻوليءَ جو درجو رکندي هجي، جن انسان جي فڪري سرمائي کي وڌيو هجي، جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولا ڪئي هجي، جن انسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو هجي، جن پنهنجي فڪر، مشاهدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذهن کي وسعت ۽ عظمت ڏني هجي، جن انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي هجي، جن ساپيا کي سونهن ڏني هجي ۽ سونهن کي ساپيا ڏني هجي، جي پنهنجي خاص انداز ۾ پنهجيءَ قوم لاءِ هوندي بہ سڀ لاءِ هجن هر ڪنهن سان ڳالهائيندا هجن، جن جو شعر اهڙو هجي جو نواڻ لاءِ ڪوشش ڪان سواءِ بہ نئون هجي، جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي هڪ ٿي ويا هجن، جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ

هجي جو هر دور انکي پنهنجي لکت سمجهي، جن جون تخليقي صفتون وقتي هونديون به دائمي ۽ آفاقي هجن، انهن شاعرن جي شاعري عظيم ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري ٿي.)

”هن نندي کنڊ ۾ انهيءَ معيار جا شاعر فقط ٽيئي ۽ ٽئگور ٿيا آهن. والمڪي، ويد وياس، امارو، ڪاليداس، تلسيداس، ودياپتي، ڪبير، ميران ٻائي، رحيم خان خانان، ملڪ محمد جائسي، جئديو، چنديداس، بلي شاهه، نظير اکبر آبادي، سچل سرمست، سامي وغيره، انهن کان پوءِ ٻئي درجي جا شاعر آهن.“

.... .... ....

”اڄ چئين بجي صبح جو ٽي ڄڻا ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويا. هنن ابي ڏاڏي جي پڳ جي پت رکي هئي ۽ ان لاءِ به خون ڪيا هئائون. هو تاريخ جا اُهي گمنام سپاهي هئا، جن جي نالي قومون مينار ناهينديون آهن. مان ۽ پُنو سڄي رات جاڳياسين ۽ پوڻي چئين بجي ڦاسي گهاٽ ڏانهن وياسين. اجا پکي لامن تي لٽڪي گهيرٽ ڪائي رهيا هئا، پپل، سرنهن ۽ نم جا وڻ هوا ۾ لڏي رهيا هئا ۽ رستي تي ٻنهي پاسن کان رکيل لالٽين انهن جي پاڇارن سان اک ٻوٽ کيڏي رهيا هئا. (جيل ۾ ڦاسيءَ رات ڪيئي لالٽين ٻاري رکيا ويندا آهن ته متان بجلي وسامي نه وڃي). مون رستي تان گلاب جون ڪجهه مکڙيون پٽيون، جي اُن وقت ٽڙي رهيون هيون. اسان کي اجرڪ ويڙهيل هئا ۽ جڏهن اسان ڦاسي گهاٽ وٽ پهتاسون، تڏهن اتي وينل مئجسٽريٽ اسان کي به جيل جا مقدم سمجهيو. ٽنهي قيدين کي اسان جي پهچڻ کان به ٽي منٽ اڳ ڦاسي اچي چڪي هئي. مان ۽ پُني ڪجهه وقت لاءِ هنن جي لڙڪندڙ لاش کي ڏسندا رهياسين. مون ڦاسي گهاٽ ۾ ڦري اهو به ڏٺو ته ڦاسي ڪيئن ڏني ويندي آهي ۽ ان تي به سوچيو ته موت رڳو مٽڪي جو ٺڻ آهي يا ان کان ڪجهه وڌيڪ آهي! مون کي نانا فرنويس، تانتيا ٽوپي، ڀڳت سنگهه، هيمو ڪالاڻي ۽ ٻيا ڪيئي سورهيه ياد آيا، جي ساڳيءَ ريت ماريا ويا هئا. مون گلاب جون مکڙيون هنن جي لاشن ڏانهن ڦٽي ڪيون.

”مان پانيان ٿو ته هاڻي مان پنهنجي اڌ لکيل سنگيت ناٽڪ ’ڀڳت سنگهه کي ڦاسي‘ جو ٻيو ڏيک لکي سگهندس.“

.... .... ....

’مان ڄاڻان ٿو ته اهنسا چڱي آهي، پر هن دنيا ۾ جتي نه مريادا آهي نه نياءُ، لهو وهائڻ کان سواءِ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو ڇا؟‘

.... .... ....

’موليئر ايترو عظيم آهي، جو هو هر پيري هڪ نئين انداز ۽ نئين تازگيءَ سان هڪ نئين روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي.‘
(گوئٽي)

.... .... ....

’هر ڪه بر افلاڪ رفتارش بُوَد،
بر زمين رفتن چه دُشوارش بُوَد!‘
(جيڪو آسمان تي گهمندو آهي،
ان کي زمين تي هلڻ ڪيڏو نه ڏکيو لڳندو آهي!)

.... .... ....

”جنهن کي قدرت موزون طبيعت ڏني آهي، اهو شاعريءَ جو سارو مروج فن ڇهن مهينن ۾ سکي سگهندو آهي. فقط اندر جا انڌا ان تي وڏيڪ وقت ضايع ڪندا آهن.
”عظيم شاعر بحر وزن ٺاهيندا آهن، بحر وزن عظيم شاعر ٺاهي نه سگهندو آهي.
”شاعري موزون تڪبندي نه آهي، شاعري سچيءَ زندگيءَ جو رياض هوندي آهي ۽ شاعر جي گهري مشاهدي ۽ وسيع مطالعي جو نچوڙ هوندي آهي.“

.... .... ....

”شاعر جي انفراديت ان ۾ نه آهي ته هو ڪنهن پولار ۾ پيدا ٿئي ۽ هن تي ڪنهن جو به اثر نه هجي. هن جي انفراديت ان ۾ آهي ته هو هر خوشگوار اثر قبول ڪري به سڀ کان نيارو هجي.“

.... .... ....

”ڪنهن وقت مان پانيان ٿو تہ سنڌوءَ جون لهرون لپڪي رهيون آهن، ساڌ ٻيلي ۾ چندن جي چوُنڪيءَ تي مورتيون رکيل آهن جن کي گينديءَ جا هار پيل آهن ۽ انهن جي سامهون انجلي رکيل آهي، ۽ ڪنهن وقت مان پانيان ٿو تہ مان ڪيرٿر پهاڙ تي چڙهي رهيو آهيان، منهنجا اگهاڙا پير لهولهان آهن ۽ مٿان سج ٽامڻي هڻي ويو آهي. اهي ٻيئي ڪيفيتون منهنجيءَ شاعريءَ ۾ ملن ٿيون.“

.... .... ....

”ادب فقط هڪ زلزلي جي اوزار وانگر نہ آهي، جو فقط قومي زندگيءَ جا سارا ڏوڏا ڏيکاري ٿو، پر هڪ قطب نما وانگر بہ آهي، جا منزل جو طرف ڏيکاريندي آهي.“

.... .... ....

”بنسري وسرام ۾ وڻندي آهي، جن کي ڏونگر ڏورڻا پوندا آهن، تن کي سنگ وڃائڻا پوندا آهن. سُر جي مڌرتا جو اونو اجايو آهي، ساهہ جي پوريءَ سگهہ سان وڄاءِ تہ وکون اجا بہ تکڙيون ٿين.“

.... .... ....

”لس ٻيلي جي هڪ رزمي شاعر جي جنگ ۾ هلندڙ تلوارن جي باري ۾ هڪ سٽ آهي:
’ڪوسيون ڪَپارَن ۾ چُهٽيون چَڪَ وجهن‘
”مان سنڌ جي قومي شاعريءَ جي هر سٽ انهيءَ ڪسوٽي تي پرکيندو آهيان.“

.... .... ....

’منهنجو شعر حقيقت جي باري ۾ آهي ۽ حقيقت جي زبان ۾ آهي، پر مون کي اڳ ۾ٻئي ڪنهن حقيقت کان ائين پيش نہ ڪيو آهي.‘

.... .... ....

”شاعريءَ ۾ ڪوشش جي منتها اها آهي تہ بنان ڪوشش جي لکيو وڃي.“
’رات منجهاران رُڄ، پلر پيتو روجهڙئين‘
(نبي بخش)

.... .... ....

’آتما جو بہ ٽانگر وانگر هڪ بسنت هوندو آهي، ۽ اها ٽانگر وانگر ٽڙي پوندي آهي.‘

.... .... ....

”سپنا، چانڊوڪيءَ ۾ ڳليون، جي ڪٿي نہ ٿيون ڪٽن، ۽ نہ وري مان ئي ٿڪجان ٿو.“

.... .... ....

”توڪي ڇڙي سونهن لاءِ اُڪاس آهي، پر ڇا سونهن سچ ڪان الڳ ٿي سگهي ٿي؟“

.... .... ....

”ٽاڪ منجهند آهي؛ ٻاهر ڪانوَ جي اک نڪري رهي آهي. ڇٽڪاريل پاٽي سڪي چڪو آهي ۽ ڪولي تپي تنور ٿي ويئي آهي. پکي پکڻ آڪيرن اوٽائتا آهن ۽ قيدي مانيءَ ڳپو ڪائي ليٽي پيا آهن. مان اجا ٽائين لکي رهيو آهيان. هيءَ ڪهڙي چڪ آهي، جنهن ڪان مان پاڻ ڇڏائي نٿو سگهان! هيءَ ڪهڙي سگهہ آهي، جا منهنجي رڳ رڳ ۾ ڊوڙي رهي آهي! مون کي ٿڪ بہ نٿو ٿئي، بک بہ نٿي لڳي! هتي تہ ڪائي مڏ چڪي بہ نٿي ملي، پر پوءِ بہ مان انوکي ڪيپ ۾ اچي ويو آهيان، جو ڪٿي ئي نٿو. ائين ٿو لڳي، ڄڻ گهاٽو جهڙ ڇانئجي ويو آهي، وڄون چمڪي رهيون آهن ۽ سنڌو گرجندي گونجندي مون کي پنهنجين ڇولين ۾ ڇلائيندي وڃي رهي آهي.“

.... .... ....

”هو سمجهن ٿا تہ مون کي ڪوليءَ ۾ اڪيلو بند ڪري ڪائي وڏي سزا ڏني اٿائون. پاڳل ڪنهن جاءِ جا! يلا مان اڪيلو بہ ٿي سگهان ٿو! هي ڪاليداس مون لاءِ وڪرم اروشي پڙهي رهيو آهي، هيءَ ميران ٻائي يڪتاري تي ڳائي رهي آهي، ۽ هو ڪبير مون کي دوها ٻڌائي رهيو آهي. هي منهنجو مرشد منهن مونن ۾ وجهي وينو آهي. ها ها. . . ها ها. . . هنن کي ڪهڙِي ڄاڻ تہ يٽائي بہ مون سان بند ۾ آهي!. . . ۽ هو پريان پريان جا يار، جن پيرو ڪڏهن بہ نہ پڳو آهي! هو مائڪو وسڪي، لورڪا، ناظم حڪمت، روز ميڙو لڳو پيو آهي؛ ۽ هي بنگلا

ڪوي، جنهن کي شيخ مجيب جي قوم وري ڳولي لڌو آهي، اڄ منهنجن وارن تي پنهنجا ٻاجهارا هٿ ڦيري، مون کي آسيس ڪري رهيو آهي.“

.... .... ....

”هن پيري مون سنڌ جي ڪهاڻين وارا سيئي سر ٻيهر لکيا آهن ۽ هر سر ۾ ڪنهن خيال کي ان جي توڙ تائين رسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون کان اڳ هر سنڌي شاعر هر سر ۾ وحدت الوجود جي فلسفي کي پيش ڪيو آهي؛ پر مون هر سر ۾ هڪ نئون خيال پيش ڪيو آهي ۽ ان جو سلسلو قائم رکي اُن کي گهربل نتيجي تي پهچايو آهي. پر ڇا، هن دور ۾ لوڪ ساهت ۽ لوڪ ڪٿائن سان ناتو جوڙي، ڪائي امن ساهتڪ رچنا رچي سگهجي ٿي؟ انهن لوڪ ڪٿائن اڳينءَ شاعريءَ کي ڪيترو نہ مبهم بڻائي ڇڏيو آهي! ڇا اهي ڪٿائون هن دور جي پيڙا کي اجاگر ڪري سگهن ٿيون؟ نہ فقط اهو، پر ڇا مذهبي روايتون يا ديو مالائون، مهاڀارت جون ڪهاڻيون، گيتا جا اڏياءَ يا ٻئي ڪنهن مذهبي صحيفي جا قصا ۽ کي اهم نڪتا ۽ جملا جديد شاعريءَ ۾ انسان جي روح ۽ هن جي ماحول جي عڪاسيءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا؟ اهو مسئلو فقط اسان جو نہ آهي، پر صنعتي تهذيب جي چوٽيءَ تي پهتل يورپ ۽ آمريڪا جي ادب کي ساڳيو مسئلو درپيش آهي. ڇا هو ڪلاسيڪي تجربي ۽ هن دور جي ڳهڻ ـ روپي حقيقت جي وچ تي پل ٻڌي سگهن ٿا؟ هن دور کي پنهنجي ڪائي ديومالا نہ آهي، جا شاعري اشاري طور ڪم آڻي سگهي. ڇا هو حسن جي تصور سان اهو بنيادي جذباتي ناتو قائم رکي سگهن ٿا، جو يوناني ديو مالا ۾ ملي ٿو؟ اهو هڪ زبردست مسئلو آهي، جو اڄوڪي شاعر کي درپيش آهي. دنيا نهايت تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي، تهذيبون پٽيون ٿي چڪيون آهن، زندگيءَ جا قدر بدلجي رهيا آهن ۽ مذهبن ۾ اها جان نہ رهي آهي، جو پنهنجي ڦهلاءَ لاءِ رڙي رنيي سگهن. پر پوءِ بہ ماضيءَ جون روايتون ان حد تائين زنده آهن، جو پراڻا اشارا ۽ ڪنايا، تلميحون ۽ تشبيهون، ديومالائون ۽ لوڪ ساهتيہ وري وري نئين ادب ۾ نئين رنگ روپ، معنيٰ ۽ مقصد سان آندا وڃن ٿا. مغربي شاعريءَ ۾ اُپ ڪپر ماڙن (Sky scrapers)،ريڊيو ائنٽينا (Antennae)، انجڻين جي سيٽن ۽ مشيني دور

جي ٻين ڳالھين ڪي آٽي، جديد زندگيءَ جي فوٽوگرافي تہ ڪئي ويئي آھي، پر شاعر ان ۾ اھا ڳالھہ پيدا نہ ڪري سگھيا آھن، جا روح ۾ خنجر وانگر ڪپي ويندي آھي ۽ پڙھندڙ ۾ جذبا ائين اڀري ايندا آھن، جيئن گھري زخم مان گرم خون نڪرندو آھي.

”مان پاڻيان ٿو تہ ماضيءَ جي ادبي روايتن سان ناتو ٽوڙڻ ھڪ جذباتي غلطي ٿيندي. سنڌ تہ اڃا جاگيرداري دؤر ۾ آھي ۽ ڪراچيءَ ڪان سواءِ ٻئي ھنڌ صنعتي ترقي ورلي ٿي آھي. نہ فقط ھر سنڌي پر ھر پاڪستاني ۽ ھندستاني شاعر کي پنھنجي تاريخ، تھذيب، لوڪ ادب ۽ ديھاتي زندگيءَ مان ڀرپور مواد ھٿ ڪرڻ گھرجي ۽ پنھنجي ذھانت، تجربي ۽ سياسي ۽ ادبي شعور آھر اھو مواد پنھنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪم آڻڻ گھرجي. اھو غلط آھي تہ ماضيءَ سان رشتو قائم ڪري، شاعر حال ڪان ڪٽجي ويندو. جي ھن ۾ ذات آھي ۽ سچائي آھي ۽ جي ھو پنھنجي ڀرپور جذبي، تجربي ۽ خيال کي گھرائيءَ سان لکي سگھي ٿو، تہ ھو ماضيءَ سان رشتو جوڙِي بہ حال جو ترجمان ٿي سگھي ٿو.“

.... .... ....

”اي پٿائي! تون ڪنفيوشش نہ آھين ۽ مان مائوزي تنگ نہ آھيان. اي سنڌ جا اوتار! مان تنھنجي اوتاري تي اڃا تائين مٿو ٽيڪيان ٿو.“

.... .... ....

’حقيقت شاعريءَ جو بنياد آھي؛ ھا، پر فقط بنياد ئي تہ آھي!‘

.... .... ....

---

[1] 5 مئي 1971ع.

[2] محمود الحق قصوري ٿوري وقت ڪانپوءِ ڀٽي صاحب جي ڪئ ويو، ۽ ھن جي اقتدار اچڻ ڪان پوءِ ھن جو وزير قانون ٿيو، ۽ ھاڻي اصغر خان سان ’تحريڪ استقلال‘ ۾ آھي.

[3] محمود الحق عثماني بہ ھاڻي اصغر خان سان ’تحريڪ استقلال‘ ۾ آھي.

گھڻي وقت ڪان پوءِ مون کي معلوم ٿيو تہ ڊاڪٽر خان ڪجھہ وقت لاءِ نظربند ڪيو ويوآھي. [4]

”اسان جي وارڊ ۾، اسان کان اڳي، ڪنهن وقت هڪ قيدي آيو هو، جو وقت گذارڻ لاءِ آفيم جو روڙو ڪائي، اڌ رات انبن ۽ ڄمونءَ جا وڻ ۽ گل ٻوٽا پوکيندو هو. هو ٽي سال ٽيپ ڪاٽي ڇٽي ويو. هن وقت اسان جو وارڊ هڪ پورو باغيچو آهي. ان ۾ ڪيئي انبن جا وڻ ۽ گلاب جا ٻوٽا آهن. باک ڦٽيءَ جو، جڏهن ماکيءَ جون مکيون گلاب جي گلن ۾ ڪاٺ هڻنديون آهن، تڏهن مان اٺ ڏهه گل پٽي پنهجي گلدان ۾ وجي رکندو آهيان. مون هتي اڌ رات جو مکڙيون ٽڙنديون ڏٺيون آهن ۽ پرهه جو ٽڙيل گلن تي ماڪ ڦڙا ڏٺا آهن ۽ انهن جي مهڪ ۾ ويڙهجي ويو آهيان، ۽ مون سانجهيءَ جو گلن کي مرجهائيندي ڏٺو آهي.
پوهه پورو ٿي چڪو آهي ۽ مانگهه شروع ٿي ويو آهي. انب جي هڪڙي وڻ ۾ آڳاٽو ٻور پيو آهي ۽ ان تي ماکيءَ جون مکيون اچي مڙيون آهن. هندي ادب ۽ آرٽ ۾ انب جو ٻور بسنت ۽ نئين جنم جي سرهائيءَ جي علامت پانيو ويو آهي. انب جي ٻور جي سڳنڌ مون کي پنهنجي ننڍپڻ جي ياد ڏياريندي آهي، جڏهن اسان شڪارپور جي شاهي باغ ۾ ڪنهن انب جي ڏار تي ويهي، ڪتاب پڙهندا هئاسين. منهنجو هڪ هندو هم ڪلاسي سترام به مون سان گڏ هوندو هو. هو مون کان به چڱو شعر لکندو هو، پر بي رحم زندگيءَ هن کي مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ هن شاعري ترڪ ڪري ڇڏي. 1963ع ۾ هو مون کي دهليءَ ۾ ائين پيار سان مليو، ڄڻ مون کان هڪ ڏينهن اڳي وڇڙيو هو. ڇا هو اڃا تائين جيئرو آهي؟ ڪيئن چئجي! ڪيترن ئي سالن کان منهنجي خط و ڪتابت تي بندش آهي. هاڻي ته ديوار اوچي ٿي، وچي اُپ سان لڳي آهي. پر منهنجو من ڏاڍو چاهي ٿو ته هو جيئرو هجي ته جيئن مان ڪنهن وقت هن سان ملي، پنهنجي ماضيءَ کي ڀرپور زندگي ڏيئي سگهان. انسان تاريخ اڳيان ڪيترو نه بيوس آهي. تاريخ، جا مست هاٿيءَ وانگر هر شيءِ کي لتاڙيندي ٿي وڃي!
”هن آفيمي قيديءَ اُهي وڻ ٻوٽا پوکي، مون کي کهڙا نه پيارا جذبا ۽ منڙيون يادگيريون موٽائي ڏنيون آهن. مان هن جو ٿورائتو آهيان ۽ مون کي هن جي آفيم کائڻ تي ڪوئي اعتراض نه آهي.“

.... .... ....

.... .... ....

”شاعري اُنهيءَ درخت وانگر آهي، جنهن کي پنهنجيءَ ڌرتيءَ مان پٽي، جي ٻيءَ ڌرتيءَ ۾ لڳايو ويندو آهي، ته ان جي ميوي ۾ ساڳي لذت نه رهندي آهي. هڪ پيري اردوءَ جي ترقي پسند شاعر، حسن حميديءَ، مون کي سنڌي هاريءَ تي اردوءَ ۾ هڪ نظم ٻڌايو. ان نظم ۾ هن ’نان جوين‘ (جَون جو نان) لفظ ڪم آندو هو ۽ مقصد اهو هوس ته سنڌي هاري ’نان جوين‘ جي تلاش ۾ سرگردان آهي. جڏهن نظم پورو ڪيائين، تڏهن مون هن کي چيو، ’حميدي! سنڌ ۾ ٿو رهين يا ايران ۾؟ تو علامه اقبال جي هن شعر مان ”نان جوين“ لفظ اڌارو ورتو:

جسڪي نان جوين بخشاندي تونڪي
اسڪي بازوئڪي حيدر بهي عطا کر.

علامه اقبال اهو لفظ سعديءَ جي هن شعر تان اڌارو ورتوهو:

اي سير! ترا نان جوين خوش نه نمايد
معشوق منانڻ است ڪه نزديک تو زشت است

پر پيارا سنڌ! ۾ ته جون جو نان گهوڙا ڪائيندا آهن. متان سنڌيءَ هاريءَ کي اهڙِي ڳالهه چوين‘!“

.... .... ....

”ڪلهه رات مان ريڊيو تي امير خسروءَ جي ايجاد ڪيل ’بهار راڳڻيءَ‘ جا هي ٻول ’ڪلين سنگ ڪرت رنگ رلين‘ ٻڌي، جهومي رهيو هوس، ته اردوءَ وارن چا وجايو آهي، چا پاتو آهي! چا هو فياض خان جا هي ٻول ’باجو بند کُل جائي‘، ’ڪاهي ڪو جوني بنائيو بتيان‘ يا اسد علي خان جو نٽ ڀهاڳ جو خيال ’جهنن جهنن پايل باجي‘ ۽ جئه جئه ونتيءَ جو خيال ’لاڳي نين موري پيا ڪي دواري‘ اهو چئي رد ڪري ڇڏيندا ته اهي ٻول پاڪستاني اردوءَ ۾ نه آهن! چا هو سوامي هري داس بيجو باورا ۽ تانسين کي انهيءَ ڪري ڌڪاري ڇڏيندا، جو هو مسلمان نه هئا!“

.... .... ....

تال سوک کر پنڙ پيو، هنس کهين نہ جاءِ،
پڇلي پريت کي ڪارني ڪنکر چن چن کاءِ.
(ڪبير)

.... .... ....

”مان غالب جي ساري شاعري ردي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽي ٿو ڪيان ڇو تہ هن بهادر شاهہ ظفر اڳيان هيئن ليلڙاٽيون ڪيون هيون.
آپ کان بنده اور پهرون ننگا!
آپ کان نوکر اورکهاڻ ادهار!
”۽ جڏهن ساڳئي بهادر شاهہ ظفر کي انگريز قيد ڪري رنگون وٺي ويا هئا، تہ غالب ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ ادنيٰ آفيسر، بيدن (Cecil Bedin)، کي هڪ قصيدو لکي موڪليو هو، جنهن ۾ هي شعر بہ هيو.
حيف باشد کہ ز الطاف تو ماند محروم،
همچو من بنده ديرين و نمک خوار کهن‘
(حيف آهي، جي تنهنجيءَ مهربانيءَ کان محروم رهجي وڃي، مان جهڙو پراڻو ٻانهو ۽ جهونو نمڪ خوار!)“

.... .... ....

”رات ريڊيو تي ’غالب کي دربار آم‘ پروگرام ٻڌي رهيا هياسين. ’فيض‘ جي صدارت ۾ ڪيترائي شاعر ۽ اديب ’غالب‘ تي ۽ هن جي انبن سان رغبت تي شعر ۽ مضمون پڙهي رهيا هئا. هنن لاءِ انبن جي دعوت بہ ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ پاڪستان جا قسمين قسمين انب آندا ويا هئا. جنهن وقت هو انب چوسي رهيا هئا، ان وقت اوير پاڪستان جا لکين ماڻهو، ڳڀرو، ٻار، ٻڍا ۽ زالون، سرحد ٽپي، هندستان وڃي چڪا هئا. ۽ لکين ماڻهو پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏي، هِت هُت پٽڪي رهيا هئا. مون ان وقت ٿڌو ساهہ ڀري سوچيو هو تہ ’شاعر بہ ذلت جي تري ۾ ائين ئي ڪري سگهن ٿا، جيئن ٻيا ماڻهو. تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جڏهن ڪوٽي ۽ کري جي پرک ٿيندي، تڏهن هي چلڪٽا سڪا ڪوڏيءَ جي ملهہ بہ نہ ويندا.‘

”پتائي جا هينيان ٻه بيت تاريخ سان بي ذميدار شاعرن لاءِ هڪ امر اطلاع آهن:
’ايءُ نه پانن پير، جو ڪينر ڪيري ٽنگيو‘
’سونهاري صبوح سين وجهي ونين وير‘
’توڪي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو!

’مون در چڙيو مڱڻا، مکين ڪوه ٻيا؟
’تڏهن تو پيا، وچيان ولها ڏينهڙا‘.‘

.... .... ....

”اٺويهين صديءَ ۾ فرانس جو زبردست سياسي دانشور ٽئلي راند (Talley rand) ميرابو (Mirabeau) لاءِ چوندو هو ته ’هو پنهنجو روح پسي لاءِ وڪڻي رهيو آهي، ۽ نيڪ ڪري رهيو آهي، ڇو ته هو ڇيڻو ڏيئي سون وٺي رهيو آهي‘.“

.... .... ....

”هڪ چينائي چوڻي آهي ته ’هڪ وڏي يُگ ۾ رهڻ کان وڌيڪ ڪوئي سراپ ٿي نٿو سگهي.‘ مان پانيان ٿو ته اهو سراپ ئي شاعر جي وڏي ۾ وڏي پرک آهي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي جوش مليح آبادي ۽ اردوءَ جا ٻيا شاعر اڳتي هلي پرکيا ويندا.“

.... .... ....

”معلوم ٿيو آهي ته پنجاب جا ٻه شاعر، احمد سليم ۽ حبيب جالب، جيل ۾ وڌا ويا آهن. احمد سليم منهنجن ڪيترن ئي نظمن جا پنجابيءَ ۾ ترجما ڪيا هئا ۽ حبيب جالب اردوءَ ۾ مون تي هڪ نظم لکيو هو. پڳت سنگهه جي ڌرتيءَ تي ڪي ته سچ چوڻ وارا آهن! انهن جي گرفتاريءَ جو ٻڌي، منهنجو انسان جي بنياديءَ نيڪيءَ ۾ ايمان تازو ٿي ويو آهي. ها، عبدالله ملڪ جي گرفتاريءَ جي باري ۾ مون اڳ ئي ڪٿي پڙهيو هو.“

.... .... ....

.... .... ....

’جڏهن ٻه مان آرٽ جو نالو ٻڌان ٿو، منهنجو هٿ پستول ڏانهن وڃي ٿو.‘

(نازي گيسٽاپو جو سرواڻ، هرمن گوئرنگ)

. . . .    . . . .    . . . .

”ٿامس مئن (Thomes Mann) هڪ جرمن يهودي هو. هن ٻيءَ عالمي جنگ کان ڪجهه وقت اڳ هٽلر کي لکيو هو، ’تون پنهنجيءَ پوريءَ قوم کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي رهيو آهين.‘ اهو خط دنيا جي عظيم خطن مان آهي. پر ٿامس مئن هٽلر جي پَوَ کان آمريڪا ڀڄي ويو هو ۽ اتان اهو خط لکيو هئائين. ڪِل جهڙي ڳالهه آهي. لکين جرمن يهودي گئس چيمبر ۾ ماريا ويا، پر ٿامس مئن نه فقط ڀڄي بچي ويو، پر هن کي نوبل پرائيز به مليو.

”ائني فرئنڪ به ڀڄي وڃي ها ته شايد هوءَ ٿامس مئن کان به وڏي ناول نويس ٿئي ها. فن کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائڻ لاءِ وڏي جِمار ڪيڏي نه ضروري آهي! هو عظيم مارڪسوادي جينيس، ڪرسٽافر ڪاڊويل، به ته اسپين ۾ فاشزم خلاف لڙندي جوانيءَ ۾ مئو هو. ڪيڏيون نه سياسي، سائنسي ۽ ادبي صلاحيتون هيون هن ۾! پر ڇا، حق ۽ انصاف جي جنگ کان ڀڄي، ڪوئي به عظيم ادب تخليق ڪري سگهي ٿو؟ ۽ جي ڪري به سگهي، ته ڇا هن لاءِ اهو سودو مهانگو نه آهي؟ انساني عظمت کان سواءِ فن جي تخليق ڇا ڪبي! ۽ اها عظمت ته انهيءَ گهڙيءَ جي حاصلات آهي، جڏهن انسان ظلم جو مقابلو ڪندي، موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏئي ٿو. سچ چوڻ لاءِ پوري زندگي ضروري نه آهي. فقط هڪ ئي گهڙي ڪافي آهي. اها گهڙي پنهنجي عظمت جي مهر تاريخ تي هڻي وڃي ٿي. اها ئي ڳالهه آهي ته فن کي توڙ تائين پهچائڻ لاءِ زندگي ضروري آهي.

”ٽئگور، جي فقط ’مالهي‘ لکي مري وڃي ها، ته ماها ڪوي نه ٿي سگهي ها. پر ڪانئرتا به ته ڪويتا جو موت آهي. ڇا دنيا جي تاريخ ۾ ڪوئي ڪانئر به مها ڪوي ٿيو آهي؟ هر عظيم شاعر آزاديءَ جو پروانو هوندو آهي، ۽ پروانو ان تي نه سوچيندو آهي ته هن جي موت وقت شمع ڪيترو پگهرجي چڪي آهي.“

. . . .    . . . .    . . . .

. . . .    . . . .    . . . .

”اڱين پيڙھي گھڻو ڪري ڇڙي چنگھي، مري چُڪي آهي. ڪالھوڪا رهبر اڄوڪا رهزن سمجھيا وڃن ٿا ۽ چگو ٿيو. اهائي ته تاريخ جي جدليات آهي.“

.... .... ....

”موت هڪ نهڪر آهي، موت واڌوءَ جي نه، ڪٽ جي نشاني آهي، وجود فقط زندگيءَ جو آهي.“

.... .... ....

”آزاديءَ جا سوڙها پيچرا ڪنهن نه ڪنهن وقت شاهي رستي ۾ ملندا آهن.“

.... .... ....

”مان تنهنجي ماضيءَ جي ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر آهيان. تنهنجو حال اها نمرود جي آتش آهي، جنهن کي مان اڪيلو نه وسائي ٿو سگھان ۽ نه ان کي گلزار بڻائي ٿو سگھان، پر جي تون به مون سان گڏ ان ۾ ٽپي پوين، ته دنيا ۾ ڪجھ به امڪان جي حد کان دور نه آهي.“

.... .... ....

”پنهنجو قوميت جو تصور چندن جي پاڙ جهڙو آهي، جنهن جي چوڌاري ڪاريهر ڦڦڪاري رهيا آهن.“

.... .... ....

منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاھ مَ ڪرهو!
(پٽائي)

.... .... ....

آلي بن کي لاڪڙي سلگت هون دن ربن،
(مان آلي بن جي ڪاني آهيان، ۽ ڏينهن رات ٻري رهيو آهيان.)

.... .... ....

”جي شاعري پيغمبري آهي ته اها صليب تي چڙهڻ کان سواءِ نه ملندي آهي.“

.... .... ....

”ڪير ڄاڻي ته پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي رت ۾ اهو ڇا پلجندو اچي ٿو، جو اوچتو ڪنهن انسان مان اپري، لفظ، رنگ يا پٿر کي زندگي بخشي ٿو!“

. . . .     . . . .     . . . .

”هي دنبورو ڪوئي هر نہ آهي، جو ان ڪي جنهن وقت بہ چاهيان تہ هلائي سگهان. هي وحشي هرڻ آهي، ۽ ڪوئي بہ هرڻ ڪي سگْن ڪان وني، ڇال ڏيڪاري نہ سگهندو آهي. ڇال لاءِ ترائيءَ جي سوجهہ، پلر جي پياس ۽ اندر جي اڇل ضروري آهي.“

. . . .     . . . .     . . . .

”اڄ تہ چنگ، ڪنهن نؤورنيءَ جي ڇپن وانگر، منهنجن چپن تي ڪيپ ۾ اچي ويو آهي.“

. . . .     . . . .     . . . .

”اڄ تہ شاعريءَ منهنجي من ڪي ائين قابو ڪيو آهي، جيئن شڪري جي ڳڇيءَ ۽ پيرن جا گهنگهرو ڇم ڇم ڪندا آهن، جڏهن هو ڪبوتر تي جهٽپ ڏيندو آهي.“

. . . .     . . . .     . . . .

’نرنيءَ لوئي نل، سرڪنڊ سان سرها ڪيا‘
(ڪنيار)

. . . .     . . . .     . . . .

اڌ رات جو ڪيڏانهن ٿي وڃين؟
پنهنجي پرينءَ ڪي ملڻ،
هيڪلي ويندي، توڪي ڊپ نٿو ٿئي،
مان هيڪلي ڪٿي آهيان، منهنجو پيار، جو مون سان گڏ آهي!
(امارو)

. . . .     . . . .     . . . .

ويا سي عميق ۾ منهن ڪائو ڏيئي ـ‘
(پٽائي)

. . . .     . . . .     . . . .

”امرت ويلو آهي. صبح جا چار لڳا آهن. مون مومل راڻي جا بہ چار بيت لکيا آهن. ائين ٿو لڳي، جڻ سوم ـ رس جا بہ چار مٽڪا پي ويو آهيان.“

.... .... ....

رئندي رات وهاءِ، چڪائيندي ٻنيون ـ؛
(پيٽائي)

.... .... ....

”اي سنڌ! جيڪڏهن مون کي ڪنهن سگهڙ وٽ هڪ اڌ لفظ، هڪ اڌ ٻول نظر آيو آهي، ته اهو مون هن ڪان ڪسيو آهي. مون تو لاءِ سچا ڦريا آهن ۽ پينگين کي ڪاٽ هنيا آهن. مون رتي رتي ڪري ميڙي آهي، ان کي ڌوڙ ڌئي وانگر سونجهي صاف ڪيو آهي، ۽ تو لاءِ جهوني ڪان جهونا ۽ نئين ڪان نوان ڳهڻا گهڙي، توکي ڪنوار وانگر سينگاريو آهي، نه رڳو مون کي ڪوئي سڳ سوڌو پڪڙي نه سگهيوآهي، پر مون ڪٿي به پنهنجا پيرا نه ڇڏيا آهن. مان پنهنجا هاجا پاڻ ٿو باسيان، نه ته مون تي ڪوئي گواهه نه آهي.“

.... .... ....

”منهنجي ذات جڏهن به ڪنهن ڪامڻيءَ تي گهائل مائل ٿيندي آهي، تڏهن هن جي هڪ ڇڄ وڏي پاڻ وٽ رکي ويندي آهي.“

.... .... ....

”اي ذات! تون ڪيستائين پَٽَ ـ ڪينئن مان پَٽُ اُٽندي رهندينءَ؟“

.... .... ....

”پيٽائيءَ ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ۾ وڏوشاعر ’سامي‘ منهنجو ڳوڻائي هو. هو منهنجيءَ شخصيت جو هڪ پراسرار حصو ٿي رهيو آهي. جڏهن به ماحول مون ڪان ڏاڍو ٿي ويندو آهي، مان ’ساميءَ‘ ڪان سام گهرندو آهيان، هونءَ منهنجو ’ساميءَ‘ سان سدائين جيهڙو هوندو آهي ۽ مان هن جي ويدانت ڪان لهرائيندو آهيان. اڄ جڏهن مان موت جي منهن ۾ پهچي چڪو آهيان، ’سامي‘ وري مون کي پناهه جو پاند آڇي رهيو آهي. چا، مان هن ويدانتيءَ مان جان ڇڏائي نه سگهندس؟ چا مان اڪيلو، بي پوَ موت کي اکين ۾ گهوري نه ٿو سگهان؟ هو ڪيڏا نه ترڪڻ وارا تڙ ڏسي رهيو آهي! چا، مان سڌو ڇلانگ ڏيئي، ڇولين جي پاڪر نٿو وجي سگهان؟ اڄ ’ساميءَ‘ سان منهنجو پويون جهيڙو آهي، يا ته مان

هميشہ لاءِ هن جي آڻ مڃيندس يا هن کي پاڻ مان تڙي ڪڍندس. پر ڇا اسان ٻئي نهي نٿا سگهون؟ ڇا اسان ۾ ايڏو وڏو مت ڀيد آهي؟ ڇا ويدانتي ناستڪ جو نهنو نانءُ نہ آهي؟“

.... .... ....

”هڪ ڀيري اسان منيءَ کان ننگرپارڪر جيپ ۾ وڃي رهيا هئاسين. لونڊار نالي ڳوٺ ۾ هڪ چاءِ جو هوٽل هو، جتي اسان جيپ روڪي. اوچتو ڀريان سريلو آواز آيو، جو منهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ ڇري وانگر پيهي ويو. مون ڪنائي ڏٺو تہ ٻہ ٽي فرلانگ پري ڪي هاري ڪيت ۾ ڳائي رهيا هئا. اسان ڪيڙيءَ مان پنڌ ڪري، ان کيت وٽ پهتاسين. ان وقت آڪاس آڳميل هو ۽ اتر اوڀر ۾ ٻڪرال ڀهڪا ٿي ڪيا. ڪيت ۾ ڪجهہ ڀيل نڪر گڏ ڪري رهيا هئا. وڄ جي چمڪاٽن سان هنن جي ڪنن ۾ ڀيل گوڪرو ۽ مرڪيون چمڪي رهيون هيون ۽ هو هڪ عجيب سر ۾ ڳائي رهيا هئا.

آڙنگيو آيي مان
اوندو گجي ٿو گاجڙلو
همرچي جو ويلو
ٿڌي مند جو وائرو لڳو. . .

”جنهن وقت هنن ’همرچي جو ويلو‘ لفظ ٿي چيا، تنهن وقت لُونءَ لُونءَ مان صدين جا سيسرات ٿي ايري ويا. اهو همرچو ٻڌي ڪهڙو ڪافر چوي ها تہ سنڌ جي منفرد ثقافت کي اهميت نہ آهي!

”اڄ مون هڪ لوڪ گيت ’نئون همرچو‘ لکيو آهي.“

.... .... ....

ماٺهوءَ جي رت ۾ هن ڌرتيءَ جي آڳانجهيءَ آجيوڪا سان ڪوئي ڳوڙهو ڳانڍاپو آهي. مون جڏهن رگ ويد ۾ وايو، اوشا، راتڙيءَ، اندر وغيره جي باري ۾ گيت پڙهيا هئا، تڏهن منهنجي لُونءَ لُونءَ ڪاندارجي ويئي هئي. مثال طور انهن گيتن ۾ رات کي هڪ ’ڪارو واڙو‘ چيو ويو آهي، جنهن ۾ چلڪندڙ گانيون بند آهن، اوشا هڪ گوالي جي روپ ۾ پرگهٽ ٿئي ٿي ۽ واڙي جو ٻنڊو کولي ڇڏي ٿي،

۽ گانيون گد گد ٿينديون، ڇلانگ ڏينديون، ٽڙي پکڙي وڃن ٿيون، اهي گانيون سچ جا شعاع آهن. اهڙا گيت مون تي اهو اثر ڪندا آهن، جو قلندر شهباز جي درگاهه تي ڌمال جو آواز پيدا ڪندو آهي، جڏهن زائر اڳيئن شو _ پنڻين وانگر جهومندا آهن. مون ڪي هڪ مغربي نقاد جو هينيون نڪتو ڏاڍو وڻيو هو. 'ڪويتا ٻوليءَ جي پردي پنيان ڪنهن پراچين شبد جو پراهون پڙاڏو آهي'."

.... .... ....

"جرمن ليکڪ هاف مئن (Hoffman) چوندو هوته سنگيت ٻڌي، هن ڪي سر، ون ۽ واس ۾ هڪ ڳجهو ۽ گهرو ناتو نظر ايندو آهي. هن ڪي پڪ هئي ته انهن سيني ڪي روشنيءَ جي ساڳئي تروري جنم ڏنو آهي، ۽ اهي اننت ۾ ڪٿي ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. گهاٽن ڳاڙهن گلن جي سڳنڌ هن تي هڪ عجيب اثر پيدا ڪندي هئي ۽ هو ڪنهن سپني ۾ اچي ويندو هو ۽ ائين پائيندو هو ته پريان ڪنهن ناد مان آواز اچي رهيو آهي. هن ان حد تائين چيو هو ته 'اها ڪائي نلهي چوٽي نه آهي، جي ڪوئي سنگيت ڪار ائين چوي ته "سر جي روپ ۾ ون ۽ واس هن جي اندرينءَ سوجهه ٻوجهه تائين پهچي ٿو".'

"مان پانيان ٿو ته هو نيڪ چوندو هو. هڪ سنگيت ڪار ون ۽ واس ڪي سر ۾ بدلائي سگهي ٿو ۽ سر ڪي ون ۽ واس ۾ بدلائي سگهي ٿو."

.... .... ....

'ٻولي، جا حسن ۽ معنيٰ جو گهر آهي، انسان لاءِ پاڻ ئي سوچي ٿي ۽ پاڻ ئي ڳالهائي ٿي، ۽ پنهنجي ٻاهرئين ٻول سان نه، پر پنهنجيءَ اندرينءَ وهڪ جي ٽک سان موسيقيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿي. پوءِ ڪنهن ڀرپور نديءَ وانگر، پنهنجيءَ ٽک سان پٿرن ڪي چمڪائيندي ۽ پن _ چڪيون ڦيرائيندي، ٻوليءَ جي وهڪ پنهنجي طور طريقي سان ترنم پيدا ڪري ٿي ۽ ڪيئي صورتون ٺاهي ٿي، جي اجا تائين نه ڳوليون ويون آهن ۽ نه سوچيون ويون آهن ۽ نه وري انهن ڪي ڪوئي نانءُ ڏنو ويو آهي. ان وقت يوري (Yury) محسوس ڪندو هو ته هن جي ڪم جو گهڻو حصو هن پاڻ نه ٿي ڪيو، پر اهڙيءَ طاقت ٿي ڪيو، جا هن کان مٿانهين هئي ۽ هن ڪي ضابطي ۾ رکي رهي هئي.'

(پيسترنڪ ’ڊاڪٽر زواگو‘ ۾)

.... .... ....

”جنوري 1964ع ۾ مان ۽ منهنجا ڪجھ دوست نربدا نديءَ جي ڪناري تي پاٽيءَ ۾ پير پچائي رهيا هياسين. اڇو اجرو پاٽي گجگاٽ ڪندو وهي رهيو هو ۽ ندي تري تائين نظر اچي رهي هئي. ٿوري پنڌ تي مالوا جي روپ متيءَ ۽ باز بهادر جو محل هو. وقت ان کي جهوري کنڊر بڻائي رهيو هو. اڄ مون کي اها ندي ياد اچي رهي آهي، جنهن جي اوجر ۽ اڇاڻ کي ماڻهوءَ جا ميرا پير مٽائي نہ ٿي سگهيا، ۽ مان سوچي رهيو آهيان تہ منهنجيءَ شاعريءَ بہ تہ اهڙو ئي محل بڻايو آهي ۽ ان مان پيار جي سڳنڌ ۽ سنگيت جي مڌرتا دور دور تائين ڦهلجي چڪي آهي. ڇا زندگيءَ جون قاتل قوتون ان کي مٽائي مٽيءَ جو ڍير بڻائي ڇڏينديون، ۽ ڪجھ صدين کان پوءِ ان وٽ بيهي، ڪي ياتري ٿڌو ساھ ڀريندا ۽ ڪنهن نئين محل بڻائڻ لاءِ سوچيندا؟“

.... .... ....

”منهنجي ڪوتا توکي امر بڻائي ڇڏيو آهي. مان تنهنجي پيار جو فرض چڪائي چڪو آهيان، هاڻي تنهنجي سار مون کي ستائيندي نہ آهي.“

.... .... ....

’جڏهن ڪنهن شاعر جي ڄمار وڏي ٿي ۽ هو گهريءَ نگاھ سان هر شيءِ کي ڏسڻ لڳي ٿو، تڏهن انهيءَ هر ڳالھ جي، جنهن کي ماڻهو سونهن چون ٿا، ۽ سرير جي هر ڪامنا جي، هن لاءِ اهميت گهٽجي ٿي وڃي. جنهن کي دور رس نگاھ آهي ۽ جنهن زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون آهن، ان لاءِ رڳو بسنت ئي پياري مند نہ آهي ۽ نہ وري سرءُ ئي سڀ کان بري مند آهي. اڳتي هلي، هو سونهن کي سرير جي ترمتيءَ لاءِ نٿو ڳولي استينڊال (Stendhal)هڪ هنڌ چيو آهي تہ ”اڳتي مون لاءِ سونهن اها شيءَ هوندي، جا ٻاجهاري هوندي، جا منهنجي ڪارج جي گهٽگهري ۽ منهنجي پروسي جي ٻانهن ٻيلي هوندي ۽ جنهن کي منهنجي سوجھ ٻوجھ سان ات اڪنڊ هوندي. اڳتي مون لاءِ ڪوجهائي رڳو ڏاڍ، لوڀ، ڪوڙ ۽ مورکتا ٿيندي“.‘

(ايندبِ اسٽارڪي ’بودليئر جي زندگي‘ ۾)

.... .... ....

”اڄ منهنجو پٽ، انيس، آيو هو. هن چيو تہ ’ڪالهہ رات گهر ۾ چور ٽپيا ها. اسان ڪوٺي تي سٽل هياسين. ڪڙڪي تي امان کي جاڳ ٿي ويئي ۽ هن ڪٺهڙي کان هيٺ ڏٺو تہ ٽي ماڻهو بيٺا هئا. پوءِ هن ”چور، چور“ جون دانهون ڪيون، تہ مون کي جاڳ ٿي ويئي. مون سيرانديءَ کان رکيل روالور ڪڍي هوا ۾ فير ڪيو، تہ چور ڀڄي ويا. پر شور تي جيئن روحي جاڳي، هن جو اڌ ڌڙ نستو ٿي ويو ۽ اڃا تائين ڪٿ تان اٿي نٿي سگهي. ڊاڪٽر چون ٿا تہ هن تي هراس جو اثر ٿيو آهي ۽ جي هن کي ڪوهہ مريءَ يا ٻئي ڪنهن شهر ۾ تفريح لاءِ وٺي ويندا سين تہ هن جو من ٻيءَ پوندو ۽ هوءَ ٺيڪ ٿي ويندي‘.

”مون هن کي چيو تہ ’منهنجو فڪر نہ ڪيو ۽ سيپئي ڪيڏانهن نڪري وڃو‘.

”اڄ مان ڏاڍو منجهيل آهيان. ڇا، مون کي اهو حق آهي تہ پنهنجي آدرش جي ڪڍ لڳي، پنهنجي ساري ڪٽنب کي ايترا ڏک ڏيان؟ هو تہ اهو سمجهي بہ نٿا سگهن تہ مان ڇا لاءِ ٿو وڙهان! ڇا، مان خود غرض نہ آهيان، بي ذميدار نہ آهيان؟

”مون اٽڪل بہ سئو صفحا نئون شعر لکيو آهي، ۽ جي هي حادثو نہ ٿئي ها، تہ هزار صفحا لکي وجان ها. اجان تہ مون فقط بيت ۽ وايون لکيون آهن. جيستائين روحي ٺيڪ نہ ٿيندي، مان ڪجهہ بہ لکي نہ سگهندس.“

.... .... ....

.... .... ....

”اڄ روحي جيل تي آئي هئي. هوءَ ڪراچيءَ ۾ ويهارو ڏينهن رهي ٺيڪ ٿي ويئي آهي. هاڻي مان ننڊ ڪري سگهندس ۽ مون کي سگريٽ پي پي رات ڪاٽڻي نہ پوندي. جي وري ڪيفيت طاري ٿي، تہ لکي بہ سگهندس. پر ذات وڏي ڇنال آهي، هڪ پيرو ڀڄي وڃي ٿي تہ ان کي ٻيهر وس ۾ آڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“

.... .... ....

’ڪلپت سپ ڪٽي اسٽت ٿي آڪاس جان_‘

(سامي)

.... .... ....

.... .... ....

”ڪالهه ٽري ڊاڙيل، جئمل منهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ گهڙي آيو. هو قد جو پورو پنو، هانيءَ جو سنهون ۽ منهن جو سانورو هيو. هن جي قد ڪاٺ ۽ ڊيل ڊول مان ڏاڍ مڙسي نه ٿي بکي. باقي هن جون اکيون چڻ رڪ جون ٺهيل هيون. مون هن کي اکيون ڇنڀيندي نه ڏٺو. هن کي جنم ٽيپ ملي هئي، ۽ ڏهاڪو سال سزا ڪاٽي چڪو هو. هونءَ ته پوليس رڪارڊ موجب هن اٺويهه خون ڪيا هئا ۽ ڪيئي ڌاڙا هنيا هئا، پر هن تي فقط هڪ ڌاڙو ثابت ٿيو هو، جنهن ڪري هن کي سزا آئي هئي. هن ان ڌاڙي جي باري ۾ چيو، ’اسان سترنهن ڄڻا هيا سين، پولس سڀني کي گرفتار ڪري لاڪپ ۾ رکيو هو، پر اسان اتان ڀڃي نڪتاسين ۽ ڏاٽي تان سپاهين کان رائيفلون ۽ گوليون به کسي آياسين. ٻيا ساٿي ته وچ تان ڦٽي ويا، باقي اسان ٻه ڄڻا پنڌ پياسين ته جيئن ڪڇ جي رڻ مان لنگهي سرحد ٽپي وڃون. مان پارت ۾ ڌاڙو هڻي، پاڪستان ٽپي ايندو آهيان ۽ پاڪستان ۾ ڌاڙو هڻي، پارت ٽپي ويندو آهيان. مون لاءِ ڪابه سرحد نه آهي. سو مون ڳالهه تي ڪئي ته اسان باقي به وڃي بچياسين. منهنجو ٻيو ساٿي مسلمان هو. پوليس وارا اسان جي ڪڍ هيا، هڪ هنڌ مقابلو به ٿيو پر اسان هنن تي فير ڪيا ته هو ڀڄي ويا. جڏهن رڻ ۾ پهتاسين ته اڌ رات ٿي وئي. هونءَ ته مان تارن تي دڳ ائين ڳولي ويندو آهيان، ڄڻ ابي جي گهر ٿو وڃان. پر اسان ڏاڍا ٿڪل هياسين ۽ وڃاسين مس ته ننڊ ويڙهي وئي. جاڳ ٿي، ته سج ڪانو متي اچي چڪو هو. .مون پنهنجي ساٿيءَ کي ڌونڌاڙي اٿاريو مس، ته هن کي ڄنگهه ۾ گولي نڪاءُ ٿي وئي ۽ هو ڪري پيو. مون ڊوڙي پٽ جي اوٽ ورتي ۽ پوليس تي گوليون هلايون. اڌ ڪلاڪ ڊز ڊز ٿي ۽ پوءِ پوليس پنتي ڀڄي وئي. مون پنهنجي ساٿيءَ کي ڏٺو ته هو پنڌ ڪرڻ جهڙو نه هيو مون هن کي ڪلهي تي کنيو ته هن چيو، ”جئمل! ڏينهن ٽپي ويو آهي، تون مون کي کڻي هلندين ته سرحد ٽپي نه سگهندين. مان ته هونءَ ئي ٿو مران، تون سر چو ٿو وڃائين؟“ مون سوچيو ته ”ڳالهه ته سچي ٿو ڪري، پر گلا تي پوندي. ماڻهو چوندا ته ڪراڙ ياڙي هو ۽ ساٿيءَ کي ڇڏي ڀڄي

ويو. نہ جئمل! جيئڻ ٿورا ڏينھڙا آهي، گلا جو گھانگھو مڙس ڳچيءَ ۾ نہ وجهندا آهن.“ بس پوءِ تہ هو منھنجي ڪلھي تي هو ۽ مان وڪ وڪ ۾ ٿڙندو ثابڙندو وڏي رهيو هوس، تان جو سج ڪاپار تي اچي پهتو. اچ ۾ منھنجي ڇپ ٿوهر جي ڪانپ وانگر سڪي وئي هئي. ايتري ۾ گوليءَ جو زوڪاٽ ٿيو ۽ گولي منھنجي ڪن وٽان نڪري وئي. مون ساٿيءَ کي هيٺ لاٿو ۽ رائيفل سڌي ڪئي. پوءِ تہ مون مينھن وانگر گوليون وسايون ۽ جڏهن پوئين گولي ڪپي وئي، تڏهن رائيفل ڦٽي ڪري، هٿ کٽي مٿي ڪيم‘.

”جئمل احوال ڏيئي، پن جي بيڙي دکائي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ پڇيائين، ’تون ڪھڙيءَ چانچ (چارج) ۾ آهين؟‘

’جئمل!‘ مون جواب ڏنو، ’مان بہ لڳ ڀڳ ساڳيءَ چانچ ۾ آهيان‘.

’مون ڪيترائي سونا ڳھہ مٽيءَ ۾ پوري رکيا آهن. هتان نڪران تہ اهي ڪوٺي ڪڍان‘، جئمل حسرت سان چيو. مون ٺھڪ ڏيئي چيو، ’جئمل! تون منھنجو پورو جهُٽ آهين‘.“

.... .... ....

.... .... ....

’هن تصوير ڏانهن چتائي ڏٺو. ان ۾ يسوع جو دسترخوان هو، جنھن ۾ تيرنھن ماڻھو پوئينءَ رات جي مانيءَ (Last Supper) لاءِ وينل هئا. هن سوچيو تہ هي ڪيئن وينا آهن! يسوع ڪٿي آهي ۽ جوڊاس (Judas) ڪٿي آهي؟ هو سمجھي نہ سگھيو تہ جنھن جاءِ تي هو وينل هئا، اتي ڇا لاءِ وينا هئا؟ يسوع ڪابي پاسي وينو هو، جتي هن يسوع کي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو، ڇو تہ هن جي جاءِ وچ تي هئي. هن ليوناردو ڊاونسيءَ (Leonardoda Vinci) سوڌو، جيترن بہ عظيم مصورن جون ان موضوع تي تصويرون ڏٺيون هيون، انھن ۾ يسوع وچ ۾ وينل هو ۽ جوڊاس ٻيءَ ڪنھن جاءِ تي دسترخوان تي وينل هو، گھڻو ڪري يسوع جي ڪٻي پاسي يا سامھون پر هو هيڪلو، نھايت هيڪلو لڳندو هو. هو هميشھ گدلو، ڪوجھو ۽ ڪريہ ڏياريندڙ لڳندو هو.

’پر هن تصوير ۾ ته جوڊاس وچ ۾ وينل هو. ڪنهن پل جو سوال ئي نه هو، هو بلڪل وچ ۾ وينل هو.

’هو تصوير ڏسي ڏڏي ويو. مصور جو مقصد ڇا هيو؟ ڇا هو ڪوئي مڪيہ ماڻهو هو يا ٻين ڏاڙهيءَ وارن وانگر، هو به هڪ ڏتڙيل، ڏاڙهيءَ وارو ماڻهو هو؟ ڪوئي به هن ڏانهن ڏسندو ته چوندو ته هو سهڻو آهي، بشرطيڪ هن جوڊاس کي اڳ نه ڏٺو هجي ۽ تصوير ۾ هن کي ٻئونءَ جا ڏاڳا ڇڪيندو نه ڏٺو هجائين ۽ اهو نه ڏٺو هجائين ته هو پنهنجو چوغو ناهي، تڙتڪڙ ۾ لالچ آڇيندڙن ڏانهن وڃي رهيو آهي. هن سوچيو ته اهو مهاندو، پنهنجن ڪارن گهنڊي دار وارن سان، پنهنجي ڊولائتي تڪ ۽ موهيندڙ اکين سان، ايترو ته سهڻو هو، جو ڏسندڙ هراسجي ٿي ويو.

’سچ ته اها تصوير ڏاڍي ڪنبائيندڙ هئي، ڇو ته هڪ غدار اهڙو حسين ڪيئن ٿي سگهندو! ڇا هو گدلو، ڪوجهو ۽ ڪريہ ڏياريندڙ نه هجڻ گهرجي؟ ڇا هن جي صورت اهڙي هجڻ گهرجي جا همدردي پيدا ڪري؟‘

(نازي جرمنيءَ ۾ لکيل هڪ ناول Witch’s son تان ورتل)

.... .... ....

.... .... ....

”جيل ۾ قيدين بغاوت ڪئي آهي. هنن کي نه فقط راشن پورو نٿو ملي پر ٻيون سهولتون به نه ٿيون ملن. ڪير ۾ ڏهه حصا پاڻي ۽ هڪ حصو ڪير آهي. چاءِ، خبر نه آهي ته ڇا جو ڪاڙهو آهي! ملاقاتي پٽاٽا، بصر وغيره، رشوت ڏيڻ کان سواءِ، قيدين کي پهچائي نٿا سگهن. ان ڪري قيدين ۾ ڏاڍو تاءُ آهي. ٻيو ته جيل کان ٻاهر، جا ايوب خان جي پوئين دور ۾ آزاديءَ جي لهر هلي هئي، ان جو اثر جيل اندر قيدين تي به پيو آهي. هر ڪو پنهنجا حق پيو گهري. پاڌن ۽ سانن جهڙا اڙٻنگ مڙس هاڻي جيل جي لوسي سنترين جي پرواهه نه ٿا ڪن. هو رات جو پنهنجون ڪوليون قلفن سان بند ڪرڻ نه ٿا ڏين ۽ ڏينهن جو زوريءَ ڪم ڪرڻ کان نابري ٿا وارن. جيل جي لوهر خاني مان ڪيترين ئي تکيون ڇريون نهرايون اٿائون، وٽن جا ڏار ڪپي ڏنڊا ناهيا اٿائون ۽ ٻه چار پستول به ملاقاتين

جي معرفت ڪسڪائي جيل ۾ آندا اٿائون. جيل جي انتظاميا هنن کي اطلاع ڏنو آهي تہ هو پنهنجي ڪئي کان باز اچن، ڏينهن جو پورهئي تي وڃن ۽ جيل جي قانون جي ڀڃڪڙي نہ ڪن. جواب ۾ هو ساري رات نڪ نڪ ڪن ٿا ۽ وارڊن جون پيتيون پڃي، سرون ڪنيون ڪن ٿا، جيئن اهي جهيڙي ۾ ڪم آڻي سگهن. هو ساري رات زور سان نعرا هڻي ننڊ ڦٽائن ٿا. هونءَ تہ سنڌ جي سڀني جيلن ۾ بغاوت آهي، پر جيلر جيل ۾ گهرايل اخبارون سينسر ڪري، انهن مان جيلن ۾ بغاوت جي باري ۾ خبرون ڪٽي ڇڏن ٿا. اسان جي وارڊ ۾ بہ وڏيرا قيدي آهن، جي جيل جي انتظاميہ جو ساٿ ڏين ٿا ۽ سکر ۽ جيڪب آباد جي قيدين کي لاڙڪاڻي، دادوءَ ۽ حيدرآباد جي قيدين سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيل جا مقدم بہ ٻن ڌرين ۾ ورهائجي ويا آهن. هڪڙا اهي آهن، جي پنهنجي خسيس لوڀ ۽ لالچ کي پوري ڪرڻ لاءِ انتظاميہ جا خوشامدي ۽ چغل آهن ۽ ٻيا اهي آهن جن کي پنهنجي قيدي ڀائرن سان همدردي آهي ۽ اندرينءَ طرح انهن سان مليل آهن. قيدي چانهہ چڪيءَ، راشن جي ڀاڄيءَ پتيءَ، پن جي ٻيڙيءَ، جوڙيءَ جي نئين وڳي وغيره معمولي ڳالهين تي وڪامي ويندا آهن. جيلر صاحب تہ نهيو، پر جي ڪوئي مقدم بہ هنن سان ڪلي ڳالهائيندو آهي، تہ هن تان قربان ويندا آهن. پر جي هڪ ڀيرو هنن کي غيرت آئي ۽ ڇتا ٿي بيٺا، تہ هنن جي اکين مان واڳهہ گهوريندا نظر ايندا آهن. مون انهن کي وڪالت جي پيشي ۾ چوويهہ سال ڏٺو آهي. هو پوليس، قانون ۽ عدالتن اڳيان ڏاڍا هيسيل هوندا آهن. ججن جون چانديءَ جون عصائون ۽ وڪيلن جا ڪارا جبا ۽ ٿلها ڪتاب ڏسي ۽ انگريزيءَ ۾ هنن جي گٽ مٽ ٻڌي، هو رعب ۾ اچي ويندا آهن. پر جي انهن مان ڪنهن جو پيو پڃي پوندو آهي ۽ هو بندوق سڌي ڪندو آهي، تہ پوري ضلعي جي پوليس کي ڪيئي ڏينهن پنواٽيون هونديون آهن. ٻچو بادشاهہ ۽ پيرو وزير تہ انگريزن جي دور ۾ ٿيا هئا، پر ويجهيءَ ڇڪ ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڌاڙيل پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي تر ۾ حڪومت هلائي آهي، وڏيرن کان زوريءَ ڏن ورتو آهي ۽ هنن جي نالي ٻڌڻ سان ئي پوليس وارن ۾ ڪنبڻي پئجي ويندي آهي. سنڌين کي سڀاجهڙو چيو ويندو آهي، پر مون ڏٺو آهي، تہ هنن صدين جي پيڙهيل ماڻهن جي

آندن ۾ آڳانجهيون قاتلانہ قوتون لڪل آهن، هاتڪ اڌما، جي مارڻ، ڏارڻ، ڏڪارڻ ۽ لوڻ نچوڻ چاهن ٿا. هنن جا سڀ تاريخي سرواڻ وڙهندي ماريا ويا آهن ۽ ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃي اٿائون. هڪ ڀيري مون وٽ ڀهراڙيءَ جو ڪوئي ماڻهو ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ آيو. مون هن کان پڇيو، 'تنهنجو نالو ڇا آهي؟'

'رهزن'، هن جواب ڏنو.

'ڇاڻين ٿو تہ رهزن ڪنهن کي چوندا آهن؟ مون هن کان پڇيو.

'مڙس ماڻهوءَ کي چوندا آهن، ٻيو ڪنهن کي چوندا آهن!' هن جواب ڏنو. هن جي پيءُ، ڏاڏي، پڙڏاڏي سيني پلو ۾ خون ڪيا هئا، ۽ هو سڀ پلو ۾ ماريا ويا هئا. ڳالهيون ڪندي، هن چيو هو، 'صاحب! مڙسن تان جهڙ جهيڙا نہ لهندا آهن. اهو مڙس ڪهڙو، جو پلئہ نہ ڪري؟'

"مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ ڇا ڀٽائي هن قوم کي سمجهي سگهيو هو؟ ڇا هو اهو ڄاڻي سگهيو هو تہ هن قوم جي تحت الشعور ۾ صدين سان پلئہ ڪرڻ جو بي پناهہ جذبو موجود آهي؟ ڇا تصوف هن قوم سان اها ڪار نہ ڪئي آهي، جا چين سان آفيم ڪئي هئي؟"

.... .... ....

"قيدين کي اسان جي وارڊ وارن وڏيرن تي ڏاڍي ڪاوڙ آهي، جي رات جو حملو ڪيائون تہ پهريون اسان جي وارڊ تي ڪندا. وڏيرا ۽ انهن جا چاڙتا ساري رات ڏنڊا ڪٽي پهرو ڏين ٿا. مورچن تي جيل جا سپاهي رائيفلون ڀري ويٺا آهن. ساري رات 'سي ڪلاس' ۾ پتين مان سرون پٽجن ٿيون ۽ نعرا لڳن ٿا. منهنجي ۽ پٽيءَ جي ننڊ بہ ڦٽي پئي آهي. جي حملو ٿيو، تہ اسان بہ ماريا وينداسون، ڇو تہ اسان بہ وڏيرن سان گڏ 'بي ڪلاس' ۾ آهيون. ويڙهہ ۾ سروٽي کي ڪهڙي ڄاڻ تہ ڪنهن جو مٿو ٿو ڦاڙي! ظالمن هٿان مارجي وڃڻ جو خطرو تہ مون کي هميشهہ رهيو آهي، پر هن کان اڳ مون اهو سوچيو بہ نہ هو تہ متان ڪڏهن مظلومن هٿان ماريو وڃان. آخر اسان بہ تہ اتفاق سان انهيءَ ڪلاس ۾ آهيون، جتي مظلومن تي ظلم ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي."

.... .... ....

”رات جا ٻارنهن لڳا آهن. آسمان ۾ انيڪ ستارا ٽمڪي رهيا آهن. منهنجا ٻه نيڻ ٻه انهن سان مليءِ، هن بي انت سنسار ۾ سمائجي ويا آهن. چوڌاري چپ چپات آهي. رڳو ڪنهن سنتريءَ جي پڪار اچي ٿي، جنهن جي جواب ۾ وارڊ جي مقدم چوي ٿو ته ’ٽوٽل پورو آهي.‘ ان جواب مان سنتريءَ کي اطلاع ملي ٿو ته ڪو به قيدي فرار نه ٿيو آهي. اسان جي وارڊ وارا وڏيرا قيدين کي ويڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، قيدين هڪٻئي جا مٿا ڦاڙيا، ۽ جيل جي پوليس رائيفلون تاڻي، وارڊن ۾ گهڙي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. باغي قيدين جا اڳواڻ ٻڌا ويا آهن. ۽ سڀاڻي انهن کي ساهيوال ۽ ميانواليءَ جي جيلن ۾ موڪليو ويندو. هن جيل ۾ ۽ هن جيل کان ٻاهر هزارها ميل وڏي جيل ۾ ڪيڏي نه مشابهت آهي!“

.... .... ....

.... .... ....

”اڳئين ڇنڇر تي منهنجو پٽ، انيس، آيو هو ۽ چيائين ته ’امان ڏاڍي دلگير ٿي پيئي آهي ۽ اوهان سان ملڻ چاهي ٿي.‘ مون کي جيل ۾ ساڍا ست مهينا گذري ويا هئا ۽ زرينا مون سان هڪ ڀيرو به نه ملي هئي. دراصل مون هن کي ملاقات کان روڪيو هو، ڇو ته جيل جو وڏو لوهي دروازو، ڀاري ڪڙا ۽ قلف، پهري ته بيٺل هٿياربند سنتري ۽ ڳاڙهين، پيلين ۽ساين ٽوپين وارا مقدم ڏسي، هوءَ هراسجي وڃي ها. زندگي بي اعتبار آهي ۽ منهنجي صحت پوٽي پئجي رهي آهي، ان ڪري مون هن ڀيري انيس کي چيو، ’ٻئي ڇنڇر تي ماءُ کي وٺي اچجانءِ.‘ مون کي هفتي ۾ فقط هڪ ڇنڇر تي ملاقات جي اجازت آهي ۽ سا به سي آءِ ڊي جي موجودگيءَ ۾.

”اڄ پنجين بجي زرينا آئي هئي. هن جون گهايل اکيون اڳي کان به موهيندڙ هيون پر هوءَ ڳري ڪنڊا ٿي وئي هئي ۽ هن جي ڳلن ۾ کڏون ٿي پيون.

”ساموهن جيل جو ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ وينو هو ۽ منهنجي پرسان سي آءِ ڊي وارو مفتيءَ ۾ وينو هو. اڄڻ سان هوءَ مونکي ائين چنبڙي پئي، جيئن ڪائي ول وڻ کي چنبڙي پوندي آهي، ۽ بي اختيار روئڻ لڳي. ڊپٽي سپرنٽِنڊنٽ سنڌي هو ۽ منهنجي عزت ڪندو هو. هن هڪ سپاهيءَ کي چيو ته اسان جي ساموهن ڪاٺ

جو پردو رکي ڇڏي جيئن اسان ان جي پنيان اڪيلائي ۾ ڳالهائي سگهون. پنجابي سي آءِ ڊي واري به ڪوئي اعتراض نه ورتو.
”زرينا ڪافي دير تائين روئيندي رهي ۽ مان هن کي خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس. هن مون سان پنجويهه سال گڏ گذاريا هئا، منهنجون اوٽايون لنوائيندي رهي هئي ۽ ڪڏهن به منهنجي ادبي يا سياسي پورهئي ۾ رڪاوٽ نه ٿي هئي. جي اسان ٻنهي کي انسانيت جي تارازيءَ ۾ توريو وڃي، ته هن وارو پڙ ڀاري ٿيندو. مون پاند سان هن جا ڳوڙها اگهي، هن کان پڇيو، ’خوش آهين؟‘ هوءَ وري وڃي سڏڪن ۾ پئي، ۽ مان ڪافي وقت هن کي پرچائيندو رهيس. ايتري ۾ سائرن وڳو ۽ جيل جون بتيون وسامي ويون. گهڙي نه گذري ته ’ڌڙام ڌڙام‘ ڪري روهڙيءَ تي بم ڪرڻ لڳا ۽ جيلن جون ٻتيون لڏڻ لڳيون. هوءَ ڀو ۾ مون کي چنبڙي پئي. مون ڏاڍو چاهيو ته سگريٽ دکايان، پر بلئڪ آئوٽ ۾ تيلي ٻارڻ جي منع هئي. مون من ۾ هن کي چيو، ’مان توکي ڪيئن سمجهايان ته تون ۽ مان هڪ هزار سال جي ڪئي جو ڪيتو ڏيئي رهيا آهيون.‘
”اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ٻتيون ٻريون، ته زرينا مون کي نهايت معصوميت سان چيو، ’جڏهن به بمباري ٿيندي آهي، مان ٻارن سوڌي کٽ هيٺان لڪي ويهندي آهيان، رڳو سليم ئي پڌر مان هوائي جهازن کي ڏسندو آهي.‘
”مون کي ڪِل اچي وئي. اسان جي گهر ۾ به هڪڙو ٻار تي ويٺنامي آهي. هوءَ به کلي ويني. مون هن کي چيو ته ’مان ڀانيان ٿو ته جنگ وڏيڪ نه هلندي، پر جي وڏيڪ هلي ته تون شڪارپور هلي وڃجانءِ‘
’ڇا به ٿئي‘، هن جواب ڏنو، ’توکي سکر ۾ ڇڏي مان شڪارپور نه وينديس‘.“

.... .... ....

’سڀ انسان هر انسان جي ڳچيءَ لڙڪن ٿا، سو! تنهنجي ۽ منهنجي ۾ ڪوئي فرق نه رک!“
(يوناني اديب نڪوس ڪازنت زيڪس پنهنجي ناول ’يسوع ٻيهر صليب تي‘ ۾)

.... .... ....

’مگڻهارن مپ، ڪونهي ٻيو ڪيرت ري‘
(ڀٽائي)

.... .... ....

’ڪرم دنيا سان ٻڌي ٿو، پر يگيہ ارٿ (پاڻ قربانيءَ جي خيال کان) ڪرم ڪجي ٿو، تہ ڪين ٿو ٻڌي.‘
(’ڀڳوت گيتا‘، ائني بيسنت، ترجمو ڄيٺمل پرسرام)

.... .... ....

.... .... ....

”شاعر زندگيءَ جي رفتار جو جذباتي سونهون هوندو آهي ۽، پنهنجي مبهم انداز ۾، سياستدان کان اڳ تاريخ جا اهم موڙ ڏسي سگهندو آهي. پنهنجيءَ تقدير جي باري ۾ بہ هن کي پروڙ پوندا آهن. لورڪا جو هڪ نظم آهي.
’مون محسوس ڪيو تہ مون کي قتل ڪيو ويو آهي.
هو ڪئفي، قبرستان ۽ گرجائون ڳوليندا رهيا،
هنن ڪوڪا ۽ الماريون ڳولي ڏٺيون،
هنن ٽن هڏاون پڃرن کي ڦريو ۽ انهن جا سونا ڏند لاهي ورتا،
پر هو مون کي ڳولي نہ سگهيا،
هو ڪڏهن بہ مون کي ڳولي نہ سگهيا.‘
انهيءَ نظم لکڻ کان ڪجهہ وقت پوءِ هو اسپين جي فاشي ڪتن هٿان ماريو ويو ۽ هن جو لاش هٿ نہ آيو.
روس جي روماني شاعر، ارمنتوف، هڪ نظم لکيو هو،
’ٽاڪ منجهند جو داغستان جي ماٿريءَ ۾
مان بيجان پيو هوس ۽ گولي منهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ هئي،
هڪ گهري زخم مان (بارود جو) دونهون نڪتو،
۽ خون منهنجي جسم مان وهيو ۽ ڄمي ويو.
مان ٽتيءَ واريءَ تي تنها پيو هوس،
منهنجي چوڌاري پهاڙيون هيون،

۽ انهن جون پيليون چوٽيون سج جي تاوَ ۾ لهسي رهيون هيون،
۽ مان خود، موت جي ننڊ ۾، ڌرتيءَ تي لهسي رهيو هوس.‘ ارمنتوف جو موت ڪوهه قاف جي هڪ سنسان جاءِ تي ويڙهه ۾ گوليءَ لڳڻ سبب ٿيو.
”مائڪو وسڪيءَ جو هڪ نظم آهي.
’اتي، جتي انسان جي دور رس نگاهه پهچي نه سگهي آهي.
بڪايل قوتن جي رهبري ڪندو.
اٺويهه سؤ سورنهن ايري رهيو آهي،
۽ اوهان منجهان آءٌ ان جو پيغمبر آهيان.‘
اهو نظم هن 1915ع ۾ لکيو هو ۽ 1917ع ۾ روس ۾ انقلاب آيو.
”مون اهڙا ڪيئي شعر پڙهيا آهن، جي شاعر جي پنهنجي باري ۾ ۽ هن جي دور جي باري ۾ اڳڪٿي ثابت ٿيا آهن.
”ڇا منهنجي شاعريءَ جا خواب به اهڙيءَ طرح حقيقت جو روپ وٺندا؟ ڪئين چئجي!“

.... .... ....

’اسان به ٽڙ آهيون، جن ڪي وچ چمڪائي رهي آهي، اڌ رات جو اونداهي جهنگ ۾ به جرڪندڙ ڄيون آهيون.
’اسان به پڃڙ تارا آهيون، جي ڀاڱ جي به ـ ڇانگي، ٻاڻ تي اونده ۾ اڏري رهيا آهيون.
’اسان به ڪميت آهيون، جن جون واڳون ساڳئي هٿ ۾ آهن ۽ جي ساڳيءَ اڙيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن.
’اسان به نيڻ آهيون، جن جي نهار ساڳي آهي، ساڳئي سپني جا به ٻرندڙ پنڪ آهيون.
’اسان ان سنگ مرمر جي سماڌيءَ تي به ٻيڙا جا پاڇاوان آهيون، جنهن ۾ سونهن ستي پيئي آهي.
’اسان ساڳئي اسرار جو به ـ نارو آواز آهيون، ساڳيءَ صليب جون به ٻانهون آهيون.‘

(روسي شاعر، اوانوف)

.... .... ....

’هڪ ڪهنگ آڪاس ۾ پنهنجو دڳ پلي پيو آهي ۽ پريان ڪنهن طوفاني بادل تان ڪوڪاري رهيو آهي،
’جڻ ڪنهن اجنبي چاري تي ڪوئي مسافر ڏڪجي رهيو آهي
’ڪير چوندو ته هن جو لنبو ۽ اونداهو رستو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ هن جو خوف خطرو ڪٿي ڪٽڻو آهي!
’رات ڏينهن جي پوئي ڄيپي ڪڏهن ٻجهائي ڇڏيندي، ۽ منهنجا ٿڪل پير ڪٿي پساريا؟
’الوداع، پيارا پکيئڙا! تون ڪٿي ٻه پٽڪندو هجين، بسنت موٽي ايندو ۽ توکي ورائي آڻيندو پنهنجي ولر ڏانهن، ۽ تون موٽي ايندين پنهنجي پرسال واري واهيري ۾.
’پر مان پنهنجي اجڙيل آکيري مان جلاوطن ٿي چڪو آهيان،
’۽ پٽر پٽر تي ٿيڙ ڪائيندو وڃي رهيو آهيان ڪنهن آڪاس ۾ پٽڪندڙ پکيئڙي جيان،
’۽ پنهنجي بي چينيءَ ۾ انهيءَ هر چپ سان ريس ڪري رهيو آهيان، جا اسٽر ۽ اڏول آهي.
’هر چپ پنهنجيءَ جاءِ تي اٽل بيٺي آهي، پر مان پنهنجي جاءِ تان پٽڪي، طوفان ۾ ڦيراٽيون ڪائي رهيو آهيان.
’هر پنڇي پنهنجي آکيري ڏانهن رستو ڳولي سگهي ٿو، پر مون ڪي اونده ۾ گم سم رلڻو آهي.
’اف! هي لنبو ۽ اونداهو رستو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟
’او خدا! ان جا خوف ۽ خطرا ڪٿي ٿا ڪٽن؟
’هن ڏينهن جي پوئينءَ ڄيپيءَ ڪي رات ڪڏهن ٻجهائي ڇڏيندي؟
’منهنجا ٿڪل پير اڄ رات ڪهڙي هنڌ پساربا؟‘

(آرمينيا جو شاعر، تومانين)

. . . .    . . . .    . . . .

## سورٺ

مان ئي ٻيجل آهيان، مان ئي راءِ ڏياچ،
منهنجو ڪنڌ ڪماچ طلبي پيو تند ۾.

1

چوٽا چندن واسئان، ويروتار ورونهن،
سورٺ ساري سونهن، اڄ اڃهي ئي ڪين ٿي.

_

مٿي چنيءَ ڇنڊا ويروتار ورونهن،
سورٺ ساري سونهن، ڊاپي ڊاپان ڪينڪي.

_

گهاڙوءَ گهڙيو ڪونہ، ڳهڻو تنهنجي ڳل جئن،
سورٺ! توتي چونہ، ور ور مان واريو وڃان!

_

سورٺ! سونارن پيالين هيئن نہ پلٽيون
آڌيءَ رات اپار ۾، ڇا ڇا تنهنجي تن!
وني! تنهنجي ون، ڪندن ڪاٽيارو لڳي.

_

ٻانهن مٿان ڇيڙا، بازوبند لڏن،
ٻچيءَ منجهہ ٻراٽڙيون، ڳل پٽ ڪارون ڪن،
ٿمي نور نهن، هٿ ڇميندي منڊ جا.

_

هٿ نہ ههڙا مون ڏٺا، جهڙا نيل ڪمل،
لهرين جئن لڙهندا ويا، تن تي پيارا پل،
جيءَ نہ آئي جهل، ساري رات رمي وئي.

–

موتي موتي ٿي ويو، سورٺ تنهنجو مُک،
ڏرتيءَ ويڙهيو دک، تو جو ڏنا ٿهڪڙا.

–

ٿهڪن ساڻ ٿڙي پئي رات رتول جي
منجهان ڪينءَ ڪڙي جڻ ڪا مکڙي اوچتو.

–

ٿڙي ڏيئي ٿهڪڙا، ڪامڻ ڪرني رنگ،
سرهي! تنهنجي سنگ، جهرڻا منهنجي جيءَ ۾.

–

ٿهڪن منجهہ گلاب جا ٽڙيا ڳاڙها گس،
منهنجي ٿوري پل، ڪلندي منڌ ڪڙي پئي.

–

سورٺ روپ انوپ، سهسين سانگ سُهاڳ جا،
سورٺ! تنهنجي روپ، مايا ارٿ پرائيو.

–

جهرڪن پيا جهانءِ ۾، تو تي هيرن هار،
اهڙو چمڪو چنڊ کي ناهي سڀ ڄمار:
توئي منهنجا پيار! هيرن کي هيرا ڪيو.

–

سورٺ! تنهنجو روپ، جئن مندر ۾ ڏيئڙا،
مون من مڙهيءَ ڏوپ، سدا تنهنجي سنگ ۾.

–

تو جو نيڻ نمائبا، مرگهن ڪاڏي مات،
اکين مان الماس جان، ايرين آڏيءَ رات،
تن ۾ ٻاري تات، ڪيڏي آنڌءِ ڪامنا!

–

جهرمر جهرمر جهومڪيون، ٻر ٻر ڪنگڻ ڪن؛
نِوڙي نٽ نموريون، مٿان مُرڪ لڏن،
پهتا چپ چپن، سون سمايو ساهه ۾.

–

تو تي تن من واريان، تو جئن ڪير ڪنوار!
هونءَ تہ هن سنسار جي ليلا آهہ اپار،
پر مون تنهنجي پيار، سيڪجهہ پاتو سندري!

–

ڏس هو لهندي سج ۾، ڪاوا ٽا جهرڪن
رم جهم رم جهم تروار، چوڏر ٽا چمڪن
ڇا ڇا منهنجي من، سرتي تنهنجي سنگ ۾!

–

ڏس هوءَ رات رتول تي آئي ڪي آئي؛
جهرمر جهرمر ڏيئڙا، جهڙا سهائي!
اگر سرهائي، ور ور آئي واءُ مان.

–

موتئي جي مهڪار ۾، پئي سيج سڏي،
اوري آءُ، ڇڏي، مان بہ تہ تنهنجي آرسي.

–

مان بہ تہ تنهنجي آرسي، مون ۾ ئي ڏس پاڻ،
اکيون اکين ساڻ، ڳالهائن ٿيون ڳجهہ ۾.

–

ڏيئا تيل چنبيلئا، اڇي چندن واس،
مليو تنهنجي سواس سان، سورٺ منهنجو سواس،
من بہ هاٽي ماس، سيڪجهہ توسان واسيو.

_

ماس ٻہ هاڻي من، سيڪجهہ ته سان واسيو؛
ڇڻ ڪو پڪي پار جو، تنهنجو منهنجو تن
مٿان گهور گگن، اوڏارون انڌڪار ۾.

_

## وائي

اگر ٻار نہ تون، ڇڳون واس نہ تون
مون من توسان واسئو.
وار ورائي ڪنڌ تان، چوڙي چڏي سڳيون
مون من توسان واسئو.
ڪيڏيءَ ساهہ سڳنڌ ۾، رات گذاريسون!
مون من توسان واسئو.
جئن ڪي ڦڳڻ ماس ۾، مکڙيون مروي جون،
مون من توسان واسئو.
جئن ڪي ڀنيءَ رات ۾، ٽانگر جون تاريون،
مون من توسان واسئو.
مشڪ انوکي مرگهہ جي، اهڙيون خوشبوئون!
مون من توسان واسئو.
سرڪنڊ سرهو ته جيان، ڏنو مور نہ مون،
مون من توسان واسئو.

❖

سورٺ! تنهنجو پيار
مارڳ آهي موڪ جو.
آهين راءِ ڏياچ لئہ، تون سارو سنسار.
توسان ڪيڏو موهڻو آهي مايا چار!
تون ڪو ساگر سونهن جو، تنهنجي سونهن اپار.
آ ڳانجهو اوري ڪري، اکڙين جو اسرار.
توتي موهيو ڇو نہ هو، ساڪي سرجڻهار!

❖

سورٺ! منهنجو ساهہ، اڄ ڇوآهي اوپرو؟
ڇڪي ٿو ڪو ڇوهہ سان، مون کي انت اٿاهہ؛
ڪيڏي پيڙ پساهہ، آٿت ڪوبہ نہ آئڙي!

–

ساري رات رتول تي، ڪونجون ٿيون ڪڻڪن؛
مون کي رولا روهہ جا، چت اندر چڻڪن،
پُنءِ مان پڻ پڻ ڪن، سڏ انوکا سانت ۾.

–

هوءَ جا سين وڳي، سورٺ تو بہ سئي اها؟
جڻ ڪا ڪوڪ ڪٺار جئن، منهنجي جيءَ لڳي!
جڻ ڪنهن پت پڳي، آڌيءَ رات رتول جي!

–

ڪير هيو سورث اهو، ڪنهن هئن اهڙو وڍ؟
ڏاري منهنجو ڏيڍ، جاجڪ ويو جود ۾.

_

اهڙي جهانءِ جهروڪ ۾، اڳ نہ پئي ڪا،
جڻ ڪوئي ڏاهي ويو، قسمت جا ليکا
ڇا تو سئي ڪا، ڪوڪ ڪٺاري وانگيان!

_

ايري ڪا آواز مان، آڌيءَ رات، آٽي،
هيڪر سين هٽي، ماٺ ڪري ويو منگتو.

_

ٻُڌ! ٻُڌ! ٻيهر ٿي اچي، سورٺ! ساڳي سين،
اڳ بہ انهيءَ چين ڇايا منهنجي چت مان.

_

هاڻ تہ هر هر ٿو وڄي، واڄو وڄ سمان،
ڌرتي ۽ آڪاس جڻ، ڪن ٿا اڳ سنان:
سورٺ! هي مهمان، باسي ناهي ڀونءِ جو.

_

اڳ اهو آواز، گونجو نہ گرنار ۾،
آهي وڍ موجود جا، صدا ناهي ساز:
اڳ اهو انداز، مون نہ ڏٺو ڪنهن منگتي.

_

ڪنهن جا ٻهہ ٻهہ ٻول، ٻريا ٻاهر ٻاٽ ۾!
آڌيءَ رات رتول، ٻري پيا ڏيئڙا.

_

سورٺ! هي انسان، آهہ انوکو ڳائڻو،
هي جو ايريو ساز مان، نڪري ساهہ سمان:

ماٺهو آهه مهان، مور نہ آهي منگتو.

_

سورٺ! هي آواز يا ڪاريهر جي ڪات!
ڪيڏي انگن اٿ، ڪيڏو لونءَ لُڇي پئي!

_

هوءَ جا صدا ساز جي، جڻ ڪا ڏيئي لاٽ،
ڏيري ڏيري ٿي وئي، پنيٺ جا پڙڪاٽ:
ڪيڏي ڄر ڄراٽ، آهي ان آواز ۾!

_

سورٺ تنهنجا ڳهہ چمڪڻ لڳا چندٻ جان؛
سارا رنگ رتول جا، ٻول ڪيا ٻهہ ٻهہ؛
چارڻ ڪيڏي ڪهہ، ايري ٿو آڪاس ۾!

_

سورٺ! تنهنجون آرسيون مڙي ميڻ ٿيون،
آيون اَنحد ناد مان، چٽنگون چارڻ جون:
روڪ انهيءَ ڪي تون، ڪندو رک رنول ڪي!

_

سورٺ، هي آواز يا شِوَ جو تاندو ناچ،
ڪاري رات، ڪُماچُ ڄرڪي پيو ڄر ۾.

_

سرسوتيءَ جي سنگ ۾، ڪالي پينڪر روپ،
آڌيءَ رات انوپ، ڪنول ايريو آگ مان.

_

جئن ڪو ڏکي ناوَ، ڪاري ڪارونڀار ۾،
سورٺ! هن آواز ۾ پيڙهين جا پڙلاوَ،
ڏيئي گهرا گهاوَ، وڍي وينو انگڙا.

-

سرهو ٿي سر ڪنڌ، چرڪي جيئن چراٽ ۾،
تئن هن مانديءَ منڌ، جلي جيءُ سڀڳنڌيو.

-

سورٺ! ڇا هنن اوچتو، اڀري ٿو آواز؟
جر ۾ جرڪي ٿو پوي، صدين ڪان پو ساز؟
اڄ اهڙو اعجاز، مون نہ ڏٺو ڪنهن منگتي!

-

صديون رهي سانت ۾، اڀري ٿو آواز،
ڪيڏيءَ جيءَ ولوڙ سان جڙي ٿو هي ساز!
راڳي سارو راز، ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي!

-

پويون راتيون مانگهہ جون، اونداهي تيرس،
پلا پاٽيءَ ۾ جليا، باهہ نہ ڪئي بس!
آءٌ نہ پنهنجي وس، چارڻ مون کي چائيو.

-

پکين پر چرڪي پيا، پنيٺ ٿيا ٻڙ،
وڻ وڻ جي،الاپ سان، جر ۾ جرڪي جڙ،
سارا تڙ اوتڙ، چمڪيا چوڏهين چنڊ جان.

-

سورٺ! هيءَ پُڪار، ڏونگر سيءِ ڏاري وئي،
پنهنجيءَ آديءَ سانت مان، چرڪ پريو سنسار:
ڪيڏا ڪاري وار، آهي تان تنبير جي!

_

صديون سرجي ٿو پيو، رڳن منجهه رباب،
صديون پنهنجي خواب ۾، گهاري ٿو ڪو خواب،
تڏهن اهڙو تاب، اچي ٿو آواز ۾.

_

سورٺ! ڏس نہ ڪير، اڄ هئن اڱڻ آئيو؟
جرڪايو جنهن جيءَ کي لاهي ماٿهو مير،
ڀان نہ اهڙو ڀير، اڳ ڏٺو مون ڪڏهين!

3

ملهہ مهانگا منگتا، سر جي صدا ڏين،
چارڻ پنهنجي چنگ سان، ماڻڪ نہ ميڙين،
آڏيءَ جو آٽين، ڀري آگ الاپ ۾.

_

سرندي سات ڏئي، مٿو ٿي مانائتو،
متان مال متاع جي، تو ڪا ڳالهہ ڪئي!
هر ڪو راءِ رئي، سون ٿئين جي ڏئين!

_

جي تو ساجهہ ساز جي، ملهہ مهانگو ناهہ:
مون سان سات نباهہ، جهونا ڳڙهہ جرڪي پوي.

_

آءُ نہ ڪاٽيارو ميان، تون ئي ڪاٽيارو،
سر جو سات ڏئي ٿئي مٿو موچارو،
چارڻ بن چارو، راجا تو نہ رتول ۾.

_

اڻ تڻ اجائي، راجا ھيءَ رتول ۾!
جي اڄ تنھنجي جندڙي وڍي ٿي وائي،
متان راڳائي، مٽي بڻ موٽائين!

–

ماڻڪ مٽيءَ جيئن، مور نہ پاسن منگتي،
جھاتيون وجھي جيءَ مان، ڪنڌ لڪايئہ ڪيئن؟
آءُ نہ وڄان، ايئن، ھيڪر تاڻي تند کي.

–

سورٺ کي سمراٽ تون، ٻيھر ڏسندين، ڪيئن،
جي تو ڪنڌ لڪائيو ھور پرائي ھيئن!
آءُ نہ وڄان ايئن، ھيڪر تاڻي تند کي.

–

جي تون ڪنڌ ڪماچ سان، سرچائين سائين!
جيئين سدائين، جھونا ڳڙھہ جي جيءَ ۾.

–

تنھنجو گل گرنار ۾، جي مان چنان ھاڻ،
گھر گھر گلڙا ٿي وجي، سيڪو ٿي سرھاڻ:
ڪنڌ ڪڪوري آڻ، آجو ٿيءُ اقرار ۾.

–

ڏس تون پنھنجي پاڻ کي، چا تون ساڳيو راءِ؟
سورٺ سورٺ آ اڳين، لالڻ تنھنجي لاءِ؟
ڪنڌ ڪپائي پاءِ، ھاڻي پنھنجي پاڻ کي.

–

جي تون منھن موڙي وئين مون کان سورٺ ور!
مون لئہ ٻيا پيي سر گھٽا، ڪيئي داني در،
مون کي ٿاري پر، رئندين رت رتول ۾.

-

جنهن ٻه ٻڌو هڪوار، تڙڦي منهنجيءَ تند ڪي،
تنهن جي وس نه هينئڙو، تنهن تي ڪنڌ ميار،
موٽي سڀ ڇمار، رئندين، رت رتول ۾.

-

ڪنڌ نه تنهنجو ڪنڌ، هاٺي مان ان جو ڏٺي،
پيرن ۾ پينار جي، پارڪ تنهنجو پنڌ!
چين نه ڏيندءُ هنڌ، سڪ نه ايندءِ سيج تي.

-

هن ساري سنسار جي مايا مد مئي،
تو ۾ تند ڪئي، مرندي تائين اوپري

-

اچ! اچ! آجو تيءُ، نائي ڪنڌ ڪماچ ڪي،
جادوءَ منجهه جڙي ويو، جاجڪ تنهنجو جيءُ،
متان ڀانئين ايءُ، مون بن سمهندين سک سان!

-

آءٌ اهو اسرار، جنهن ڪي تو ڳوليو پئي؛
مون ڪان وانجهي ٿي ويو، تو ڀانيو سنسار!
تنهنجو قول قرار، مون سان ڇائي ڄم ڪان.

-

جت ڪٿ آءٌ ٻران پيو، تون ويندين ڪيڏانهن؟
آءُ هلي هيڏانهن، واري ڪنڌ ڪماچ تي.

-

تو ڀانيو مان اوچتو تو ڏي آيو هان!
وير و تار ٻران پيو، تند تپائي مان:
هاڻ پر تو مون ڪان، ٻوڙيءَ ٻوجهه لنوائيو.

_

مور نہ ٿيندي راڄيا، سورٺ سرندي مٺ!
مَٺُ نہ هن آواز جي، ڪوبہ پٽيهر پٺ؛
چائي آهي چٺ، آءٌ امرتا آهيان.

_

ماڻڪ منين منجهہ، مَٺُ نہ هن آواز جي،
ويرو تار ٻري پيو سرندو صبح سنجهہ،
ڏينهن وجهين چو ڏنجهہ، مون ڪان منهن موڙي ڪري.

_

ڪينز چائي ڪنڌ، اڳي ڪان اڳرو ٻري،
هيءُ انهن جو هنڌ، سُرَ تي جن سِرُ واريو.

_

ڪينز لهوءَ لال، اڳي ڪان اڳرو ٻري،
تندون رت جهٻيليون، پونءَ انوڪو پال،
هئہ هئہ تنهنجو حال، موٽايئہ جي منگتو!

4

مٿو هٿن مٺ، پير اجا پيي پنڌ ۾:
چارڻ! ملھہ نہ ڪٺ، انکي توري تند سان.

_

متان مٿو پائيين، ناهي ڪائي وٽ!
ڪري ڪينر پٽ، موڳي ويئہ منگتا!

_

ٻيجل! ٻيجل! تو جيان، ڪيئي ڪينر پٽ،
پر هي مٿو ڪورجي، سڀ ڪان آهي مٺ،
چارڻ! ملھہ نہ ڪٺ، ان کي توري تند سان.

_

آهي پرک پڪار جي، مگٽا هيءُ متو،
جيڪو اڄ لٿو، تڙقي تنهنجي تند سان.

_

تند نہ رڳو لوهہ، متو گل گلاب جو
متو، جنهن ۾ موهہ، ايڏو آهي تند سان.

_

## وائي

مٿي کهڙو مل،
گهوريو گهوريو، گهوريو!
اڄ ڪوئي گرنار ۾ ناهي ههڙو گل
گهوريو گهوريو، گهوريو!
چارڻ آيو چپ ۾، لوڪ هلاچو هل،
گهوريو گهوريو، گهوريو!
تند ڪڪوري ڪنڌ سان، تند نہ ڪوئي نل،
گهوريو گهوريو، گهوريو!
ڪنڌ ڪريو، آڪاس ۾ نهيو ڪوئي نل،
گهوريو گهوريو، گهوريو!
سِرُ ڪپجي سُر تي ويو، پورا! ڳالھ نہ پل،
گهوريو گهوريو، گهوريو!

❖

# نوري تماچي

1

ڪيڏي چلر چٺ، آهي ڪينجھر ڪنڌيئين!
سارا پڌر پٺ، ڪڪي، هاٺيون ڪاريون!

–

ڪڪيءَ ڪاريون جنڊڙيون، هينئان چيچيءَ چج،
تن کي ڪھڙي لڄ، جن کي ساڙ سڳنڌ سان.

–

تماچي! تڙ آءُ، تہ ميءَ مهاندي تي وجي،
توکان سواءِ سپرين، سڀ ڄر ڪڪيءَ ساءُ،
الا، مون کي ماءُ، ڄڻي جاري، اڇليو!

–

ڪلهہ مون ڪنول گُل، اڇي تن کي آڇيا،
پو تہ ٻڌين ها لوڪ جا، ووءِ هلاچا هل،
بس هيءَ منهنجي پل، مياٺي مهڪي پئي!

–

آءُ آواهي آهيا، سرڻ تنهنجي سام،
تماچي تڙ ڄام، موهي متان ڇڏئين!

2

ڪيئن چوان ڪينجھر، نوريءَ کي نوري ڪيو!
گذريون ڪيئي گندريون، ڄام نہ آئي جر،
نوريءَ پرکي پر، ڪينجھر کي ڪينجھر ڪيو.

—

ڪيئي ڪينجهر ڪنڌيين، اپيون آهيون ڪن؛
گذري ڪيئي گندريون، سهسين سال سڪن،
تنهن ڪان پوءِ اچن، تڙ تي ڪنهن لئہ تڙ ڏٽي.

—

مياڻيءَ تي ماڪ ۾، ڪيڏا ڪڪيءَ ڍير!
ڪنول چونڊيو ڪنڌيين، اٿي اسر وير؛
متان پرينءَ پير، ڇڇيءَ ڪان چرڪي وڃن!

—

ڄارو ڏسي ڄار، متان ماڱر ڇڏئين!
ڄٽي ڪائي جندڙي، اڳ نہ اهڙي عار،
جي تو ماڻهوءَ مارَ، موٽ نہ گهوري ميءَ ڪي.

—

پاڇو ئي پڌرو، اڏيءَ اڳيان ڄار جو؛
آڳ نہ اهڙو آئيو، مياڻيءَ متان ڪو؛
ڇڇيءَ چرڪ پريو، گهورڻ لڳي گندري،

—

جئن مون گندڻ وڍ، وڍيئہ تيئن وجود ڪي،
چو تون ڇڏي سميون، لڳين منهنجي ڪڍ؟
ڇا هيءَ تنهنجي اَڏ، يا مون ۾ ڪائي مٽيا؟

—

وڃ، وڃ، ڄار ميان، گهوريو تنهنجو پريتڻو!
وڏ وڍ وجود ۾، ترڇي ڪات جيان!
ڇڏ، مان ٿانءِ ٿيان، ڪڪيءَ مان ڇو ٿو ڪٽين؟

—

پر ۾ بيهي ياءُ، مون ڪي سمجهي اوپرو،
ڪڪيءَ ۾ خوشبوءِ ٿيو، سما تنهنجو ساءُ،
لڳو انر واءُ، ويڙهو مون سان واسيون.

–

اڳ ۾ ئي مون ۾ هيو، سما تنهنجو ساءُ،
توسان منڍ ملاءُ، ايئن نہ آهي اوچتو.

–

مون ماريندي مڇيون، ڇاريون وجهندي ڇڇ،
تنهنجي ڏيکاري ڏني، هر هر اپري اڇ،
سارا رائون رڇ، رانول توسان رڱيا.

–

جئن موراڪيون مند تي، ايري ٽپا ڏين،
توڪي تئن سارين، ساجن، منهنجا آنگڙا.

–

جئن پاٽيءَ تي ڪانئرو، ترچو جهڙو تير،
منهنجو ساهہ سرير، تو ائن جهپيو جهپ سان.

–

ڪيڏيون ڪينجهر راتڙيون، تڪيندي تارا،
تو لئہ مون واجهائيو، ڄام! وجهي ڄارا،
ڪنهن ڄاتو پيارا، تون هئن ايندي اوچتو!

–

آيو، آيو، گندريون، متان نہ وسهو!
ڪلهہ جو منهنجي ساهہ ۾، سمي جو سپنو،
اڄ ساڀيا آ سو، اچو، وار وڃائيو!

–

اڇو وار وڇائبو، اکين ڏوئو پٽ!
مور نہ ان جو مٽ، مون جو تاتيو تڙ ڏٺي.

مون تاتيو جو تڙ ڏٺي، گندريءَ ڪنهن نہ گمان!
آيو، آيو اوچتو، ساجن سڄ سمان،
ماجر آهہ مهان، نوري جنهن نپائئي.

مانگهہ جي اونداهيءَ تيرس تي شوراتڙي ٿيندي آهي ۽ سنڌو جي پاٽي ۾ پلو مرندو آهي.

## وائي

سدا لوڪ ستي، ڪينجهر ڪنڌيءَ ڪي
تانگهہ تماچيءَ ڄام جي،
پل پل اٿي نند مان، نوري چرڪ ڀري.
ڇيڇيءَ هاڻ ڇڄ ٿو ايري چنڊ چمي،
هيٺان ککيءَ ڪاريون، مٿان ماڪ وسي،
ڄڻ ڪي اکيون آسري، ڪنول ڪنڌيءَ تي،
ڊوندي اتر واءُ ۾ لهرين تي لپڪي،
جيسين تڙ تي تڙ ڏٺي،سهڙي سڄ چڙهي
تانگهہ تماچيءَ ڄام جي،
تانگهہ تماچيءَ ڄام جي،

❖

ڪيڏا ڪينجهر ڪنڌيين آهن اوسيئڙا،
تماچيءَ جي تانگهه ۾.
هي ساوڻ جي سج جا، ڪوٽين تي ڪرڻا،
تماچيءَ جي تانگهه ۾.
ور ور اتر واءُ جا، لهرين ڪي لوڏا،
تماچيءَ جي تانگهه ۾.
جئن ڪي اکيون آسري، ڪنول تيئن ڪڙيا،
تماچيءَ جي تانگهه ۾.
ڪيڏا ڇڇي ڇج ۾، سڳنڌيا سپنا!
تماچيءَ جي تانگهه ۾.

❖

# سسئي

1

ڏس هي نديءَ نير، بيهي بيهي ڪينڪي،
سوگھو ڪرڙ ڪرير، وس نہ ڪنهن جي وهڪرو.

_

تو ڏوئيندي ڪپڙا، لڪي لهر وئي،
آئي لهر نئي، وس نہ ڪنهن جو وهڪرو.

_

مهڪي پيئي منڊ، ٿاريءَ گل ٽڙي پيا،
مور نہ آهين منڌ، تون ڪالهوڪي نينگري.

_

ڇڻ ڪي انگيءَ چار ۾، تتر تا تڙڦن!
ساٽيءَ ۾ پاڇو پيو، ڏنو منڌ لڱن،
ترنيءَ پنهنجي تن، هرڪي هٿ گھمائيا.

_

جهرڪي جر جي آرسي، مرڪي منڌ ڏنو،
جوڀن ڦوهہ منو، پڪل ميوو منڌ جو.

_

مينديءَ رتا پيرڙا، پاٽيءَ ۾ لاهي،
منڌ ڏنيون پنهنجون پنيون، پڙي ڪي ناهي،
ماٺهوءَ وس ڇاهي؟ ميڇين آئي مورڇا!

_

ڪنڌيءَ مٿان ڪڱ، اڄ اڳي ڪان اجرا!
ڏک ڦلن جي ڍير ڪي، هي سڀ جوڀن رنگ!
انگ نہ ساڳيا انگ، اڱ نہ هيئن اتاولا.

—

جوڀن جهڙالي، لڳهہ ساريءَ لوءِ تي،
هرشيءِ ڄڻ ڪنهن مڌ سان، ٿي وئي متوالي،
لالي نرالي، الهڙ تي ايري پئي.

—

اکيون تنهنجون ڪامڻي! مديريرن پيا ليون،
مت نت نراليون، ڪيپ ڪتي ئي ڪو نہ ٿو.

—

جوڀن پهريان ڏينهڙا، ساوڻ گهاٽا مينهن،
سارا سارا ڏينهن، جهڙ نہ لهي جيءَ تان.

—

جوڀن پهريان ڏينهڙا، ڦڳڻ ۾ جئن ڦل،
مور نہ تن جو تل، سارا ڏينهن چمار جا.

—

جوڀن پهريان ڏينهڙا، گهٽائون گهنگهور،
من انوکو مور، نچي تن سان نيٺ ۾.

—

جوڀن پهريون راتڙيون، وسيهر جا ونگ،
جن ۾ اٽيل انگ چين نہ پائن ننڊ.

—

جئن انبن ۾ ٻور، چٽي آئي انبڙيون،
تئن ڪو پرينءَ پور، الهڙ ۾ ايري پيو.

—

ڪٿي آن، ڪنهن جاءِ تون؟ اڇڻ وارا آءُ!
منهنجو لونءُ لڱاءُ، ڳولي توکي ڳجهه ۾.

—

ڪٿي آن، ڪنهن جاءِ تون؟ ساجن سج ورن!
توکي منهنجي من، جهڙ جهاڳيندي تاتيو.

—

جهڙ ڦڙ جهور جهڪر، جوين آگم ڏينهڙا،
جر ٿر بوندون بود ۾، من ۾ نچن مور،
اکيون ڪڪر ڪور، سارنگ سرجن ساهه ۾.

—

ماڻهوءَ وس نہ هينئڙو، جوين نديءَ تڪ،
ڪانهي ڪنڌيءَ ڏڪ، سانداري ۾ ساهه کي.

—

پيا تار ترن، سهسين سورج ترورا،
آيون ڏوبيءَ گهاٽ تي، ساجهر تازي تن،
مرن مٿان گجريون، پيئون ڇم ڇم ڪن،
جلوي جهڙپ جهپن، پرٿياڻيون پانڌيئڙا.

—

سهسين سورج ترورا، پاڻيءَ پاٽ تہ ڏس!
جوين تنهنجو جس، سامهون نديءَ نير تي!

—

ڏوبي گهاٽ، وريتڙيون، ٽڻن ڏائڪ ٻار،
ڇڳڙون ڇچليون ڳالهڙيون، ڪڏڪيون اکين نار،
ڪيڏو مايا ڇار، موهيو ماڻهوءَ هينئڙو!

—

ڦٽڙا ٻار، اليليون، مرڪون موتين تل،
ڳل ڳل ڳاڙها گل، ڏاڙهونءَ ٽاريون انگڙا.

—

چنچل ناريون، چلوليون، روپي رنگ ونيون،
ڏسي سنگ سرير تي مجهان ٻاجهه ٻنيون،
پنهنجا تن تنيون، ڏارائن ٽيون ڏيئڙيون.

—

انگيءَ انگيءَ قاروان، ڏوران ڏيک ڏين،
ٽٽين ٽڙڪي ٻارڙا، ڍَوَ تي ڍُڪ پيين،
منان دور نين، هرڪا ڪوجهي ڪامنا.

—

ماٺهوءَ منجهه مهان، سپنو هن سنسار جو،
جنهن کي ڳوليندو رهيو ازل کان امڪان،
آخر ٿي انسان رانول روپ پرائيو

—

ماٺهوءَ ساڻ مٽيا، هن سهٽي سنسار کي،
هونءَ ته ڦول ڦلار ۾، ناهن ڳاڻ ڳٽيا،
پر مون وڏ وٽيا، ٽٽين ابهم ٻارڙا.

—

هي جي مک مٿول، کڙيا ڪنول وانگيان
سارا ڦڳڻ ڦول، مٿ نه تن جي مرڪ جي.

—

پاٽي، پرٽياٽيون، لهريون، پاچا لوڏ ۾،
نونٽيون ڪسيون ڪنگڻ، لهريون اڏاٽيون،
رڻ جهڻ، رهاٽيون، نپوڙيندي ڪپڙا.

—

نپوڙيندي ڪپڙا، ٻانهون ٻر ٻر ڪن،
ڄڻ ڪو سڄ سرير ۾، لهسي منجهه لڳن،
آها! پورهيت تن، هڏ وڃي هيرا ٿيا.

–

هڏ وڃي هيرا ٿيا، پورهئي مٺ نه مور،
ساري رات سرور، پورهيو پگهر واسيو.

–

پورهئي پگهر تل، موتي ڪوبه نه ملڪ ۾،
هيءَ جا پگهر واسئين، ان جو مور نه مل،
ڄام انهيءَ ڏي ڄل، مهڪ ڇڪي ٿي منڌ جي!

–

اهڙي ڪاٻه نه ڪيچ ۾، ڄام انهيءَ ڏي ڄل!
هيءَ جا موتيءَ تل، پگهر منجهه پسي وئي.

–

2

ڪٿان ڪاهي قافلو، ڪٿي آيو هان!
مورُ نہ مَٺُ پنهور جو، ڪجھ پڻ پونءِ مٿان،
ڳولي ڳولي مان، پهتو آهيان پريتڻي.

_

هونءَ تہ ڪيڏيون ڪامڻيون، ماڻيون آهن مون!
پر سيني ڪان سسئي! آنھ انوکي تون،
مون ائن پانيو پون پيرن ڪان نڪري وئي.

_

مون جو ڦيريا هٿ، ڪيئي ڳم ڳري پيا،
ڪنهن بہ ڪنواريءَ نٿ، مون ڪان منهن نہ موڙيو.

_

مندي موٽائي، ڪهڙيءَ آڱر مون هٿان!
هريو هانو حويليون، سوچي سڀائي،
اڪين ۾ آئي، هر ڪنهن دل دهڪي ڪري.

_

ويرو تار ورونهن، اکيون اٽاسيون ڪري،
جيءَ آسونهين سونهن، جيسين ڪا جاڳي پوي.

_

سسئي! منهنجو ساهہ، اپري توڏي آئيو،
آخر نينهن نباھ، سرچي ويا سوچ ۾.

_

جڻ تہ جڳن ڪان جيءَ ۾، آهين منهنجي تون،
توکي ئي هر منڌ ۾، ڳوليو ٿي جڻ مون،
توسان مليس، پون پري پنورن وانگيان.

-

سسئي! هيءَ سجاڻ، جڳ جڳاند ڳالهڙي،
جڙجي ويا جيءَ ۾ اکين جا اهڃاڻ،
پاڻ وڃائي پاڻ، پاتو پنهنجي پاڻ کي.

-

سسئي! هيءَ ساڃاهه، جڳ جڳاند ڳالهڙي،
من کي آٽي مٺ ۾، هئن ڇو هونءَ نگاهه!
ڪيڏي تو ۾ ڪامڻي! ڏورانهين جي ڏاهه!
پرجهيم منجهه پساهه، ناتو نيرَ وانگيان.

-

ناتو ينر وانگيان، جڙي ويم جيءُ،
او ڏوڀيءَ جي ڏيءُ، هڏ نه آهين اوپري!

-

ڇا، هي ڏوبي گهاٽ، اڳ به مون آهي ڏٺو؟
ڇا، ان منهنجي ڪيچ ۾، ڪئي ننڊ اچاٽ؟
ڇا، هي پاڻيءَ پاٽ، وهيم روز وجود ۾؟

-

ڪيڏي پنهنجائپ، پوري هن پنيور کي!
بوند سڃاتي، سپ، سپ سڃاتو بوند کي.

-

ڇا مون ڏٺا ننڊ ۾، اڳ هي نديءَ ڪپ؟
پيتم پاڻيءَ لپ، امرت آڳانجهو لڳو.

-

ڪالهه ڏٺم پنيور ۾، پوري تنهنجو پاڻ،
مون پانيو تون ڪچ ۾، سدا هئينءَ ساڻ،
جئن ڪو واٽي واڻ، تئن تون تندون تن ۾.

—

اکين آءٌ نہ وسهان، ڪيئن پوي هيءَ پڪ!
مون توکي پاتو پرين، لنگهي آڏا لڪ!
سسئي! ناهہ سمڪ، تون سپنو يا ساپيا؟

—

آءٌ اجايل روجهہ جان، تون ڪا نرائي،
اکين پنهنجي اڄ، جو تون مان اجهائي،
لُنءَ لُنءَ لڪائي، تنهنجي سڪ سرير ۾.

—

اڏري ڪائي ڪونج، جئن ڪيٽيءَ تان ڪڙڪندي،
تئن ڪا گذريءَ گونج، تو مان اپري اوچتو.

—

جئن ڪو روهاڪي، رڙندو اپري روهہ تي،
اکينئان تو مون ائين، ڳالهہ ڳجهي آکي،
صديون ٿيون ساکي، منڊ نہ آهين اوپري.

—

ڏيئا تنهنجي ڏس جا، مون کي جيئارين،
جوتي آدجڳاد جي، ٻارهوئي ٻارين،
ور ور ڏيکارين، رويا تنهنجي روپ جي.

—

ڪوهہ ڪجاڙو ڪيچ، ور هيءَ پُنءِ پنيور جي،
پيار انوکو پيچ، مون کي ڏيهہ نہ اڃهي.

—

مٺان تارن ڏيئڙا، هينان ڪر ڪنن،
پنهونءَ چميس پاپڙيون، جاڳي منڊ مٺن،
توڙي سسئيءَ سن، چوڏهينءَ چنڊ اجهاميو.

—

**ٽم ٽم، ٽم ٽم، هينئڙو، رم جهم رم جهم روپ،**
**سسئي سونهن انوپ، جهري آريءَ جهول ۾.**

—

## وائي

متان ڪيچ نيو، متان ڪوچ ڪيو!
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
جهڙي پُنءِ پنيور جي، اهڙو ديس نہ ڪو!
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
پرٿياڻيءَ جي پريت جو اهڙو پيچ پيو،
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
سڳ سلهاڙي ساٿيو، ٻيهر ٻرد ٻڌو!
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
روڏن گوڏن گهنگهرو، متان ڇمڪايو!
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
هيءِ هيءِ ڪهڙيءَ هٻ اڄ، منهنجو هانءُ نيو!
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
ڇپر ڇاٽاري ويو، گهگهو گوريءَ جو
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
ڪرڙ ڪڪوريا اوچتو، ٻبرن ٻور ڪيو،
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
هاڙهي پٻ، هڱور تي، ٺهہ ٺهہ مينهن وٺو،
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
ڪنوٽيون، ڪهنبا اپ ۾، پريت سوڙ سپنو
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!

پاڪي ماڪي ٿي وئي، تو جئن تس ڏنو
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!
سسئي، تنهنجي سنگ ۾ جيئڻ جس لڌو!
آءٌ نہ پنهنجي وس ۾!

❖

عشق اوائو ڪير چوي؟
انجي واٽ انوکي آهي!
ڪيچ چڏي، هي ڄام نہ ڄاتو، ڪرها ڪيرُ پيو ڪاهي!
رات پني، پنيور مٿان ڪجهہ چنڊ بہ بيٺو ٿو چاهي.
روهاڪيءَ ڪي روهہ سڏي ٿو، سچ ڪٿي سو ساڃاهي!
منزل پير تڪيندي آهي، ڪنهن بہ اهو ڄاتو ناهي.

3

لاليءَ تنهنجي لالٽا! مون جو موهيو من،
تون ئي منهنجيءَ تاس ۾، تون ئي منهنجو تن،
آءٌ بہ تنهنجو ون، تون جو ٻرين سج جان.

–

ڏوئي پير پيان، تنهنجن ڪرهن جا ميان!
جهاٻا، جهوڙا جيءَ سان، لائي شال جيان!
چڱون توءِ ڏيان، واڳون جن تين مان وٺين!

–

پيرن ۾ تنهنجي پنهون! ولوڙڻ ويرون،
جڻ ڪنهن ابابيل جون، آسر اليرون،
پنيءَ ۾ پيرون، ناچوءَ جئن نچي هينئون.

–

هينئون وس نہ مون، هوتا! تنهنجي هنج ۾،
اڄ مون لئہ پنيور هي، رڳو ناهہ پتيون،
آهين تون ئي تون، مان پانيان هن پونءِ تي.

–

آڌيءَ رات اُهاءِ، سپت رشيءَ جو سامهون،
سر سر تنبو هوت جا، جهر جهر ڏڪڻ واءُ!
پيو نہ پڙلاءُ، رمتي رات رمي وئي.

–

ڏس هي چنڊ اهاءُ، آڌيءَ رات پنيور تي!
توسان وڻ ٽڻ واسيا، سپ ۾ تنهنجو ساءُ،
مون کي جڻ مون ماءُ، تو لئہ ڄام ڄڻي وئي.

—

تو لئہ ڄام ڄڻي وئي، مون کي ڄڻ آيل!
جنهن ۾ هڪڙو گل ڪڙي، منهنجو من ساول،
ڄام تہ پلئون پل، پنهونءَ مٿ نہ پريتڻون!

—

واري امن سڄ وار، پنهون تنهنجيءَ پريت تي!
لڙڪن ساڻ مڙهي ڇڏيان، مين لاءِ مهار،
هونءَ تہ هوت هزار، تو جئن جت نہ جوءِ ۾.

—

تن جون جهلون جيءَ سان، لهڪي لڳايان،
تن ناڪيليون نٿ سان، لالڻ مان لايان،
سي ڪئن پلايان، آري جن اوڏو ڪيو!

—

نيري ٿپهري، پٽڪو نہ پنيور ۾،
ڪٿان آندءِ ڇڪندا، ميان! هي مهري؟
اکين اُبهري، جن جي جهانءِ جهپي وتي.

—

سسئيءَ تلڪ نراڙ تي، چندن جو چورو،
تو بن آهہ برهمڻي! پنهون آڻ پورو،
سپنو اڌورو، پوري هن پنيور جو!

—

ٻانهن مروڙين تو ميان! چوڙيون ٽيون ڇمڪن،
متان ڪچيون ڪنگڻيون، تني ساک ڏين،
سيان لوڪ چون، سسئيءَ ڪر لڄائيو!

آءُ اڏ رمي آريئا! توسان چڱي هان،
ڏوڙ ڏرم تي، جي وجي مون ڪان هوت هٿان،
ساجن! مون توسان، ملي موڪ پرائيو.

_

پنهون تون ٻہ تہ پنڌ، کهڙا پنڌ پچان پرين!
ناهي ڪوبہ گرنٿ، مون لئہ تنهنجي منهن جيان.

_

## سهڻي

1

ڪپر اڳيان ڪُنَ، آر تہ اجا اڳتي،
آڌيءَ رات اگهور ۾، ڪيڏي ساگر سن!
تارا تنن تن، لهرين لاءِ لباس جا.

_

آڌيءَ اونگهن ٿا، ٻگهہ اڇيرا ٻيٽ تي،
چنڊ چري آڪاس ۾، اُٺي ٿو سپنا،
موهي ويا منڌ کي، ڪنن جا ڪڙڪا
ساهڙ سڏ ٻريا، سهڻي گهڙي سير ۾.

_

واري شال وجان، پنهنجي محب مهار تان!
گهوريا جيئڻ ڏينهڙا، سرتيون! ساجن تان،
مور نہ مان موٽان، ڏسي دم درياهہ جا.

_

جن کي ساهڙ ساهہ ۾، سي ڪئن ننڊون ڪن؟
گهڙا ڪٺي گهير تي، آڌيءَ رات اَچن،
جهڙقڙ ڪانہ ڏسن، ترنديون وجن تار ۾.

_
آءٌ نہ تران ايئن، جئن ڪا ٻانڌي ٻار ۾،
تڪي وڃان تير جان، سگھہ سموريءَ سينءَ،
ساري پار پرينءَ،ترندي وڃان تار ۾.

_
پاٽيءَ ۾ پانا ٿيا، مينديءَ رتا پير،
ڪنڊيءَ پھتي ڪير، جو هئن گل چٽي پيا!

_
مان چڪوو مان چنڊ، مان ئي پنھنجو پريتڻو،
ميهر! تنھنجو منڊ، مون کي مون ڏي ٿو ڇڪي.

_
نينھن اڙانگو نانگ کان، ڪھڙو ويچ ڪُڪيءَ!
مون کي اڄ سمجھائبو، سارو ڏينھن سکيءَ،
تنھنجي چس چکيءَ، تو بن رات نہ آئڙي.

_
متان مھڻو ڏين، ڏينھن گذاريئہ ڏم سان!
اٿندي وهندي مون هئي، تنھنجي تات پرين،
شال اهو سمجھين، سھڻي سدا سير ۾!

_
ساهڙ! سارو ڏينھن مون تنھنجا ساپارا،
سرتا! منھنجي ساھ کي، ڏم ڪري ڏارا،
پيار بنان پيارا، وھ کان وتري جندڙي.

_
کھڙي ڪر اجار، توسان جڳ جرکي پيو!
سينڌا! تنھنجي سنگ ۾، پاپ نہ منھنجا پيار،
مر ڏي لوڪ ميار، آءٌ سدائين سير ۾.

_

گهوٽ نہ آهي گهوٽ، جي لونءَ نہ ڏي لائون،
مون سان توڪي ٻنڌڻين، ميهر ٻڌائون،
ڏم ڏسي آئون، اندر پانيان اوپرو.

_

ٻانهون ساهڙ ٻڪ ۾، ڪنڌيءَ تي ڪامهہ!
ڪيئن نہ پڪي پهہ، گهڙي روز گهڙو ڪٽي!

_

ٻانهون ساهڙ ٻڪ ۾، مٿان ساوڻ چنڊ!
ڏم تہ ڏاري هينئڙو، گهر تڙ جيئڻ جنڊ،
ميهر! توسان منڊ، مور نہ آهي اوپرو.

_

مٿو ميهر هنج ۾، مٿان ساوڻ مينهن،
ور هي توسان نينهن، گهوريو منهنجو چنڊڙو!

_

مٿو ميهر هنج ۾، مٿان پوي ماڪ!
چا چا تڏيءَ ٿاڪ، پرين تنهنجي پار تي!

_

چاتيءَ تي ميهار جي، سهڻيءَ چڙيل وار،
جهر جهر هوا جهنگ جي، اوندهہ انڌوڪار،
پسائي ٿي پيار، پر تي دکي باهڙي.

_

ڪنڌيءَ مٿان باهہ ۾، ٽڙڪن ٽيون تاريون،
ميهر ڏئيون منڌ جي، اکين ۾ آريون،
ونيون ويچاريون، اچ نہ پنهنجي وس ۾.

–

ميهر اڪيون آگ ۾، منڌ سڪائي وار،
شل هيءَ سڀ ڄمار، پوري ٿئي ان پور ۾!

–

متان ٿمڪو ٿيڙئو، گهگهه رهي گهنگهور،
جئن سڀ لڄ لٿي وڃي، چاهت روپي چور،
پرينءَ سان هر پور، سرچي اڄ تہ سرير جو.

–

هيءَ ريساري رات، جهر جهر هوا جهنگ جي،
ڇڙا، چنگ، ٻري هيئون بيهي نہ برسات!
پرين! شل پرڀات، رسي وڃي رين سان!

–

اڃا، اڃا اوت، پنهنجا نيڻ نهار ۾!
جيسين جيئڻ جوت، سهڻي! سونجهہ مهار ڪي.

–

تو ڦيريندي هٿڙا، لُنءَ لُنءَ ڪئي لات،
جهوري وڌو جيءَ کي، منهنجي آڱن آٿ،
مٿان وسي مات، پور ڏنو مون پاڪرين.

–

جئن ڪا ڪوري ڪنگري، امهائي ڪوئي،
منهنجو من تو ئي ميهر ائن مهڪائيو.

–

ميهر! تنهنجا هٿ، چڪن ساهہ سرير مان،
مون ۾ ڇيد ڇهاوَ سان، آڌيءَ رات اڪٿ،
ورهہ انوکي وٿ، جهٻڙ سان جرڪي پوي.

–

ميهر! تنهنجا وار، ويڙهي ويا مون هينئون،
ويهي تارن ڇانوَ ۾، ساجن سپ ڇمار،
توسان ڪيان پيار، ٽڪجي ٽڪجان ڪينڪي.

—

ميهر! تنهنجي ٻانهن، ڏٺي انوکو ڏيهه ۾،
دک نه تاتي دانهن، تو ۾ سپنا سک جا.

—

ميهر! اڄ نه مران، جهري تنهنجي جهول ۾،
سياڻي سرتاج! مان، متان ڪانه وران،
نڪران ئي نه گهران، ايڏو ڏم ڏکيو پوي!

—

ڪاري ڪارونيار مان، آڏيءَ جو ڪاهي،
آيس تنهنجيءَ ڪڇ ۾، لاڳاپا لاهي،
امرتا آهي، ساجن تنهنجي سنگ ۾.

—

پنهنجا هٿ نه جهل، منهنجو جيءُ جهري پيو!
ايري ٿي هر انگ مان، وڄ جيان ڪا ول،
پور ٿئي اڄ پل، آءٌ اساهي سانورا!

—

ڪلهه ٿي ڇَڪيءَ چاڙهيا، ڪنير ڪپا جيئن،
ساجن! اڄ سرير ۾، لونءَ لسائڻ تيئن،
هانءُ نه منهنجو هيئن، پر وس، ٿيو آڳ پيار ۾!

—

ليلا کي هر لونءَ ۾، توسان لڪايوم،
هن سهڻي سنسار کي، ڇميءَ سان ڇايوم،
توسان ورهايوم، جڏهن ساهه سرير کي.

هيءَ جا پنن سيج، مهڪي پئي ماڪ ۾،
هانوَ نہ اهڙي هيج، ٻي ڪائي سنسار ۾.

_

ڇا هي ساهہ سرير ڪان ، آهي ڪجهہ الڳ؟
پرين! تنهنجي پڳ، ٻيئي پنا پنڌ ۾.

_

ڪئن ڪو ريٽي چنڊ ڪي، ڇوندي چانڊوڪي!
آهي اهڙو ئي ناتو ساهہ سرير جو.

_

ناتو ساهہ سرير جو، جنهن ناهي ڇاتو،
پورو ڪنهن جي پيار ڪي، تنهن نہ ڪڏهن پاتو،
پل پل پاراتو، ٻيائيءَ جي ٻوجهہ ۾.

_

سڄڻ اوري آءُ، سُري منهنجي ساهہ ۾ !
رهندو سائر ڪنڌيين، سدا تنهنجو ساءُ،
ماڻهو ڇا آهي؟ واءُ! سيڪجهہ آهہ سڳنڌ ۾.

_

ڇا، مان توکان ڏور، رهي سگھنديس ڏم سان؟
ڇا، مان ڪوئي ٿانءُ هان، مٽيءَ جئن مجبور؟
پرين! تنهنجي پور، سدا رهنديس سير ۾.

_

مان جاڳان ٿي سپرين! تون پل سمهي پئو،
مون کي مور نہ ڇو، توسان ننڊ نہ اچهي.

_

اڳتي ننڊ گھٽي ميان، توسان کهڙ ننڊ!
گڙن پيا گھنڊ، ڇڙن چپ نہ ٿي اچي!

_

هيرؤن هندورو ٿيون، ڏڪڻ واءُ لڳو،
رکي رکي رات ۾، چڙو چنگ وڳو،
اٿي منڌ پڳو، آرس اوٻاسيون ڏئي.

_

پکي اَسُرَ ٻولڻا، اٿيا اي مهيار!
چا ڄرڪي ٻاک جي، جھونجھڪڙي جا چار،
ڏينهن گذاريان ڏم سان، ڪئن مان توڪان ڌار؟
اُٺ! اٿ! منهنجا پيار، وڇوڙو ويجھو ٿيو!

_

متان لوڪ پرو پوي، دلڙي ٿي دهڪي!
منهن انڌيري موٽجي، چڙي نہ ڇهڪي،
منڌ پئي مهڪي، اسر وير اٿي ڪري.

_

جھونجھڪڙي جي جهانءِ ۾، وڃڻ جي ويلا،
ٻُرن ٿا ٻيلا، جهري پيو جيئڙو.

_

تون بہ تہ تري آءُ، ڪڏهن منهنجي پار ڏي!
سدا مون کي سير جو، ڏنئہ چو سوداءُ!
ميهر! محب! مِلاءِ، توکي ڇڪي چو نہ ٿو؟

_

ساهڙَ ساهڙ! تون؟ چؤ تون پيارا ڪير آن؟
اُتي آڌيءَ رات جو، ڏئي ساھ سَٽون،
پاتو ڇا هي مون؟ تون تہ اجا آن اجنبي؟

–

پري آن ٻي پار، توڙي منهنجيءَ هنج ۾،
اجا مون کي اجنبي، لڳين ٿو ميهار!
ڏير نہ توکان ڌار، چين نہ تنهنجي اوڏڙو!

–

ڇا مون پنهنجي پاڻ کي، تو ۾ سڃاتو؟
منهنجو توسان سانورا! ننهن ننهن جو ناتو،
مون توکي پاتو، يا مون پاتو پاڻ کي؟

–

ملي تو ميهار، سهڻي سهڻي ٿي وئي،
اڇي آڌيءَ رات جو، ڏير نہ توکان ڌار،
هري منهنجو هانوَ ۾، سدا پيءَ پڪار،
لهرين لُڙ هزار، مون ۾ تون ئي تون پرين!

–

اٺ! اٺ! ننڊ نہ ڪر، مٿان رات رمي وڃي!
هي جي جوين راتڙيون، تن جون جهوليون ڀر!
پائي ڏيرُ، نہ ڏر، مٺو ميهر هجن ۾!

–

مٿان ويل وهامئين، اتي امر ٿيءُ!
اڄ ساري سنسار سان، جڙيو منهنجو جيءُ،
ڌرتيءَ ۽ آڪاس سان، هونءَ نہ ناتو هيءُ،
مون سان پوري پيءُ، هيءَ جا رس رهاڻ جي!

–

ڪوبہ سڄي سنسار ۾، مون جئن اڄ نہ امير،
مٿان ويل وهامئين! نديءَ ٿيءُ نہ نير،
جهل مون ساهہ سرير، ڪنڌيءَ جئن قابو ڪري!

–

امرت ويلو، ماڪ ۾ پنا پپل پن،
هي سارو سنسار آ، ڄڻ ڪي آدي ڪن،
سانت اندر ساجن، ڪيڏا گهنڊ گڙن پيا!

–

وري وڄڻو دور آ، مون ڪي ورونهان،
دکي ڏُکي رات جو، اجهاٽان، دونهان،
ڪڍيون ۽ ڪونهان، پرهه ڪي پرجهڻ لڳا.

–

سوچي سگهجي ڪانه ٿي، سهڻي سوا سير،
سهڻيءَ ڪي سهڻي ڪيو، ندي! تنهنجي نير،
ذرتيءَ سار اڏير، مٿ نه تڪيءَ تار جا.

–

2

گرج، گرج مهراڻ، ڇوليون وڏ ڇتيون ٿيو!
ڀلي منڊ وڏاءِ تون، مدائيءَ جا ماڻ!
جيسين مون ۾ پراڻ، ترندي وينديس تار ۾.

–

ڇئي سگهان ڪينڪي، ڇوڙ جي ڇاهيان،
وني محب ميهار جي، ازل کان آهيان،
ڪنن ۾ ڪاهيان، لکي ساري لوڪ کان.

–

ڀلي ڏمري ڏم، آءٌ انهيءَ جي آهيان،
جيڪو سدا ساهه ۾، جنهن لئه ڇٽڪي ڇم،
لاهي لوڪ ڀرم، ملان شل ميهار سان!

–

انڌي آکهه جنهن ڪيو، منهنجو آؤنو سڱ،
ازل کان مون اڳ، ميهر! توسان اڙيو.

–

ديواني درياهه ڪي، ڪيڏي گڦ ڇپن!
پيرين ان جي پيڪڙا، وجهي ڪُن ڦرن،
ڇيڙ انهيءَ سان ڇوليون، ڪري ڪارون ڪن،
پو ٻه نه ٿيون ڇرڪن، جن ڪي ساهڙ ساهه ۾.

–

ڪارا ڪارونيار! هٿين ته هيڪر ڏسان،
ايري جيڪر سير مان، پريان پرينءَ پار،
الا! مون ميهار، ٻوڙيو ڪاريءَ ٻاٽ ۾.

–

ستارو! چئجوس، ’سهڻي ٻڏي سير ۾،
’اسان اکيون ٻوٽيون، ٻڏندي ڪونہ ڏٺوس،
’اوندھ اڙايوس، تو لئہ ڪاري ڪن ۾.‘

–

تون بہ لکي وئين چنڊ، آڌيءَ جو آڪاس ۾!
مون سان ساري منڊ، وڌو وير اٿاھ ۾.

–

ڄرڪا! سچ چئي، پل پٽيو مون ماس کي،
جر ۾ اهڙي جنڊڙي، اڳ بہ ڏٺو ٻي؟
ڇا ڪنهن گهير گهڙي، هيئن سڳنڌيو سير کي؟

–

سچ چئو اي لوهڻيون، چڪين ماس ڪٽي،
ٻيءَ ڪنهن جي ٻوٽي اوهان، اڳ بہ هيئن وٽي؟
آڌيءَ رات آٽي، ترندي وئي ڪا تار ۾.

–

سهسين سيسارو! آءٌ نہ وري اچڻي،
ڪيو، جيسين آهيان، مئيءَ تي مارو!
ساهڙ سانپارو، ڇڪي ڇنو ساھ مان!

–

مور نہ مڙو مانگرو، وڏا وات پٽيو،
منهنجو جيءُ جهٽيو، آءٌ نہ وري اچڻي!

–

صدين ڪان پو مون جيان، سانگو پلي ساھ،
گهڙو ڪٽي گهير تي، ايندي ڪا درياھ،
ٻڏي ٻوڙ اٿاھ! آءٌ نہ وري اچڻي.

—

**لڪڻ لڳيون لوهٽيون، جڏهن چنڊ ڪڙيو،**
**دانهن ڪري درياهه جئن، مٿان مڇ چڙيو،**
**سهٽيءَ ساهه مڙيو، ميهر سان مهراڻ ۾.**

—

## وائي

اڳ نہ مران ميھار، يار!
توکي ڪنڌيءَ ويڪيان.
ڏاڍا ڏڙ درياھ جا، ڪکر ڪارونيار، يار!
ساري سير سڳنڌ ۾، لهرين لوڙهيم وار، يار!
ڪونهي انت اٿاھ جو، پاڻي تارئون تار، يار!
ڏهڪائي وئي ڏيل کي، پيلي جي پلڪار، يار!
ٽٽن چنبڙيون ٽيلهيون، مڙيا مڇ هزار، يار!
اچي ٿي اوڙآھ ۾، چنگ چڙي جي لار، يار!
ڪوبہ نہ آهي، جو ٻُڌي ٻُڏيءَ جي ٻاڪار، يار!

❖

آڏيءَ اُتي مون ٻُڌا ساھڙ تنهنجا سڏ
لڪي ساري لوڪ کان.
مَئي متي مهراڻ ۾، مڏ بہ کهڙا مڏ!
جنهن جوآر نہ پار کو، مون لئہ پاڻيءَ اڏ!
تون ئي ترين تار ۾، هئي رڳا هڏ!

❖

سدا منهنجي ساھ ۾، ساهڙ تنهنجي تات،
مون کي ننڊ نہ اچهي.
گهڙو چايم چيلھ تي، اٿي آڌيءَ رات،
اپري آئي اپ ۾، بانورجي برسات،
دم ڏسي درياھ جا، مور نہ ڪاڻم مات،
ساهڙ! توکي ساريان، توڙي واڳن مات.
❖

3

سهڻيءَ سوچيو سير ۾، 'آءٌ چڙهي گهر بار،
'اڌيءَ اٿي ڳوليان، ڇا لئہ ٿي ميهارُ؟
'هاءِ پراهون پار، جنهن ۾ چنگ ٻُرن پيا!'

–

سهڻيءَ سوچيو سير ۾، ڏسي انڌوڪار،
'سهڻيون ڪيئي، مون بنا مرندو نہ ميهار،
'ڪاهي ٿو ڪنهن ڪُنَ ۾ مون کي ڪارونڀار،
'هاءِ، پراهون پارُ، جنهن ۾ چنگ ٻُرن پيا!'

–

'اڳتي ڪيئن وڃان'، سهڻيءَ سوچيو سير ۾،
'ڪيڏو ڏور پرار ڪان آهيان آءٌ اڃان!
'گهڙو پنهنجو گهير تي، موٽي ڇو نہ ڀڃان؟
'هئہ هئہ ڪيئن مڃان، سڏ ٻرن ٿا ساھ ۾!'

–

ڪاري ڪارونڀار تي، ڇي ھ ڪيو ڇمڪار،
سھڻيءَ سوچيو سير ۾، ’مان ئي ھان ميھار،
’مان ئي پھچان پاڻ ڪي، مان ئي پنھنجو پار،
’مون سان پاڻ پرار، تري پيو تار ۾‘.

–

ڪارا ڪڪر اپ ۾، چنگ چڙي جي لار،
ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا، منڌ ملي ميھار،
لھرين لڙھندا وار، ڪانڌ ڪرايون چيلھ ۾.

–

سدا ڪائي سير ۾، سسي ڪي سيسار،
سدا چمڪيا چيھ ۾، لھرين لڙھندا وار،
سدائين اورار، تريا تار پرار ڏي.

–

سدا سڏڙا سير جا، وجھي قرب ڪڙا،
آٽيندا اورار تي، مٿان گھير گھڙا،
سدا چنگ چڙا، ٻرندا ڏور پرار تي.

–

ميا متا مھراڻ! شال سدا وھندو رھين!
ھيل ٻہ تنھنجي سير تي اڳي جئن اھجاڻ،
ٻرڪن پيئي ڄاڻ، لڙھيا وار لڙاٽ ۾.

–

ھي جو سڏ پرار جو، شال نہ ٿي پورو،
سدا اڌورو، سڏڪو رھي سير ۾.

# ليلا

1

جو چاهين سو چوندءِ تون، مٽيو توڙي ماڳ!
پوري تنهنجو ڀاڳ، آهي تنهنجي وس ۾.

–

هرڪ ٻنهي تي هارئين، اهڙو نرڳ نہ ڪو!
ور سو ماڻهو، جو هجي اُڻ تُڻ ڪان آجو!
هان، هي آهہ مٽيو، هان، هوءَ سيج سهاڳ جي!

–

امر ڪي آڏو ڦري، سگهي ٿو انسان،
آهي ماڻهوءَ وس ۾، ازل ڪان امڪان،
ليلا! سو نادان، جيڪو لکيو لوڙئي.

–

2

آئي اڳيان آرسيءَ، ليلا پائي هار،
چرڪي ڏسي ڪانچ مان، ڪاريهر جو وار:
هئہ هئہ هن جو پيار، پورا پورا درسني!

–

ذرتي تنهنجي درسني، ڏس تون پنهنجو پاڻ!
مدائيءَ جو ماڻ، جو تو چاهيو چت ۾!

–

ليلا! توسان ڪونہ هو، مٽئي ڪي ڪو موهہ،
هي تنهنجو ئي ڏوهہ، جو تون هرڪينءَ هار تي.

–

تون ته مٺئي کان موهٺي، هَئي! ڪٿن هرڪينءَ؟
ڪوڙو چمڪو ڪچ جو، ڪوٺي اُنَ جي ڪينءَ،
پرکي ڪالهه پرينءَ، ڏنئه ڏنپ ڏهاڳ جو.

_

ليلا! ڪابه ڪريت، پاڻ نه ٿي ميسارجي،
هاٽي جهوري جندڙي، چنيسر کي جيت،
پَلَ جي جوٺي پريت، ڪيڏو جنجل جيءَ جو!

_

ليلا! ڪنهن به ڪُريت سان سُڪُ نه آ پاتو،
پوري! تنهنجي پل سان، چڳو جو ناتو،
پل پل پاراتو، آهي جڻ ته چمار جو.

_

ليلا! ڪؤنرو ڪچ، پرک پرين جي پريت جي،
ڪوڙ منجهاران سچ، پاتو ڪنهن نه ڪريت سان.

_

ليلا! ڪنهن به ڪريت سان، ريت نه ٿي چوڪي،
اڳي کان اوکي، جاڙ پرائي جندڙيءَ.

_

هَئي! سپ حيلا، پرکج ريت ڪريت تي،
چنيسر سان چاڳ جا، ڪوڙا وسيلا،
لوڙائن ليلا، ڏئي ڏنپ ڏهاڳ جو.

_

سدا توکي سچ، ڳولي پيو، ڳجهه ۾،
ڳولائوءَ ڏي ڳهلڙي، تون به ته اوري اچ!
ها، هو ڪائو ڪچ، دور ڪري ٿو داسڙو.

–

3

**چا هيءَ ساڳي منڌ آ؟ يا آهي ٻي ڪا؟**
**لنگهي هئي ليڪا، چا هيءَ ڪؤنروءَ ڪڇ تي؟**

–

**هيءَ جا جَرڪي سونَ جان، پيڙا منجهه پئي،**
**ساڳي ليلا ناهه ڙي! ڪٿي هوءَ هئي!**
**هرڪي ڪالهه وئي، جيڪا ڪؤنروءَ ڪڇ تي.**

–

**چائت لاهي چت مان، ماٿهو پائي پر،**
**آجو ٿي ائن ٿو هلي، ڪونج ڪٽي جئن ڪر،**
**مٽئي موهه نير، جاڙ نسوري جيءَ سان.**

–

**مٽئي تي جو موهجي، دک پرايو تو،**
**تنهنجي لاءِ چڱو هيو، مان ائن ڀانيان ٿو،**
**هونءَ چنيسر جو، سات سجاٽين ڪيئن ها؟**

–

**ڪؤنروءَ بنا ڪانه، ليلا ليلا ٿي سگهي،**
**ڏڪيءَ پاتا ڏان، پاند جهلي پڇتاو جو.**

–

# مومل

1

اَلا اڄڻ وير، سڄڻ صديون لاٿئين!
آءُ ڪنائي پير، تو لئہ تڪيان ڪيترو؟

–

ڏس هيءَ ڪتيءَ راتڙي، پنيرڪي پيڙي،
الا ساهيڙي، سڄڻ اڄ نہ آئيو!

–

ادي، اڄ بہ نہ آئيو، سڄڻ پني رات،
جيڪر هن جي تات، تن مان آءُ تڙي ڪيان!

–

ڇا مان وسايان، روئي نيٽن ڏيئڙا؟
ڪنهن جي ڪرهي لاءِ مان ڪيسين ڪنايان؟
هاٽي مان پانيان، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

–

ڪيڏي لنبي رات آ، ڪيڏو انڌوڪار!
ٽيڙوءَ ٽمڪو ناهہ ڪو، اونڌهہ آهہ اپار،
سامي سڄ اپار، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

–

ڪارا ڪڪر ڪاڪ تي، ٻاهر چارا چڪ،
ڪيڏو ڪارونيار آ، ڪيڏي تارن لڪ!
سهمي ويندي سڪ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

–

هو جو مُندي ٽڪ، تارو ڪاري مَندَ ۾،
تنهن بہ ڪئي آ اوڇتو، لڳهہ هينان لڪ،
سهمي ويندي سڪ، ڪوبہ نہ ايندو ڪاڪ تي.

–

راڻا مون کي چين، موٽائي ڏي مينڌرا!
رئي ٿو لڳ رين، ڪيسين ڪاٽيان ڪاڪ ۾!

–

ڏيئا تيل قليل جا، ڦوڪي وسايان،
توکي واري مينڌرا! اڄ تڄ اجهايان،
وري نہ لايان، ميٽي لنو لِلاٽ مان.

–

راڻا! او راڻا! سڏ وراڻين ڇو نہ تو؟
ڪٿي آهين مينڌرا، پينگ ٿيا پاڻا؟
ڪنول ڪومائا، پونر پونءِ چڏي ويا!

–

ڪٿي آهين مينڌرا؟ مون کي سڏ تہ ڏي!
وئين هيئن ڇڏي، ڪهڙي ڪارڻ ڪاڪ ۾؟

–

توسان منهنجو مينڌرا، ڇو هئن انگ اڙيو؟
هينئون ڏيئي وٽ جئن، ساري رات سڙيو،
ڪنهن هئن جيءُ جڙيو، منهنجو توسان ڪاپڙي؟

–

ناتر! مون کي جهل، منهنجي وس نہ هينئڙو!
متان ٿي پاڳل، ڪيان رک رتول کي!

–

ڏس هو مون تي ٿو کِلي، لوٺيو لُڏاڻو،
سومل! سچ پچ ڪاڪ تي، ايندو نہ راڻو؟
هي جي ڪُماڻو، ڪنول ٽڙندو ڪينڪي؟

–

الا، رت ڏئي، مون جوڙيو جنسار ڪي،
پوءِ جو ڏنم ڪاڪ ڪي، ساري پيڙ وئي،
مٿان ماڪ پئي، رتو رنگ رتول جو.

–

مومل! پيھر ٻار، سارا ڏيئا ڪاڪ جا،
ڪيھ ڪٿن تان ڪامڻي، لاھي ھنڌ اجار،
ھئي! ھاڻُ نہ ھار، نيٺ تہ ايندو مينڌرو.

–

تو ۾ ڪمي ڪامڻي، ھن جو ڪھڙو ڏوھ؟
مورک! پنھنجو موھ، جاچي ڏس تون جيءَ ۾.

–

اڇڻو آھي اڇتو، راڻو ڦٽيءَ ٻاڪ،
ساجھر تنھنجي ساک، لڏاڻي ۾ ليکبي.

–

پيڙا جي ھر پور ۾، رچي ٿو راڻو،
سرجي سياڻو، سدا ڪاريءَ رات ۾،

–

پيڙا جي ھر پور ۾، ھيءَ جا ڪاڪ نھي،
ويندي ڪانہ ڍھي، نيٺ تہ ايندو مينڌرو!

–

مومل جيسين ناھ ڪو، تو ۾ رساڻو،
سياڻي راڻو، ڳھي ايندو ڪاڪ تي.

–

راڻو ڪاڪ سواءِ، رھي رھندو ڪيترو؟
مومل! ھو تو لاءِ، اڃھو پيو پنڌ.

–

ڪرها چندن هيرئان، لاٽو ڪونہ چرن،
موٽي ماڳ ورن، وهسي ساڳي واس تي.

–

ايندا ايندا ڪاپڙي، رتو روءُ نہ تون!
ويهي واس ڇڱون ٻيهر تيل قليل سان.

–

ايندا ايندا ڪاپڙي، لهند اڏوريءَ ڏک،
راڻو سدا سُک، ڏکن ٿورا ڏينهڙا.

–

مين بنا ماڪ، ڪهڙي چندن چوٽئين!
ناتر! ٻوٽ نہ تاڪ، نيٺ تہ ايندا ڪاڪ تي.

–

## وائي

مٿان ڪاڪ ٻرن،
ٽِم ٽِم، ٽِم ٽِم ڏيئڙا.
لڪي وينا لامئين پکي منجهہ پرن،
لڏاٽي ۾ لونيون، ستيون ساٿ ڪرن،
مومل سوچي ماڙيئين، ڪرها مان ورن،
چانگا چندن هيرئان، ٻيو ڪجهہ ڪونہ چرن،
تو بن راڻا رات جو، ڏاهيون ڏنجهہ ڏرن.

❖

تڪن تنهنجي ڪاڻ،
آڏيءَ اگهڻ ڏيئڙا.
تو لئہ وهسي واءُ ۾، سيرانديءَ سرهاڻ،
ساجن! مون ڪي سيج تي چينُ نہ ڏي چانڊاڻ!
ور ور واجهائي ٿڪو، هينئون منهنجو هاڻ،
تون سپنو، تون ساهہ ۾، ننڊ ڀري نيراڻ،
موٺ ڀليءَ جي ڀاڻ، وو، موٺ ڀليءَ جي ڀاڻ!

❖

رات لڙي آهي،
پنڌ پرهه ۾ ڪيترو!
اجهو ويون اُپ مان، ڳَتيون ڪر ساهي،
پنڌ پرهه ۾ ڪيترو!
جاڳ اجا ڪجهه جيئڙا! جهپ چڱي ناهي،
پنڌ پرهه ۾ ڪيترو!
ڏس هي مٽيءَ ڏيئڙو، جوت بنان ڇاهي!
پنڌ پرهه ۾ ڪيترو!
شال نہ منان مينڌرو، ڪاڪ ڪنڌي لاهي!
پنڌ پرهه ۾ ڪيترو!

❖

## موکي متارا

1

موکيءَ جو ماٽو، سدا متو مڌ سان،
اڳيان ايندءِ، منڌ ڏي ويندي، ٻہ واٽو،
ٻَٽين جي ٻاٽو، چارو وٺ نہ چس جو!

–

جيڪي چس چريا ڪيا، ڳچي ڳٽن ڪوهہ!
تن جو پيئڻ ڪان سوا، جيئڻ جهڙو ڏوهہ،
متارن جو موهہ، وهہ پيي پيي وترو ٿئي.

–

رچي ريٽا ٿي ويا، گهوٽ منجهان گهاٽي،
ڇا ڇا ساهس ساھ ڪي، وھ جي وهاٽي!
موڪيءَ جي ماٽي، جرڪن پيئون جنڊڙيون.

—

جهولايو ڇا جيءَ ڪي، موڪي تنهنجي منڊ!
جئن گل اتر واءُ ۾، تيئن متارن ڪنڊ،
هي نہ انهن جا هنڊ، جنڪي سانگو ساھ جو.

—

جئن سانوڻ ۾ ڏار، تئن جهولن ٿيون جنڊڙيون،
موڪي! تنهنجي منڊ ۾، ڪيڏا مينگھ ملار!
سر جي ڪنهن کي سار، ڏي ڏي وٺيون وھ ڀري!

—

ٻبر سائو وڻ، ٿونر ٿونر ٽاريون،
هينان موڪيءَ مٺ ۾، هينئين جي هڻ ڪڻ،
سويرو، سانوڻ، متارن تي مينهڙا.

—

پيئڻ تي جيئڻ، گهوري گهوٽ وهاٽيا،
رئندو تن لئہ راتڙيون، سدائين سانوڻ،
هو جي مري ڇڻ، موڪيءَ کي موڪي ويا.

—

وھ جي لونءَ لڙاٽ ۾، موڪي موتيءَ مُک،
اڏري ويو اوچتو، سارو ڏرتيءَ دک،
امرت روپي سک، ڪڙي ۾ ڪيڏو هيو!

—

وھ جي لونءَ لڙاٽ ۾، نچي ٿي ناتر،
متارن جا ميڙ ھا، ڇا ڇا موڪيءَ گھر!
انھن جي آڌر، پيئڻ پٽ رھجي وئي.

—

وھ جي لونءَ لڙاٽ ۾، سونھن پريو سنسار،
ٿر ٿر، ٿر ٿر ڏيئڙا، سارو ڪارونيار،
پن لئہ ماٺھوءَ پيار، امرتا اوڏو ٿيو.

—

مھڪي نڪتو مٺ مان، جيئڻ جو جنسار،
سرو سرجڻھار، لنءَ لُنءَ ۾ لھڪڻ لڳو.

—

ڪڙو ڄڻ تہ ڪڙو، جڙجي ويو جيءَ ۾،
گھاٽي ساڻ گھڙو، لنءَ لنءَ ۾ لھڪڻ لڳو.

—

جن کي ڪڙي ڪل، جيئڻ ڄاڻن جاڙ ۾،
جرڪائن ٿا جندڙيون، پارس جھڙا پل،
ڇا ڇا مڏ مھل، ساھ سجي ٿو ڪيپ ۾!*
* تون پارس مان لوھ، سجين تہ سون ٿيان پٽائي

—

سرو آھ سرو، متارن جي مک تي،
ھونءَ تہ موڪيءَ مڏ آ، ٻانھن لاءِ ٻرو،
جن کي پنڌ پرو، سرڪ سجائي تن سان.

—

ڪٿڙي پيا ڪيپ ۾ مهڪي موڪيءَ ڳل،
ڪٿڙي منجهه ڪنول، لڪي لهرائڻ لڳا.

–

ڪنگوءَ ون ڪرائيون، مهڪيون مٿي مٽ،
چمڪڻ لڳي چس تي، چانڊوڪيءَ جي ڇٽ،
اڄ تہ وٺيءَ وٽ، سر ڏيئي سستي ملي!

–

جان جو مٿان مڏ جي، لڙڪي موڪيءَ لٽ،
وٺي وهہ وترو ڀريو، گهٽڪيو اندر گهٽ،
ڳاري جيئڻ ڳٽ، جرڪايائين جندڙيون.

–

جڏهن پهتا مڏ جي، مٿان موڪيءَ نيڻ،
اسان سارا ويڻ، وٺي وهہ، وساريا.

–

وهہ مان واجهائڻ لڳو، جڏهن موڪيءَ منهن،
سرتا! مون ڪي سنهن، مون سڀ ويڻ وساريا.

–

آئي بنيءَ بوءِ، ڪپي وئي ڪيپ ۾،
موڪيءَ مڏ ڇڪائيو، جرڪي اٿي جوءِ،
رچي، ريٽي روءِ، مٽ متارن ڏوگهيا.

–

ڪهڙو ڪافر هاڻ، موڪي! منهن موڙي وڃي!
اپٽيا، اهاءُ ٽيو، ڇڪيسين چانڊاڻ،
موٽي مٿي ڪاڻ، وڃي ڪير ڪلال ڪان!

–

اسان صدين سڌ، اڄ پپي پپي پوري ڪئي،
اندر هونءَ به اڌ، متان سرڪ سڃو ڪري!

_

ٻرندي مان ٻاهر ڪڍي، ايءَ نه موکي اڍ!
وهه سان وهاٽي چڙي، ڏاري سارا ڏڍ،
سوچي سوچي ڪڍ، اچي ڪوبه ڪلال جي.

_

متان پپي پپي پوسرين، وهه ڪان وڃين وهه،
متان پنهنجو پهه، ڏسي ڏک، وسارئين.

_

سير جو ناهه سوال، جي به مئا سي ملهبا،
سرو سڳنڌيو رهي، سدا لالئون لال،
متارن مثال، معنيٰ ڏيندو موت کي.

_

پي جي پر ٿيا، موکي تنهنجي مڌ سان،
ٻي در ڪونه ويا، ور ور وهه وهاٽيا.

_

موت نه تن جي مات، پي جي وهه وهاٽيا،
چمڪيو چوڏهين چنڊ جان، سرو ساري رات،
وهاڻيءَ پرڀات، متارا مهڪي مئا.

_

ڪوڙو چوان ڪيئن موکيءَ هان جو مليو!
وهه وترو تيئن، جئن جئن ترو ويجهڙو.

_

تري تائين پيءُ، تہ تون موکي ماڻيين،
وٺيءَ وهہ وترو وٺي، جاڙ پرائي جيءَ،
هر ڪنهن ياڳ نہ هيءُ، متان مڏ موٺائيين!

_

متان ٻاڙو ٻولئين، متان ويڻ ڏئين!
او تون شال ٿئين، اجا وهہ کي ويجهڙو!

_

ڪپي ڪپي انگڙا، سڄڻ سڄو ڪن،
اياڻا الجهن، ڏسي وڍ وجود جا.

_

هيءَ جا اونهي ڪڏ، پڄي ٿي پاتار ۾،
ان ۾ اڇلائي جڏهن، پيجندا تنهنجا هڏ،
تڏهن تنهنجا سڏ، اوريندا آڪاس سان.

_

موکي انوکي، وٺي پرک پياڪ جي،
جنهن کي وهہ جي وات تي، چس لڳي چوکي،
انهيءَ لئہ اوکي، جاڙ نہ ڪائي جيءَ جي.

_

## وائي

سو ڪي سڏ سئا، هو جي رات مئا،
ورتائون وهه گاڏئون.
موڪي! تن جو مامرو لنءَ لنءَ منجهه لئا،
ورتائون وهه گاڏئون.
سپ به آهي سپ ۾، ڪنهن ڪي هور هئا!
ورتائون وهه گاڏئون.
ووءِ، متارا مٺ، تي، ڳهريءَ ڳيت مئا!
ورتائون وهه گاڏئون.

❖

اڄ جو وڻيءَ وٽ لئه، پارون پنڌ ڪيوم.
واري سان وهه ڳاڏئون، موڪيءَ منڌ ڏنوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!
وهه ٿي چڪيو چنگ مان جان جان گيت چيوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!
ماٺهن ليڪي مُڪُ، سڄو ماڪيءَ ميٺ هيوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!
ڳاري پنهنجا ڳلڦڙا، امرت ٿي آڇيوم،
پيتو، پيتو مون ميان،
مون ميان وهه پيتو!

❖

متارا مري ويا، موڪي تون نہ مرين!
ڪهڙيءَ پر پرين ڏڪي ڏاتارن ري؟
ڀٽائي _ سر يمن ڪلياڻ

. . . . . . . . .

موڪيءَ ڪيهي مات، الو ميان، ريٽو ٽيندو رات!
مرندا چار متارا، رهندي زهر پياڪن ذات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!
نيٺ تہ موڪي چوڪي ٽيندي، پرهہ ڦٽيءَ پرڀات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!
منڊ ڪروڙين ڪنڊ، سين ڪي وهہ جي وائي وات،
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!
موڪيءَ ڪيهي مات، الو ميان، موڪيءَ ڪيهي مات!
الو ميان، ريٽو ٽيندو راتِ!

❖

# مارئي

1

ڪنڊِيءَ سايون سڱريون، پسي ڳاڙها گل!
مٿان وسيون مينهن جون، بوندون موتيءَ تل،
ڪهڙا مٿيءَ مل، گهوري جند ملير تان!

–

پنيرڪي ۾ پونءِ تي، تڏا ترين تاڪ،
ڪائڻ سارو ڪيپ ۾، ڪاتونبن تي ماڪ،
چمڪيا ڪتين چاڪ، نڪتي ڪني سج جي.

–

سانيڪي تي سج، ورت وريتيءَ هٿ ۾،
نئورنيءَ جو نج، ناٽيو ڏينهن مهاندڙو،

–

ڪتيرين خوشبوءِ، ويڙهو مون ڪي واس ۾،
ڪائي سرڳ سڳنڌ آ، جيڏا! تنهنجي جوءِ،
هيءَ جا راٽيءَ روءِ، ڏرتي تنهنجي ديس جي.

–

وچينءَ ويلا ڍٽ تي، ڳيرا، ڳاڱيءَ وڻ،
مارن ڦوڪي بنسريون، ڪاهيا رڍن ڌڻ،
ساٿ ڪيا سانوڻ، وچون وريون اوچتو.

-

سانجهيءَ ٽاٽي ڍٽ، تي، ولين موتيا واس،
رتو آهن، ريت ڪي، ڳاڙهہ سري آڪاس،
هو جي اٽن ڏاس، ٻارن پيا ڏيئڙا.

-

ڪاريون ڪَتيءَ راتڙيون، تارا ٿا تمڪن،
ڏهر سڄو ئي ڏيئڙا، چؤنرا ٿا چمڪن،
روئي رم جهم ڪن، اکيون سانگين سار ۾.

-

ويڙهي ويڙهي جهپ، چانڊوڪيءَ ۾ چيٺ جي،
ٻاهر نڪتا رات جو، سانيڪن مان سپ،
اک نہ لائج جهپ، اڳيان ايندءِ پيئٽيون.

-

## 2

ڏس هي سينهونءَ سنگ، ڀڳل چوڙيون اڏ ۾!
ڪالهه هئي هتي مارئي، ڪامڻ روپي رنگ،
اڄ انهيءَ جي انگ، ڪڙا آهن ڪوٺ جا.

_

ڏس هي گهڙي چٽ، ڀجي جو ڀورا ٿيو!
ڪالهه هئي هِت مارئي، مارو جنهن جا مٽ،
توتي پائر پٽ سُک نہ سمهندين سومرا!

_

اڄ نہ ڪوهيءَ نار، نہ هو گهڙا چيلهہ تي،
ائٽ اجارا، وينگسون چا تي چوڙن وار!
ڪؤڙي سج نهار، ورت وسوڙا اُس ۾.

_

اڄ نہ ولين واس، اڄ نہ مٿيءَ مينهڙا،
سُڪي ويئي ويري، آهي اڄ اداس،
تون ئي نانهہ نراس، چا تي اورين اپ سان؟

_

ڪرها ارها پنڌ ۾، واريءَ جا وسڪار،
اپيون بانهون، اُپ ڏي، ڏؤنرن بنا ڏار،
اڄ نہ ڍنگهرن ڍار، ڏوٿي منهنجا ڏيهہ ۾.

_

ادي! اڄ تہ اداس، آهي منهنجو جيئڙو،
پرينءَ ساڳيو واس، ڪوهہ اواڳيو هينئڙو!

_

ادي! اڄ تہ آءٌ، ناهيان پنهنجي پاڻ ۾،
ڄڻ تہ پرينءَ ڪان پريرو، ٿي ويو منهنجو هانءُ،
ڪامن مٿان ڪانءُ، مون کي لات نہ اڄهي!

–

ڪامن مٿان ڪانءُ، ٻالهيون ٻهلي ٻوٿ ۾،
هرڪو چوي ڪانگ کي، 'ٻنهہ نہ پرينءَ نانءُ!'
ڪاڏي وڃان آنءُ، واهڻ مون لئہ وهہ ٿيو!

–

گندي ۾ گراهہ، ماڳ بہ آهي ماڻهئين،
پوءِ بہ تن جو ساهہ، آزاديءَ بن اوپرو.

–

ٻوري پٽر هيٺ، اپريو گاهہ اگوندرو،
مارو منهنجا نيٺ، پهتا پنهنجي ماڳ تي.

–

اگڻ ۾ آهن، پلر پاڇا وڄ جا،
جئن ساروٽيون ساهہ ۾، چٽڪي ڪجهہ چاهن،
لاڳاپو لاهن، شال نہ مون سان سپرين!

–

ماندي ٿيءُ نہ نيٺ، ايندا مينهن ملير تي!
وڄون ورنديون اوچتو، لڳهہ لهندا هيٺ،
مارو ماڪيءَ ميٺ، ملندا توسان مارئي.

–

3

ونڪ وڃن جي جيئن، تئن مون جيڏيون جوءِ ۾،
پائي نڪرن پولڪا، پهر پيازيءَ سينءَ،
آءٌ وساريان ڪيئن، پڪو پاڙيچن سين!

—

جئن هو ڪڪرن ڪر، پڳون تئن پنوهارئين،
ڳاڙها ڳن ڪهاڙئين، سج روپهرا ڦر،
اجهو مون اوڊر، دولهه منهنجي ديس جا.

—

لمي لوئڙياريون، ٽانگر ٽور ٽلن،
مينديءَ رتڙا پيرڙا، ٿمي نور نهن،
ٻڌي جهانءِ جهلن، پرديسي پانڌيئڙا.

—

ڪِلي ڪيڪارڻ لڳن، جيڏيون منهنجو جت،
اوندهه اجاري چڏي، ڏيئي جهڙيءَ ڏت،
پنهوارين پرت، موري سُڪا هينڙا.

—

تارن جئن ٽمڪن، تن جو نٿ نموريون،
پرٿ پريندي جهول ۾، ٻانهون ٻهه ٻهه ڪن،
جلوي جهڙپ جهپن، پرديسي پانڌيئڙا!

—

جيئن ڪانهن ڪر، لڳن اتر واءُ ۾،
تيئن تن جا ور، هو جي پرن پاڪرين.

—

هي جي ڏؤرن ڏيهه، مون ڪي مليو ڏاج ۾،
اهڙو ڪو ساٽيهه، آءٌ نه پانيان پونءِ تي.

–

سهسين رنگ سرنگ، مٿيءَ منجهه ملير جي،
گولاڙن ۾ گلڙا، مٿان وڃن ونگ،
اڃن ٿا اُڙنگ، ڪڙي ڪهنبي وانگيان.

–

سدا اکين سامهون، سک سپک سپنو،
چني سگهيا ڪينڪي، نير هيءُ ناتو،
ڪئن تون من منهنجو، ڪڙن ۾ قابو ڪندين؟

–

سانجهيءَ آندا سانت ۾، کهوءَ مهوءَ وڻ،
پيڙا ٿيا پيٽئين، ڏراڙن جا ڏڻ،
تارن هيٺ اگڻ، ٿم ٿم ڏيئا ڏهر ۾.

–

ساريندي ساٽيهه کي، جي مان بند مران،
ڪچيءَ ڪوٽيءَ جان، موت ڏريندو هٿڙا.

–

مارو ڪک ٻه موريا، جڏهن وٺا مينهن!
هي جي ڏکيا ڏينهن، رهي رهندا ڪنيڪي.

–

4

سينڌي تنهنجي سومرا، ڪڏهن ٿينديس ڪانه،
قد ڪري نادان! ڪنهن ٻه نه پاتو پيار کي.

–

هيءُ نه منهنجو ديس، منهنجو ديس ملير ۾،
آءٌ ڪٿيريءَ ويس، مورُ نه مٿيان سومرا!

—

تو جئن ڪيو سومرا، ڏاڍ ڏڪوئيءَ سينءَ،
ڪو بہ نہ ڪري ايئن، مرونءَ لچ اڇي وڃي!

—

مون جو پريو ٻاجهہ سان، ڪالهہ اڄايل ٻڪ،
ڏين ٿو وهہ جو ڍڪ، ان ڪارڻ تون ڪوٽ ۾.؟

—

ڳهليون قسمت ڳالهڙيون، هي سڀ تنهنجا ڏاڍ،
آءٌ نہ ڏسي اپ ڏي، ڍرڪي ڪيان ڍاڍ،
آهي منهنجي آڍ، سگهہ سنگهارن سومرا!

—

آءٌ نہ سڌي اپ ڏي، پٽي ڪڍان پار،
سنگهارا سنگهار، ٿوڙيندا مون سنگهرون.

—

جئن ڪي ڪهوءَ ڏار، تئن هو مڙس ملير جا،
نيٺ تہ تنهنجي ڪوٽ تي، اپري ڪندا وار،
سگهارا نگهار، ولهيءَ ٿيندا واهرو.

—

اڪين اوٺ سوال، اپريو ڪوئي اپ ۾،
ڪڏهن ايندو اوچتو، پٽن ۾ پونچال؟
هيئن اسان جو حال، ڪيسين رهندو ڪوٽ ۾؟

—

پٽن ۾ پونچال، اچڻو آهي اوچتو،
سدا رهندو سومرا! هيئن نہ منجهو حال،
تو هي خام خيال، 'سوگهيون آهن سنگهرون'.

–

اجا ڪر ايو، اوچو پنهنجي ڪوٽ ڪي،
متان اپري سج جو، پاڇو پوي ڪو!
پو بہ سدا هوندو منهنجو من ملير ۾.

–

اجا ڪر ايو، اوچو پنهنجي ڪوٽ ڪي،
نِوڙي متان چنڊ ڏي، مون کي ڪو نياپو!
پو بہ سدا هوندو، منهنجو پيرَ پنوهار سان.

–

مون ۾ آهہ ملير، آهيان آءٌ ملير ۾،
رڳو روڪي ٿو سگهي، جسي کي زنجير،
تنهنجي وس سرير، مون من ماروءَ هنج ۾.

–

مون کي وڏي سومرا! ڳيا ڳيا ڪر،
پوءِ بہ ٻڌندي ڏر، مون مان نانءُ ملير جو.

–

نسورو نادان، سدا آهن سومرا!
منهنجو ساهہ سنگهار ڪان، ڏار ڪندو زندان؟
آءٌ تہ هان حيران، ڪيئن تو ياڙيو ڪوٽ تي!

–

5

سونهن نہ ويندي سومرا! منا ڏوئان يا نہ،
ويندیس سج سمان، موٽي ملڪ ملير ڏي.

_

سونهن نہ ويندي سومرا! ڏان ڏئي ٿو ڏُک،
موتيءَ جهڙو مُک، اڳي ڪان اڳر ٻَري.

_

جئن جئن تنهنجي جاڙ، تئن مان سرسي سونهن ۾،
ايري مٿ پهاڙ، چنڊ لڳي جئين چيٽ جو.

_

ٽڙي ڪاريءَ اس ۾، سورج مکي جيئن،
ڏک ڏسي مان تيئن، سرسي ٿيان سونهن ۾.

_

ڏسي ڦول ڦکو ٿئي، مان جي ڪٺان منهن،
سچ تہ آچي سنهن، آءُ اَجُتي سومرا!

_

مارو ڄاڻن ٿا، ست ٻَکي ٿو سونهن ۾،
سدا لوئيءَ لج جا، لاک ڏئي جهلڪا،
لَڇڻ لوئين جا، پريان ئي پڌرا ميان!

_

متان يانئين اِيءُ، ڪوجهي ڪندا مارئي!
ست سدائين سچ جان، جرڪائي ٿو جيءُ،
ڪئن ڌرتيءَ جي ڌيءُ، لوئي سڌبي لوڪ ۾!

_

جي تون چئين ايءُ، ’ڪوجهي هئي مارئي‘،
تون ڪوُڙو آن سومرا، ڪوُڙو تنهنجو پيءُ!
ڌرتي پنهنجي ڌيءُ، سجاڻي ٿي سونهن مان.

_

تنهنجا چاري سومرا! جو ڪجهه لوڪ چون،
منهنجا مارو مارئي مور نه ڪوجهي ڪن،
منهن مان منڊ بکن، تا ڪي سورج سچ جا.

–

ڪيئي ڪوجهيون ڪوٽ ۾، سهسين ڪن سينگار،
ها، پر آٽيندیون، ڪتان، هيءَ جا پٽ پنوهار؟
چورين چَلَ هزار، مور نه ٽيندیون مارئي.

–

تون پائئين ٿو سومرا، سدا رهندين تون!
ڪڙا ڏيئي ڪوٽ ڪي، نيرَ وجهي مون؟
پيرن هينان پون، چار ڍهاڙا ڏاڍ ڪي.

–

6

ڳهليون پائن ڳهَه، مون تي هس حياوَ جو،
آءٌ سدا ٻهه ٻهه، ڪيان پنهنجيءَ ٻاجهه ۾.

–

لالون لٽڪايان، آءٌ نه سر تي سومرا!
سونهن اسان جي سادگي، پنڙا نه پايان،
منهن مٿي چايان، سامهون سِڄُ لڄي ٿئي.

–

مان جي ڳايان سومرا! چانگون ڏين چال،
ٻهه ٻهه ڪري اُٻَ ۾، اتر ڪان ٻڪرال،
پِٽُن ڪري پال، وسن مينهن ملير تي.

–

أيي اتر واءُ ۾، آءٌ جڏهن ڳايان،
سرن پاند ڦٽي پون، ٿوهر نچايان،
ڳُگر گد گد ٿي لڏن، هيرڻ هرڪايان،
پپر پابوهي وجهان، ٻٻر ٻوڪايان،
سر ۾ سمايان، جڏهن سڪ سنگهار جي.

–

جڏهن ڳاتو مون، وڻ ٽڻ موريا ماڪ ۾،
ڦٽي پون اوچتو، پٽن مٿ پپون،
ٽر ۾ ٽاڪ ٻرڻ لڳا، ريجهيون روجهڙيون،
ڍنيءَ منجهه ڍٿون، نچيون ناچن وانگيان.

–

ڪوجهي ڪندو ڪير، مون کي ملڪ مير ۾!
اتي گاهه ڦٽي پيو، جت مون ڌريو پير،
مون ۾ ڪهڙو مير، آءٌ اهائي مارئي.

–

7

ٿر ڪان سوا ٿاڪ، ڪهڙا تنهنجا مارئي!
هتي ڦٽي هينئڙو، مٿان وسي ماڪ،
ور ور پٽن واڪ، سڏن تنهنجي ساهه ڪي.

–

ٿر ڪان سوا مڏ تون، مٺ هڏن سڪٽي،
مانڌاٽون، مَڪٽي، معنيٰ تنهنجي مارئي.

–

ٿر ڪان سواءِ جندڙيون، ٻوٽا بنا مينهن،
جهڙا آرهڙ ڏينهن، اهڙو جَلن جيءَ ۾.

–

ٿر ڪان سواءِ جندڙيون، مڏ بنا پياليون،
شال! رهن آليون، اکيون ساري ڍٺ ڪي.

–

8

ٿر ڪان سوا آنءُ، مور نه ٿيان مارئي،
مٿيءَ هاري مڏ ڪي، جئن ڪو پيچي ٿانءُ،
تئن هي منهنجو هانءُ، پٽن بن پورا ٿئي.

–

مان ئي ٿر جي رت هان، مان ئي هان آڪاس،
مان ئي جر جي جيت ۾، مان ئي ڌر تي ساس،
جڻ هي منهنجو ماس، مٿي آهه ملير جي.

–

پيهي ڏنم پاڻ ۾، مان ئي آهيان ٿر،
مان ئي لاٽيون لوءَ ۾، مان ئي جڙين جر،
مان ئي ٻٻيهي اڄ ۾، مان ئي پڪيءَ پر،
مان ئي سانوڻ مينهڙا، مان ئي پاڻ پلر،
مون ۾ آهه امر، مٿي ملڪ ملير جي.

–

پيهي ڏنم پاڻ ۾، مان واريءَ تي وس،
مان ئي آرهڙ اُس ۾، سارا گوندر گس،
مان ئي آهيان تس، مان ئي مران تاس ۾.

–

مان ئي ماڪ ملير تي، تارن هينان تل،
مان ئي ڪڻ ڪڻ ريت تي، پلر پياسا پل،
توکي ڪهڙي ڪل، ڇا ٿي سوچيان سومرا!

–

آءٌ امرتا آهيان، جيسين آهه ملير،
الا! منهنجي جيءَ تي، زور وڏو زنجير،
منهنجيءَ وٿيءَ ڪير، وهه گڏيو تو سومرا!

–

9

مارو منهنجي من ۾، مارو منهنجو ماس،
جتي آءٌ اداس، اتي مهڪ ملير جي.

–

اتي مهڪ ملير مان، مٿيءَ پيو مينهن،
مُئي منهنجو نينهن، اڳي ڪان اڳرو ٿيو.

–

مُئي ڪان پيو منڊ جي، پيا مينهن ملير،
جتي ڪتي مارئي، ڳاڳيءَ ڳم ڳنڍير!
سارا ڪرڙ ڪرير، واسي ويئي واس سان!

–

پيا مينهن ملير تي، ڀڪي اٿيا ڀوھ،
ڦرھ، لاٽيءَ ڦوھ، جوين جرڪي منڊ جو.

–

ٽر تي ٽڏو چنڊ، پني رات ملير جي،
ڄڻ هي سارو منڊ، مهڪيو توسان مارئي!

–

پيا آڌيءَ رات جو، ڪرڙن تي ڪرٽا،
پلر تي پاڇا، تل ترائيءَ مارئي!

–

## وائي

تتر ڪرڙي اپ تي، اندر ٻاهر ٻُٽ،
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟
جهولا، جهڪ، جهڄي هينئون، ڦانگ نہ آهي ڦٽ،
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟
تير تکيرا ترورا، چوڌر ترڇي چَٽ،
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟
سپ ڪي نبرين پرڪٽا، واريءَ ڍير آڪٽ،
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟
ڪڏهن وسندين مينهڙا؟

❖

**ايري اُلهي ڪوٽ تي، ويو سج ٻُڏي،**
**ماڳ نہ موٽي مارئي!**
**آهيري جي اوٽ ٿيا، پکي پار اڏي،**
**ماڳ نہ موٽي مارئي!**
**ايئن بہ ناهي منڊ جي، لوئي لڄ لڏي،**
**ماڳ نہ موٽي مارئي!**
**ڪنهن جو ڪنئي ڪوهہ تان، ڏرتي چونہ ڏڏي؟**
**ماڳ نہ موٽي مارئي!**
**سرهي ٿئي ساٿ سان، اچي شال اڏي!**
**ماڳ نہ موٽي مارئي!**
**ماڳ نہ موٽي مارئي!**

❖

**اتر ڊانا جي، وري جوڙيو سي،**
**پکا پائر پار جا.**
**اٿو، اٿو مارئو! متان مينهن وسي،**
**وري جوڙيو سي،**
**پکا پائر پار جا.**
**ڪيڏو ڪاريءَ رات ۾، کِڄڻ ڪنوٽين ڪي!**
**وري جوڙيو سي،**
**پکا پائر پار جا.**
**ڦنيل مرون واءُ ۾، پيو وڄ هٽي،**
**وري جوڙيو سي،**
**پکا پائر پار جا.**
**رڳو سوڙ سيءَ ۾، ڪٿي ڪم اچي!**
**وري جوڙيو سي،**
**پکا پائر پار جا.**

❖

**مارئڙا اڻ موٽ، ڪيري آيا ڪوٽ،**
**لٽا لوھ لڱن تان.**
**جرڪي پئي جيت ۾، منجهان آرڻ موٽ،**
**لٽا لوھ لڱن تان.**
**ڪيڏا ڪيا سومري، ڪائڙ توسان ڪوٽ!**
**لٽا لوھ لڱن تان.**
**وٺا مينهن ملير تي، چانگون چنن اوٺ،**
**لٽا لوھ لڱن تان.**
**جيئڻ! توکي جس ڏنو، پائر جي پالوٺ،**
**لٽا لوھ لڱن تان.**

❖

**اچو، اچو مينهڙا، ڪيو ڪيو وس!**
**مارو پھتا ماڳ تي.**
**پسو جانئيون جنڊڙيون، سندن ڪلهن ڪس،**
**مارو پھتا ماڳ تي.**
**وسيا ولين واس سان، سارا گوندر گس،**
**مارو پھتا ماڳ تي.**
**جتي پيرا پرٿ تي، اتي ڏوتين ڏس،**
**مارو پھتا ماڳ تي.**
**شل مارن سان ماڙيان، جيئڻ تنهنجا جس!**
**مارو پھتا ماڳ تي.**

❖

# گهاتو

1

او شل مرين مڇ، درندا ڏڇيون ٽئين!
بُرا تنهنجيءَ بچ، ڪيئي گهاتو گهائيا.

—

اونو، آڌي رات، جهپ نہ آ ڪنهن جيءَ کي،
سُس پُس ۾ ساٽيهہ جي، بُرا! تنهنجي بات،
گهاتڪ! تنهنجي گهات، ڏهڪو ساري ڏيهہ ۾.

—

انگ اگهاڙا بارڙا، ڪنڌيءَ تي ڪنبن،
گهاتو، گهر نہ آئيا، وهون وايون ڪن،
ڏيل پيا ڏهڪن، مڙس پيا ڪنهن مامري!

—

مٿان پونءِ پوائتو، پاپيءَ جو پاڇو،
وسي ساري وس آ، سوچي ٿو هر ڪو
’سانجهي ٽاڻي ڇو، گهاتو گهر نہ آئيا!‘

—

آهي برو بُک کان، پونءِ مٿان هي پؤ،
ڀورن گهرجي ڀؤ، ماڻهو ڳولي ماڻهپو.

—

ڪنڌيءَ مٿي جهوپڙا، ڪنن جا ڪڙڪا،
چنتا کي اڄ چت ۾، پنيٺ جا پڙڪا،
ٽڙڪن تي ٽڙڪا، دنگيون سپ ڏڇيون ٿون!

—

ڪنڌيءَ متي جهوپڙا، مٿان ڪاري رات،
ٽمڪي پئي باهڙي، چوڌر چپ، چپات،
مڇ ڪيا جي مات، تن جا روح ٿرن پيا.

—

هو جي ماريا مڇ، تن جا ساهه سڌن پيا،
تون ۽ ڪوسي ڪڇ! گهاتو، لڄ ٻڌين نه ٿو؟

—

گهاتو! اڃو گهير تي، وهون وساري،
ننڊ ٻه کهڙي ننڊ آ، ڌر جيسين ڌاري!
ماريءَ کي ماري، موٽي سمهو سک سان.

—

سانجهيءَ ٽاڻي جهوپڙيون، آگ مٿان اونگ،
سپ تي پاڇو پيڙ جو، سپ تي ويريءَ ونگ،
روز رڙن ٿا ڪنگ، اونو ڌسي آڇ ۾.

—

اَلا! هي انسان جي اندر جو الڪو،
جندڙيءَ جو جهلڪو، ويريءَ جنهن کي واسيو!

—

ڪئن ڪو مڙي مڇ ڪان، پاڻ ڪري پاسو؟
ويريءَ جو واسو، آهي ساريءَ آڇ تي.

—

اَلا! متي مڇ جي، ساري جر جي جاڙ،
چرڪ پرن ٽيون چوليون، ڌسي پڇ پڇاڙ،
ماٺهوءَ کهڙي ماڙ، پهچي واڱو وات ۾!

—

هو جي نديءَ نير، لائون ڏيندي لوڙهيا،
هو جي مئا مڇ سان، وڙهندي منهنجا وير،
چت وجهي ٿي چير، گهاتو! تن جي ڳالهڙي.

–

اسان سان آهن، هو جي مئا ماڳ ۾،
تن ڪي گهاتو، گهير ۾، منان نہ لاهين،
سدائين ڪاهين، تن ڪي ساري ڊونديون.

–

هو جي مئا ماڳ ۾، وڏو ڪري وس،
گهاتو! تن جي ڳالهڙي، سدائين ساهس،
تنهين بنا تس، الاءِ اوت نہ اُجهي!

–

هو جي مئا ماڳ ۾، سي ڪئن وساريون؟
ساڳيا ٿيندا ڪينڪي، بندر بازاريون،
جن ۾ گذاريون، گهڙيون تن سان گهاتوئو!

–

جيسين آجي آڇ ٿي، سڪ نہ آ رهڻو،
لهوءَ جو لهڻو، گهاتو! نيٺ چڪائبو.

–

هوءَ جا لهوءَ لار، پاڻيءَ تي پکڙي وئي،
چُٽڪي پيئي چت ۾، سدا تنهن جي سار،
تيسين ڪوھ قرار، جيسين اونو آڇ ۾؟

–

مُئي نانھ ميار، جاڙ نہ سھ تون جيئري!
جان تو ساھ سرير ۾، ڪر ويريءَ تي وار،
تيسين ڪوھ قرار، جيسين جابر جوءِ ۾!

—

متو ڏسي مڇ کي، رت پيو ٿهڪي،
ڏيهه پيو ڏهڪي، مان ئي گهران گهير ۾!

—

ماريندي هن مڇ کي، چا چا وس ڪيام!
ڇتيون ڇيهون ٿي ويون، ڇڇي رڇ پيام،
وڙهندي ورهيه ٿيام، اڇي وار اچا ٿيا.

—

سانجهيءَ وير سمونڊ تي، رتا رائن رنگ،
وڙهندي ويريءَ سان ٿڪا الاهه منهنجا انگ!
نه هو آس اُمنگ، نه سا سگهه سرير ۾.

—

اڄ جو ڪِري وڄڙي، اڏ مئو ٿيو مڇ،
ڇلي پيو ڇڇ، ڇَتيون هڻون ڇهه مان!

—

مري مري مڇ، وري ٿو ارا ڪري،
وري وري رڇ، گهاتن وڌو گهير ۾.

—

اجا سج اُهاءُ، ڇمڪي نڪتو ڇڇ تي،
پيچڙ پاٽيءَ ۾ ڇُلي، ڊپ وڌايو ڊاءُ،
متان ڪو سوداءُ، گهرڻ جو گهاتو ڪري!

—

گهاتو گهير ڇڏي وڃن، ايءَ به اڳري ريت،
جي جر جي جانار کي، ناهي ڪائي نيت،
ور پکن جي پريت، ويڙهي لئه وڙهندا رهو!

—

سدا پيا سامائبا، ماڻهوءَ ڪارڻ مچ،
سدا گهاتو رچ، آڏيندا اوڙاهه ۾.

_

مچ نہ مري پاڻ، آ توکي ئي مارڻو،
ازل ڪان انسان لئہ، مدائي جان ماڻ،
جُلُ انهيءَ ئي جاڻ، متان موٽين ويڙهہ مان!

_

مانگر سامهون مورڙو، ازل ڪان آهي،
اڄ تائين انسان جي، ويڙهہ کُٽي ناهي،
چڱو جو چاهي، اوني بنان آڇ ڪي.

_

# ڪيڏارو

سانجهيءَ جو آڪاس ۾، پيارو پيوڙيءَ رنگ،
ترسايان ڪنهن تڙ متان، روڪي آءٌ ترنگ،
سرواهيون سرنگ، رڻ ۾ ڪيسين رڱيان!

_

آيل، اڄ تہ آنءُ، جهُري پوانءِ جهول ۾،
آرڻ ۾ آرام جو، ڏي ڪو مون کي ڏانءُ،
پايان ڪو ٿر ٿانءُ، لاهي رتو مولهيو.

_

ڪونڌ ڪُڌائي اوڏڙا، نونڌ نچايا مون،
وجن پيا ويڙهہ ۾، سورهيہ ۽ سوڀون،
لهوءَ لال پڳون، ڪڙيون رت چڪندڙيون!

_

هاٿي ڪير مٿو، پڙ ڪان پنيرو ڪري!
اجهو سج لٿو، وڙهندي وڙهندي ويڙهه ۾.

_

سؤنچو ناهه سرير، وک وڌي ٿي ويڙهه ۾،
پڙ ڪان پنيرا ٿيا، وڙهندي مور نه وير،
جئن جئن ترڇا تير، تئن تئن سينا سامهون!

_

لهوءَ ۾ لت پت، ڌرتي منهنجي ديس جي،
پرڪي پئي پت، جهونجهارن جي جنگ ۾.

_

چڱون رت چڪندڙيون، مولهيا لهوءَ لال،
ادا، اڄ ته اوريون انهن جو احوال،
ڪالهه پلائي پال، وڊيا جيڪي واهرو.

_

سدا ايريا سنڌ ۾، آنڌيءَ جئن انسان،
وڙهندي مڙس مهان، مٽيءَ منجهه سمائيا.

_

سدا آيا سنڌ ۾، نوان نادر شاهه،
ڪانهي ڪا تاريخ ۾، ويڙهه سوا ٻي واهه،
مٿان سوچيو ساهه، مٿان موٽو ماڳ ڪان!

_

سدا ايريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪنجل لوڌ،
هوڙهايون ۽ هوڌ، ڏسي پنهنجي ڏيهه سان.

_

سدا ايريا سنڌ ۾، ڪويا ڪيهر وڪ،
ڏوران جن جي ڏِڪَ، ويريءَ جيءُ جهپائيو!

_

ڪاري ڪٺ ڪميت تي، آڌيءَ انڌوڪار،
جهڙڦڙ جهور جهڪور ۾، چيهہ ڪيو چمڪار،
آڙيءَ سان اڏرڻ لڳو، گهايل، گهوڙي سوار،
اوندهہ آهہ اپار، ڪئن چئجي هو ڪير هو!

_

بشڪون پنيءَ رات، مهڪڻ لڳيون مشڪ جان،
وڏڻ لڳا واءُ جان، مشڪن مور نہ مات،
ڏورانهين جي ڏات، ڪر نہ ڪوڙير پونءِ تي.

_

وڏندا رهيا ويڙهہ ۾، نہ ٿيا ڊول ڊورا،
پنا پتر وانگيان، نرو رڪ نرا،
چارئي پير چرا، چالون ساڳي چوهہ سان.

_

تلوارن جا تڪ سان، زرهن تي زپڪا،
لاڪيٽن لپڪا، چڪيل واڳون ويڙهہ ۾.

_

وڏي اسر وير جو، وارا ڪيا ويرن،
دل سان دعائون ڪين، پڙ ڦاڙي پيرن،
تڪ ڏسي تيرن،ويرين هانوَ جهپي ويا.

_

تازين تنگ چنائيا، پيريون ٿيو پيڪن،
اُپري راوت رڪ سان، ور ور وارا ڪن،
جهيڙا جهونجهارن، ڄائي ڄم پرائيا.

_

هو جي وسندي مينهن، وڙهيا پئي ويڙهه ۾،
مٿان بادل اپ ۾، هيٺان ڪيهر شينهن،
شال ڏسان مان ڏينهن، ٻيهر اهڙا ڏيهه ۾!

_

سرلي وچان سج جا، تلوارن تي تيج،
هيٺان ريٽا ريج، مٿان ڦڙيون، مينهن جون.

_

ابر منجهه اهاءُ ٿيو، ڏسي ڪينءَ ڪنن،
ويڙهو پيا وڄ جان، چوڏاري چمڪن،
ڪنوٽين جيئن ڪجن، سرن تي سرواهيون.

_

اتر ڪنوي اڄ، سارو پڙ پسائيو،
ڀڄڻا! اٿي ڀڄ، راوت ڀهتا رڪ سان.

_

آرهڙ جو آڪاس ڇڻ رجايل ٿامون،
ڪيهه اُڏي، ڪامون، گهوڙي ٽپيو گهوٽ سان.

_

ريتِ ڇُهي وئي رت ڪي، ڏاڍو ڏينهن تتو!
ڪنهن جو لهو ڪٿ ڪريو، ڪنهن کي ناهه پتو!
سانجهيءَ سج رتو، ٻاڙهه سمائي ٻاڙهه ۾.

—

پونءِ بہ ساري ٽامڻي، اُپ بہ اُلن وس،
هڻندي تيز تراريون، ڪسيا ڪلهن ڪس،
ترندي رت ترنگ ٿيا، مور نہ ٽاٽن ٽس،
گس ٿيا سڀ گس، وار نہ گسيو هڪڙو.

—

جوپ اچن ٿا جنگ ۾، ڪڏائي ڪيڪان،
ڏڏڙ ۾ ڏوڪار ٿي، ملهي ويا ميدان،
آزاديءَ اعلان، ڌرتيءَ ڪي ڏوڏڻ لڳا.

—

ڪُتي ڪني ڏار، ڪڙي پيون ڪوپريون،
سورهيہ منهنجا سٿ ۾، گويا گل انار،
لهڪي لهوءَ لار، مهڪي پئي ماڳ ۾.

—

ڏس هو سانن سِڱ، اٽڪيا اچي وچ تي،
آرڻ ۾ اهڙا اڳي، لوهہ نہ ڏٺا لڱ!
ڏڏڙ اندر ڏڱ، وڙهندا رهيا ويڙهہ ۾.

—

ڏڏڙ اندر ڏڙ، سر بہ ڪٽي سوپ ۾،
وڙهي، ڪيڏا پاڻ سان، ويرن ڪيا وڙ!
انهن نہ اؤگهڙ، جن تي اوچڻ اُپ جا.

—

هي جو ڪونڌ ڪري پيو، مٿان سهڙي سنجهہ،
ويج ورائي ٻانهن چڻ، ڏٺا سارا ڏنجهہ!
موت هٽي ٿو ونجهہ، ويندي نديءَ نير ۾.

—

مٿان ڪٽڪيون ڪونجڙيون، هينان ڪٺاريون،
راوت وڙهيا روهه ۾، گهاوَ وجهي گهاريون.
اڳڻ تي آريون، ڪومل ڪرٽا چنڊ جا.

—

هلو ڙي هوتا! وڙهندا هلو ويڙهه ۾،
برن ۾ بوتا، مٿان روڪيو رات جو!

—

جيسين ٻڏي اپ ۾، وهائو تارو،
تيسين اڪين لائجو، جهپ نہ جهونجهارو!
مٿان ٿي مارو، اوٻائيءَ تي اوچتو!

—

مٿان ڙي موٺو، ويڙهه نہ ڇڏجو وچ ۾!
آزاديءَ سين اوپرو، آدم جو پوٺو،
ماٺو، سروٺو، ڳالهہ مڙيو ئي هڪڙي.

—

مٿان نہ ماريو، ڏري پنهنجي ڏاڍ ڪان!
رڻ ۾ راماٽا ڪري، ويريءَ کي واريو!
ترو ءِ تاريو، ساٿ سمورو رت ۾!

—

وڙهو، وڙهو ويڙهوُئو! مٿان پٺ ڏيو!
آهي پنڌ پيو، اجا جيئڻ جيت ۾.

—

مٿان مجو مات! امر ٿيو انڪار ۾،
آرڻ ۾ اقرار جي مور نہ ڪجو بات!
رانيو، رانيو رات، رانول پنهنجي رت سان!

—

سرن مٿان سوپ جون، پڱون جي پايو،
مٿان وڙهندي ويڙهه ۾، پُٺ تي واجهايو!
لايو سجايو، نيٺ تہ ٿيندو لوءِ جو!

—

اچو، اچو سورهيو، هٿو چٽ پٽن!
ماٿهو مٿان رت جا، بادل ٿا برسن!
وڙهندي مان وسن، ٿر تي ٿڌا مينهڙا!

—

اچو ڪُرُ ملهائيو، راوت رڳيو روهہ!
جيسين ڏاڍا ڏيهہ ۾، ڏيهہ نسورو ڏوهہ،
للڪاري ٿو لوهہ، ايرو اچ انياوَ تي!

—

## وائي

جهيڙي ۾ جهونجهار يار، ساٿي سچ اپار، يار!
مون من اوهان موهيو.
جڻ ڪا ڪني سچ جي، آهہ کهاڙيءَ ڌار، يار!
مون من اوهان موهيو.
ڍو ڍو لسيءَ ڍُڪَ سان، ڪيڙيءَ ۾ ڪيڪار، يار!
مون من اوهان موهيو.
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا، ماٿهو ميگهہ ملار يار!
مون من اوهان موهيو.
مولهيا مولهيا ماڳ ۾، لکين ساٿ سچار، يار!
مون من اوهان موهيو.

نيٺ تہ وجهنديءُ ڏاڍ جي، ڏونگر ۾ ڏهڪار، يار!
مون من اوهان موهيو.
نيٺ تہ وسندا مينهڙا، ٿيندا سنڌ سڪار، يار!
مون من اوهان موهيو.

❖

## ڪاپائتي

توري پوءِ اگهاءِ، ڦورو ڦولهہ تہ مان وجان!
سُڻُ انهيءَ ڪان سڦرو، جي ڪو آهہ ٻڏاءِ؟
ونئڻن هوندي واءِ، مون پڄاڻان پارڪو!

–

ور ها ونگيءَ ٽڪ ۾، ڄاتئہ پلي پت،
پوءِ بہ آٽي ارٽ ڪي، مون ڪي چيئہ، ”ڪَتِ!“
پرڪيئہ منهنجي پت، ڦورو ڦولهہ تہ مان وجان!

–

ڦورو ڦولهہ تہ مان وجان، مون ڪان وٺ اٽل!
مان ڄاڻان جي مون ڏنا، پوڻيءَ پوڻيءَ پل،
توکي ڪهڙي ڪل، مون چا اوريو ارٽ سان!

–

اڻ تورئي جو آسرو، ڪڏهن مون نہ ڪيو،
مون اورئيندي ارٽ سان، لهي ڏينهن ويو،
چڱو، مچ چيو، ڦورو ڦلهہ تہ مان وجان!

–

ڦورو ڦولهہ تہ مان وجان، تند تراڙي پاءِ!
مون ڪي ئي ڪس لاءِ، آءٌ نہ ڪسر هيرئين.

–

سون سريڪا هٿڙا گهرن ٿا انصاف!
جي تون سچ صراف، ڦورو ڦولهه تہ مان وڃان!

## وائي

مون کي مُلهہ ملي چڪو، هاڻي تور نہ تور،
آءٌ ڪَتِڻَ لئہ ڪَتيو.
آتڻُ ڪالهہ اداس هو، مون چيو، ”چرخو چورِ!“
آءٌ ڪَتِڻَ لئہ ڪَتيو.
”ارهي! پنهنجي ارٿ سان اٿي آڏيءَ اورِ!“
آءٌ ڪَتِڻَ لئہ ڪَتيو.
”ستي ساهہ نہ هڏڙا، ننڊ نڊوري گهورِ!“
آءٌ ڪَتِڻَ لئہ ڪَتيو.
تاجي پيٽو پيار جو، مون جو پورئون پورِ“
آءٌ ڪَتِڻَ لئہ ڪَتيو.
هاڻي وينو ڦولهہ تون، منهنجي سپني ڏور!
آءٌ ڪَتِڻَ لئہ ڪَتيو.

❖

سپني ڪاپو ڪنڊ ۾، نہ تتو چنڊ نہ مون!
ڪتيم وچ ڪاتارئين.
اوريندي اڄ ارٿ سان، رات گذاريسون،
ڪتيم وچ ڪاتارئين.
ڪيڏي وِنگي ٽڪ آ، ياءُ سان پون!
ڪتيم وچ ڪاتارئين.
ڪتي ڪتيان ڪيترو، ڏينهن مڙيوئي ڏون!
ڪتيم وچ ڪاتارئين.

# نوان سلوڪ ساميءَ جي نالي

1

سامي! تو ٻه نه سمجهيو، ڇا آهي سنسارُ!
مايا ڏوتي ناهه ڙي، مايا ناهي ڇار!
مايا اپرمپار، سدا سرجي سونهن ۾.

–

سڀڪجهه آ آڪار ۾، ڪجهه ٻه نه نرآڪار،
انڌو اوندهه ۾ ڏسي، انوکو اسرار،
ڳُڻَ ستارا اپ ۾، نرڳڻ انڌوڪار،
مايا ناهي ڇار، مايا ساگر سونهن جو.

–

هي جو ساگر سونهن، جو، انهيءَ ڪان انڪار!
ساڪي پنهنجي وچ تي، تونئي پنهنجو ڇار،
سچو آ سنسار، جوٺ سندءِ ئي جيءَ ۾.

–

ڪيڏو توکي ڪؤ، آهي مايا موهه ڪان!
آڏيءَ اُره منڌ جا، جوٺا آهن، ڇؤ؟
پورا! تنهنجو پؤ، جاڙ اجائي جيءَ سان.

–

پٿر ۾ پڌرا ڪيا، هو جي ايلورا،
جي تون ڏسين جيئرا، پؤ ڇاجو پورا؟
نوان، نڪورا، آڏيءَ اُره منڌ جا.

–

ساري رات سڳنڌ ۾، ناريءَ ڪارا وار،
ڳڇيءَ منجهه ڳرانڙيون، پوڄا جهڙا پيار،
توکي نرآڪار، آڏوتيءَ ڇا آڇيو؟

–

ان ڪان وڌ ڪهڙي ملي، مُڪتي ماڻهوءَ کي؟
چپ ڪپيل انجير جان، اپري اچن جي،
ءِ امرت آڇي، ڪائي نار نهار ۾!

–

آنڊيءَ آئي انبڙيون، ٽيڪي ڪرن جيئن،
سندر ناري تيئن، سرڪي آئي سيج تي.

–

سندر ناري سيج تي، مايا نہ سامي!
آئي اڏامي، ماکي ماکيءَ مک ڏي.

–

گوري سُتي سيج تي، رمندي رهي رات،
پرينءَ سان پرڀات، جوٺ نہ آهي جوڳيا!

–

مايا ناهي ڇل، جي سمجهين سنسار کي،
ڏس تون ڪنهن جي پيار ۾، چت ڪري چنچل،
پورن هر هڪ پل، لڳندءِ پنهنجي پاڻ ۾!

–

سامي! هيءُ سرير، جئن مٽيءَ جو ماٽو،
رچي جي ريٽو ٿئي، مڌ منجهس گهاٽو،
ڳڻ پائي ڳاٽو، اپري، اوچو اپ ڪان.

–

سامي! جيئڻ جس، ناهي ڪوئي ’نانهہ‘ ۾،
ڪام ديو جي سينگ[1] تي، ماکيءَ مکيون پس
ماڻهوءَ ڪهڙو وس، مُني ڦاٽا موهہ ۾!

_

آيو ڦڳڻ ماس، ٽڙيون ٽانگر ٽاريون،
سڪي ٿو سڳند لئہ سامي! منهنجو سواس،
گهوريو هي بنواس، سپڪجهہ آ سنسار ۾.

_

پايل پائي راڌڪا، ڇم ڇم اچي جي،
ڪوڪي بن جي باک ۾، ڪويل ڪدم[2] تي،
مڪتي ناهہ مٿي، ڪابہ انهيءَ ڪان ڪاپڙي!

_

مڇ گنڌا جو موهڻو، تاتي ڏس تون تن،[3]
چنچل چندن واس ۾، ويڙهي جي تو من،
اهڙو اتم ڏن، ڪوبہ نہ آهي ڪاپڙي!

_

هي چندن جو تلڪ، يا سارناٿ تي چنڊ،[4]
ناري! توسان منڊ، آهہ اڳي کان موهڻو.

_

سندر ناريءَ سر مٿان، وهنجي چنڊيا وار،
جئن هرمل جي آگ مان، نڪري دونهين ڌار،
هينئن ٻي هٻڪار، آڏوتي اهڙي ڪٿي؟

_

جل مندر جئن جندڙي، ڏيئا ڏيئا پيار،
ويراڳي ويراڳ ۾، اهڙو ڪٿ اسرار!
اوندهہ انڌوڪار، تياڳي تنهنجي تياڳ ۾.

_

نيڻن مرگهہ نمائيا، سرڪي مٿان سيج،
ڪٿي ههڙي هيج، تياڳي تنهنجي تياڳ ۾!

–

2

سامي! هن سنسار ۾، هي ماڻھوءَ جو من،
پائي ماڻھوءَ پيار ۾، پنھنجو آتم ڏن،
پيار بنان پورن، ڪوبہ نہ آهي ڪاپڙي!

–

ڪوبہ نہ پرڏيھي، سامي هن سنسار ۾،
سڀ کان سندر ديوتا، آهي هيءَ ديھي،
پرجھي، ڏس پيھي پيارا! پنھجي پاڻ ۾.

–

ديھيءَ بنان آتما، اَڏوتي! ڇاهي؟
من بہ مٽيءَ مامرو، اڳتي ڪجھہ ناهي،
هن سھڻي سنسار کي چار گھڙيون ڇاهي،
لاڳاپو لاهي، ويجھو وڃ وناس کي.

–

ماڻھوءَ منجھہ وناس جو، ڏاڍو آهي ڏر،
ڇاهي ٿو ڪيڏو ڇريو، هجان هوند امر!
شال هجي هيءَ جندڙي، ڪوئي پوپٽ پر،
گھڙيءَ لاءِ گذر، جنھن جو گل گلاب تي.

–

ور ور اَويساهہ سان، رات ڏنم آڪاس،
هر شيءِ هن سنسار ۾، ٿيڻي آهي ناس،
ماڻھوءَ ڇاهي؟ ماس! ور هي جيئڻ ڏينھڙا.

–

متان ٻي جڳ ڪاڻ، موڙهل! هي جڳ وارئين،
انت اهو آ ساميا! هيءَ جا رک مساڻ،
ڇاڻي وينو ڇاڻ، ڪيهي وٿ وناس ۾!

–

مايا مڌ پري، سامي! وهه ويراڳ ۾،
اَڏوتي! اڃڻي نہ آ، وئي ويل وري،
موٽيو ڪير مري؟ ور هي جيئڻ ڏينهڙا!

–

آهه اجائي انت تي پنهنجي اداسي،
هر شيءِ هن سنسار ۾، آهي اَبناسي،
مٽيءَ سان مٽي ٿئي، موٽي هر ساسي،
ور سو جنهن واسي، پنهنجي سرت سڳنڌ سان!

–

مٽيءَ منجهه وشال، موٽي ٿئي جندڙي،
هن اونهي آڪاس ۾، جنهن جو انت نہ ڪال،
ڪتين جو ڪمال، مٽي آڇي موت کي.

–

ماڻهوءَ مڪتي پريت ۾، اَجوڪي آهي،
سامي! هن سنسار کي، جي ڪو ساڃاهي،
مور نہ هو ڇاهي، پيڊ پوي، ڪو پريت تي.

–

3

غريبي گلزار؟ مينگھا تنهنجي مت مئي!
ڏکن ڏڌي ڏيهہ ڪان، اَڏوتي انڪار؟
ٻوڙو ٻجهڻهار، دانهن نہ ٻڌي ديس جي.

—

هيءُ بڪايل ماءُ جي، ٽٽڻ مٿان بار،
ڇا هي ابهم ٻارڙو، آهي مايا ڄار؟
انهيءَ کان انڪار، ڪيئن ڪيو تو ڪاپڙي؟

—

ڇا ڪوُڙي آ ٻُڪ ۾، ڪُڪِ اندر ڪاني؟
جا هيءَ مايا آهه ڙي، پنڊيءَ تي ماني؟
آهي ناداني، جهيڙو انلئہ جڳ ۾؟

—

اڙي او ويدانتي! انهيءَ کان انڪار،
ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ مٿان، هي جو اتيچار!
هي پڻ مايا ڄار، مون تي ڪڙا ڪوٽ جا؟

—

ڇا هي ڏاڍا ڏيهہ جا، ڌرتيءَ جا ڌاڙيل،
جيڪي ماڻهوءَ رت سان، ڪن ٿا تيل ڦليل،
سي انهيءَ جا کيل، هو جو نرگڻ نانهہ ۾؟

—

هي مايا جون ڳالهڙيون، ڳهلا نہ سارين،
ڏينهن تتي ۾ مون جيان، ڏونگر جي ڏارين!
ٿُپ تڏهن ٺارين، جڏهن جاڙ ڏري پوي.

—

4

هتي آ، هن جاءِ، سيڪجهہ آ هن لوڪ ۾،
پرمتڙيا، پرلوڪ لئہ، وهي ڪانہ وڃاءِ!
لنؤ انهيءَ سان لاءِ، جوٺ نہ آهي جندڙي!

–

ڪجهہ بہ نسوريءَ 'نانهہ' ۾، ناهي اي سامي!
جوتيءَ مان جوتي جلي، ڪُٿي نہ ڪامي،
هر هر اُجهامي، جرڪي پيئي جندڙي.

–

ڪنوٽيا، ڪن چير، آنگ پيوتي ڪاپڙي،
ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي، ملان، پنڊت، پير،
ساڌو، سنت، فقير، جرٽر ڪيئي جيوڙا.

–

سامي! مون ڪيئي صديون، ٻڌي ساڳي ٻڪ،
جيءَ اڃن ٿا جڪ، صدين ڪي ساڙي ڇڏيان!

–

هيءَ جا ڳنڍيري، چوسي اڄليئہ ڳجهہ جي،
جنهن تي ڏکيا ڏيهہ جا، ڊُکي ٿيا ڍيري،
وهہ ڪان گهٽيري، سگهہ وهاٽي ساهہ جي.

–

ساڳي صورت عين ڪي، ساڳي صورت غين!
چرين پاتو چينُ، ڳهليون ڳولي ڳالهڙيون.

–

سامي! ماڻهوءَ جندڙي، سدا آ سنگرام،
ڪوُڙ ڪڏهن ڀي سچ کي، ڏيندو نہ وسرام!
ناهي ڪوئي نام، جنهن ۾ جڳ سمائيو.

_

سچي مڪتي ميڙ ۾، آڇي ٿو انبوھ،
اونداهو اندوھ، تياڳي تنهنجي تياڳ ۾.

_

ماڻهوءَ ۾ آجو ٿيو، مٽيءَ جو مانداڻ،
پائي پنهنجو پاڻ، پهتو پنهنجي توڙ تي،

_

جاڙ مٽائي جڳ مان! ماڻهو شال جين!
پوپٽ پنک ٿين، سڀ جا سرها ڏينهڙا!

_

سامي! هن ڪان ڪو وڏو، ناهي انتر گيان:
بنان ڪنهن ڀڳوان جي، اُتم آ انسان،
ماڻهو آھ مهانُ، پنهنجو ڀڳونُ پاڻ آ.

_

5

ساراهيان سنسار، سچو آ جو سونهن ۾،
جنهن جو انت نہ آد آ، جنهن جو آر نہ پار،
جنهن ۾ ٿو جنسار، مري روز امر ٿئي.

_

هي جا آد اَ سونهن ۾، سرجي پئي سونهن،
ڪنهن جي نانھ ورونهن، پورن آهي پاڻ ۾.

_

چتر، ڪوتا، مورتيون، سارا ماڻهوءَ ماڳ،
وڻ ٽڻ، ٻوٽا، ٻاريون، سڀ ۾ ڪائي آڳ،
ڪيڏي جاڳ اَجاڳ! ڪيڏي ڄاڻ اَڄاڻ ۾!

—

ٻڌي ٻنان ٻڌ جي، ڳولي پئي پاڻ،
پرڪرتيءَ ۾ پرش جو، ڪٿي نہ اُهڃاڻ،
پينگ بہ پريل پاڻ، آهي پنهنجي پاڻ ۾.

—

سامي! هن سنسار ۾، اَواهو انسان،
هينئان انڌي اپ جي، سدا سرگردان!
ماڻهو پو بہ مهان، نِبُ انهيءَ ڪان ننڍڙو.

—

سامي! هر سنسار جئن، ناهي ڪو ستگر،
گائڪ بنا ڪونج ۾، آهي آدي سر،
ٻُڌي تانَ مڌر، جهومي پئي جندڙي.

—

سامي! هي سنسار آ، گوالي بن گوڪل،
پنهنجيءَ مڌر تانَ ۾، جهومي ٿو جل ٿل،
جمنا ساري جل، ڪوھہ تڪين ٿو ڪنڌيون؟

—

سامي! هن سنسار ۾، تار نہ آهي تر،
هن جو انت نہ آد آ، ڪٿي ناھہ ڪپر،
ائين آھہ امر، سرجي پنهنجي پاڻ ۾.

—

جڙيو هي جنسار، آهي پنهنجي پاڻ مان،
ڪهه ڄاڻان ڪنهن ڳجهه مان، ڪڙيو ڪڙڻهار!
پاڻ منجهان پولار، اپريو ڪنول وانگيان.

–

ڪنهن بہ نہ جوڙي جوڙ، آهي هن جهان جي،
ڪنول پاڻ ٽڙي پيو، پهتو پنهنجي توڙ،
جر جي جيءَ ولوڙ، ڪُهه ڄاڻان ڪهڙي هئي!

–

سامي! هن سنسار جو، انوکو اسرار،
آهي پنهنجو پاڻ ئي، ساکي سرجڻهار،
نوڙي نمسڪار، پورا! ڪر برهمانڊ کي.

–

برهما بن برهمانڊ کي، ڏنو آهي جَن،
اڏر هوندي پونءِ تي، عجب آڏر تن،
ڏاها ڪونہ ڏسن، اوني ساڻ اننت کي.

–

اوني ڪان آجا ٿيا، ڊاهي سارا ڊوهہ،
تڳن پنهنجي توهہ، گهوري اونهي اپ ۾.

–

برهما بن بهرمانڊ کي، نوڙي سيس نماءِ،
ءِ ماڻهوءَ جي پيار ۾، پنهنجي مکتي پاءِ،
سپ سان دک ورهاءِ، آجو ٿيءُ انبوهہ ۾!

–

هو جو آگم گيان، سامي! تو سوچيو پئي،
ان کي پهچي پهچندو، ڪونہ ڪڏهن انسان،
اَگم ڪان اڳتي اگم، آھ سدا امڪان،
حيرت ۾ حيران، جيءُ سدائين جڳ ۾.

—

## متفرقا بيت

هر ڪنهن وڻ جي ٽي وجي، ڏرتيءَ ۾ ئي جڙ،
ساڳيءَ ڌرتيءَ وڙ، توسان مون سان يٽ ڏٽي!

—

جڙون تنهنجي جيءَ جون، ڌرتيءَ منجھ هزار،
پونهارن جا پيار، ٽڙيا تنهنجي ٽارين.

—

ڪهڙي ڪنير جوڙيو، مٽيءَ بنان ٿانءُ؟
آهي تنهنجيءَ ٻاجھ سان، ميان منهنجو نانءُ،
ڪٿي هجان آنءُ، جي نہ هجين تون جوءِ ۾!

—

مون توکان پو سنڌ کي، ٻہ سؤ سال ڏٺو،
چڏي مڏ منو، ڪڙو آندم ڪيف ۾.

—

اڄ نہ مٽيءَ مينهڙا، نہ ڪي سنڌ سڪار،
سائين! لهي ڪيرُ اچ، سنگهارن جي سار؟
اوندھ انڌوڪار، ڏاڍن آندا ڏيھ ۾.

—

سائين! مونکي سگهه ڏي، اڏيءَ ڪنڌ ڏريان،
چارڻ! تنهنجي چنگ ۾، ڪائي باهه پريان،
ٻيهر آءٌ ڪريان، سر جي صدا سنڌ ۾.

— —

آڏيءَ رات اننت جا، پيا گهنڊ گُڙن،
سي ڪئن ننڊون ڪن، جن جا ڪن ٻُرن پيا!

—

سج سياٽي اُپرندو، پر جي مان نہ هجان!
تارا ڪجهہ ترسو اجا، اجا ڪجهہ لڪان!
منهنجو پيار متان، مون سان گڏ واريو وڃي!

—

جي تون سرجڻهار، جيءُ انوکو جڳ ۾،
واري پنهنجي جندڙي، جوڙ اهو جنسار،
توکان پو سنسار، سرس ٿئي ڪجهہ سونهن ۾.

—

ڏئين تہ ڏاتار تين، گهر تڙ گهوري ڏي،
ور جو واري ڙي، جيئڻ ڪارڻ جندڙي!

—

جي مٽيءَ مان مورتي، تون ڪائي ناهين،
۽ تون پنهنجي جندڙي، ان سان وراهين،
چاهين نہ چاهين، پيو ان ۾ پوڄين.

—

اڏري ڪاليءَ مُکَ تي، پوپٽ ويهي جيئن،
تو پڻ آهي تيئن، ڪلا ڪارڻ جندڙي.

—

ڪلا ڪارڻ جندڙي، ڪلا ڪهڙا ڇيھ!
هيءَ جا آڇي ڏيھ، پن پن سپنا سونهن جا!

—

نت نئون آ روپ، سپني ڪي سنسار ۾،
پنهنجو پنهنجو ٻاريو، هر ڪنهن مڙهيءَ ڏوپ،
ارهو آھ اَروپ، جيسين تڙي ٽارين.

—

ٻج هئي جا ٻوجھ، ٽاريءَ منجھ ٽڙي پئي،
سونهن انوکي سوجھ، آندي ات سڳنڌ ۾.

—

ڪنهن ڪنهن جو ڪاپو ڏسي، ڪتي مون هيءَ تار؟
پوءِ بہ منهنجو ٿو لڳي، ڏاڱو سپ ڪان ڏار!
ارٿ نوان اسرار، آتڻ سان اروي پيو.

—

پونءِ انوکي گانءِ، ڏُھُ تہ ڏهوٽي ٿئي،
پٽاريءَ جو پانءِ، ڪير ڪُٽي ئي ڪونہ ٿو!

—

آهي انت اٿاھ، ساگر تنهنجي سونهن جو،
اکين اَويساھ، متي ڏسي مٿ ۾!

— —

ڪويل ڪوڪي رات جو، ڪوڪ وراٽي بن،
لڏيا پيپل پن، تارن ڇنيون اکڙيون.

—

ڏس هو ڪويل ڪنڌ مان، ڄرڪي نڪتي باک،
جئن مون لوئيءَ لاک، تئن هو سامهون سوجهرو!

-

سدا ڪويل ڪنڌ ۾، سرجي ٿو سانوڻ،
برڪا رت جي باک ڪا، ڄرڪي پيئي ڄڻ،
ويٺا ٿي وڻ وڻ، جهوميو جنهن جي جهانءِ ۾.

- -

هو جي سڱن وانگيا، ٻٽا چوٽا ڪن،
ٻيجا ڪٺي باک ۾، ٻنين تي ٻهڪن،
پريان ڄڻ تہ لڳن، پنن ٽاريون مينهن ۾.

-

هو ڏرتيءَ جون ڏيئڙيون، پگهر جن پيرن،
سانجهيءَ ٽاٽي ميرڙيون موٽيو واهيرن،
پريان ئي ڏيرن، منجهان لوڏ لڪائيون.

-

وٽن وچان چنڊ جا، ٽڙڪا متي ٽڙ،
ڏوڙين ڏوتا ڏڙ، بيهي وِچ تلاوَ ۾.

-

واهڻ، اتر واءُ، گهڙو نينگر چيلهہ تي،
مرڪي هن جي ماءُ، سوچي جوپن ڏينهڙا.

-

نينگر جهولي پينگهہ تي، مٽان نمن چانوَ،
ٻيرو ساري ڳوٺ جا، هن لئہ رکو نانوَ،
هريس اَندر هانوَ، هيڪل بدي ڏينهڙا.

-

وئنڻن ۾ ويهي، ڳهلي! ٻڌءِ ڳالهڙيون،
ڦٽيون ڪٽي پاند ۾، مرڪينءَ گهر پيهي،
تاڙن ٿا نيهي، گج اندر جي گوگڙا!

—

مهريءَ مٿان هٿ، لٽي اُس آڪاڙ جي،
پڳهر ڦڙو نرڙ تان، لهي پڳو نٽ،
موتي ڪهڙي وٽ، ان ۾ مهڪ نہ منڌ جي!

—

چولو لاهي چٽ ۾، آرس پڳائين،
چاتيءَ مٿان پٽ ڪي، گهوري ڏنائين،
يتر هنيائين، اگهڻ آيل ڪانوَ ڪي.

—

لُڏي ڏڪڻ واءُ ۾، ٽالهيءَ جي ٽاريءَ،
ڳل ڳراٽي چنڊ ڪي، وڌي متواريءَ،
پر پو لجاريءَ، يڪدم ٻانهن ڇڪي وتي.

—

مٿان ڍور ڍري، پير ڇمايان پڪڻن،
چولين چلڪا آئيا، ڏکڻ هير وري،
رانول رات ٿري، نڪتي، باک بسنت جي.

— —

نہ سي مينديءَ ڏار، نہ سي مومل هٿڙا،
نہ سي چندن چوٽيون، نہ ڪنهن ڪرهن سار،
سانجهي سج اپار، ڏيمي، ڪاڪ وهي پئي!

—

نائي مينديءَ ڏار، سوچيم مومل هٿڙا،
سوڍن ڪانهي سار، ڪاڪ چڏي ويا ڪاپڙي.

–

هنجون هاري ڏوهُ، چٽ پرينءَ جا چت تان،
مومل! ايڏو روهُ، جو هيءَ ڪاڪ ٻڏي وجي!

–

اڄ نہ ڳوڙها اکيين، نہ مون ٿڌو ساهہ،
توڙي توسان چاهہ، آهہ اڳي کان اڳرو.

–

اڄ جو تنهنجي سار، لهرين ۾ لوڙهي وئي،
اپريا ات سڳنڌ سان، تنهنجا ڪارا وار،
هريا ٿي هٻڪار، منهنجا جوين ڏينهڙا.

– –

مومل وهنجي ڪاڪ ۾، چوڙي وار چڏيا،
گڙي، جاڻ گڏيا، ڪارا ڪڪر اپ ۾.

– –

موت، متان پائئين، سڪا پن ميڙي پيو!
جهونو آرائين، چني گل گلاب جا.

–

جو تون چٽڻ ڏينهڙا، ڏسڻ ٿو چاهين؟
پٽڻ لئہ آهين، ڳاڙها گل گلاب جا!

– –

ٽم ٽم ٽم ٽم لاٽ ۾، ڪامڻ آٿيل اڱ،
ڪالهہ نہ سوچيئہ سگ، هاڻي وس نہ هينئڙو.

_

ٽم ٽم ٽم ٽم لاٽ تي، رڳو هڪ پتنگ،
هئہ هئہ هيءُ نسنگ، جنهن ڪي لاٽ للاٽ ۾.

_

اڇو، اڇو آڳ تي، اڇو ڪوهيو ڪنپ!
هي جي ڏيئي ڏنپ، جرڪائن ٿا جندڙيون.

_ _

ڊؤنگر ۾ جئن ڊيل، اُڀي اوچي ڳاٽ سان،
ڏات اسان جي هيل، سرسي اڳ ڪان سونهن ۾.

_

ڪني اهڙي ڪينءَ، ميندي جئين ڪنوار تي،
اڳ نہ هيو اِيئن، رڪ اسان ريٽو ڪيو.

_

اڳ نہ اهڙي جاڙ، ڪنهن بہ پرائي جوءِ ۾،
پڊرا منجهہ پهاڙ، پريان پيرا منڊ جا.

_

جهاڳي جهاڳي جندڙي، ڏينهن تتا ڏونگر،
اڄ ڪنهن آڏي لڪ ۾، ڍرڪي مٿي ڏر،
ڇپون ڪيهر ڪر، اڳتي پنڌ نہ اُجهي.

_

هونءَ تہ منهنجي جندڙي، ڪيٽيءَ مٿان ڪونج،
گرڙ جيان مون گونج، جڏهن ڏيهي ڏک ۾.

_

مون ڪي ئي هن ڏيهه ۾، مدد خان ڪُنو،
لهوءَ مينهن اُنو، سارو منهنجي ساهه تي.

–

ڪنهن جي ڪنهن جي پيڙ، اُپري منهنجي گيت مان!
ڪيڏي ڪنل پيڙ، سهڙي منهنجي ساهه ۾!

– –

هيءُ نہ تنهنجو هنڌ، اَهڪي پرڪ پهاڙ جي،
تون تہ ڪرين ٿو وائڙا، ڇڻ سپني ۾ پنڌ!
ڪِري پيجي ڪنڌ، ڏوگر، ڏنگايون گهٽيون.

–

جي تو پرڪ پهاڙ جي، پهچي ويندين پڪ،
جاڻنو تنهنجي جيءَ ڪي، ڪندا جهولا جهڪ،
لوچي لوچي لڪ، چڙهي ويندين چوٽيون.

– –

---

[1] هندو ديومالا موجب ڪام ديو ڪي هڪ سينگ ۽ پنج پاڻ هوندا آهن. سينگ ڪمند جي هوندي آهي، جنهن تي ماکيءَ جي مکين جي قطار وينل هوندي آهي ۽ پاڻ ڏانديءَ سان ڪنول جا گل هوندا آهن.

[2] ڪدم : هڪ وڻ، جنهن جو هندي شاعريءَ ۾ بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي.

[3] مڇ گنڌا: مهاڀارت ۾ آيل اها سهڻي ماڇاڻي، جنهن تي ڀيشم جو پيءُ اکن ڇڪن ٿي پيو هو. لغوي معنيٰ اٿس. 'مڇيءَ جي بانس واري'.

[4] سارناٿ ۾ مهاتما ٻڌ جي رک ۽ هڏيون پوريل آهن

برهما_ هندو ديو مالا موجب ڪائنات جو خالق. برهماند_ ڪائنات.

آءٌ اڪيلو ڊٺ تي، مٿان انڌو اڀ،
آنڌيءَ ۾ اڻ لڀ، ٺم ٺم ڏيئا رات جا.

–

ڇا ڪو آهي وانجهيو، چڪڻ مان چاڙهو؟
ڏور افق ڳاڙهو، سج ٻڏي ويو سوچ ۾.

–

ڇا ڪو ناهي ڏيهه ۾، چڪڻ چاڙهاڪو؟
ٽڙ تي ترڪڻ اوڏڙو، ڏيهي! ڪيو ڏاڪو؟
جاڻ ٻڏو واڪو، ٻوڙن ٻوڙن سامهون!

–

اڳ نہ اهڙو سنيران، ڪوئي ڌرتيءَ دک،
هي جو ڪاليءَ مُک، هيل ڏٺو مون ڏيهه ۾.

–

آهي جو انسان ۾، اجا آدم، خور،
تنهين، جي ڏسي ڊور، ڪنڌ جهڪائي لڄ مان!

–

کهڙو جهوٻو جيءَ جو، کهڙي لونئي لڄ!
ڇائي پائي ڇڄ، ننگو نڪتو ڏيهه ۾.

–

ڳِجهه چوي ٿي ڳوهه کي، مان توتي پاڇو!
هر ڪو سمجهي ٿو، ڳهلا تنهنجون ڳالهيون.

–

ڦوڙو پوريءَ پونءِ سان، پيو ڪالهه ڦِسي،
ايڏو روڳ ڏسي، ويڄ ٿيا سڀ وائڙا.

–

ويچ ٿيا سپ وائڙا، ڪهڙو ويڇن وس؟
منهن ڦيري جو موت ڏي، ٻڌي ڏاهن ڏس،
تنهن جو موت اوس، اڇڻو آهي اوچتو.

– –

آها! اجا آهِ، چڪڻ چاري سامهون،
اُت! اُت! پير نہ ساهہ، پنڌ نہ آ پورو ٿيو!

–

آها! ٿيندا ونجهہ سان، اجا ونجهيءَ وڙ،
اجا ڪي اَوتڙ، آهن ڪنڌيءَ اوڏڙا!

–

ترندي تهوارون ٿيان، اهڙو انت نہ ٻيو،
شال نہ وڃي جيءَ مان، اَوتڙ جو اونو!
متان مانجهي ڪو، پڳهي پنهنجيءَ پريت ڪي!

– –

اڄ، جو نڪتي تند مان، تڙڦي ڪائي تان،
مون تان ويون ميٽجي، زنجيرون زندان،
سمجهن ٿا نادان، باندي مون کي بند ۾!

–

هي جي پٽر پٽ، جن ۾ چرپر ناهہ ڪا،
جي تون چورين چنگ کي، جاڳي اٿن جهٽ،
گونج نہ پائنج گهٽ، پڙڪي تہ پنيٺ ٿئي.

–

چا ٿو پڇين ڇيڳرا، ”آزادي ڇاهي؟“
ماڻهو مٿيءَ مان نهي، مٽيءَ کي ناهي،
ڏني تو ناهي، شايد ڪار ڪنيار جي!

–

پرجهي هر پرڏيهه کي، ڏات ڪنيم ڏيهي،
پيڙا جي هر پور ۾، ڏيهه ڏنم پيهي،
سنڌڙي! تو جيهي، ڏن نه آ ڪنهن ديس ۾.

–

آڳاٽو اَهڙو نه هئو، هي پاڇاٽو، پس،
منهنجي واڪي وس، آهِ ڳي ڪان اڳرو.

–

اج به اهڙي اُج، تل ترايون پي وجان!
ٻوڙي ٻوڙان ڪيترو، ٿيءُ نه رڳو رڄ!
ڪيسين ڪندين مَچُ، ماري مون کي ماڳ ۾!

–

گيت سگهارو ٿو ٿئي، پي پي ڏرتيءَ ٿڃ،
هو جي راهي رڄ جا، تن جي واٽ نه وڃ،
اپ ۾ ناهه اهڃ، ڪنهن پي ڳوڙهيءَ ڳالهه جو.

– –

## سارتري:

هت ڄمين ها سارتري! ٿي سنڌيءَ اولاد،
چوندين ها پو مون جاين، سوچي مستي واڳر،
پل پل توکي ياد، ٿڃ، اچي ها ماءُ جي.

–

اولهه اوڀر جو ميان، مور نہ ٿيندو مٽ،
اٿل آزادي ڏئي، خوب هلايئہ هٽ،
هت تہ جهُڳو چٽ، آزاديءَ جي نانوَ سان.

–

مان سوچان ٿو سارتري! اوچو سو انسان،
بيهي جيڪو باهہ سان، ڪري پاڻ سنان،
گرو! تنهنجو گيان، رڳو متيون لوڪ ڪي.

– –

شال ڪڏهن ساجاهيو، منهنجو هي ايمان:
اول بہ انسان آ، آخر بہ انسان،
باقي سڀ زندان، آجو رڳو آدمي.

–

چنتا نگري سنڌڙي، گهر گهرِ چنتا راڄ،
ڪوڙو ناهي ڪاڄ، ڪنهن ڀي سنڌُ سپوت جو.

–

سرتا! سنڌوءَ تي جڏهن، جر ڏيئا جهپڪن،
سپنا منهنجي ساهہ ۾، لهرين جان لپڪن،
تات انوکي تن، جهپ نہ ڏئي جيءَ کي.

–

سپنا منهنجي ساهہ ۾، ڄڻ ڪي ستل مور،
ڪارونجهر جي ڪور، آ جن لئہ آسائتي.

–

چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جي، ڪڙيو ڪاروڇاڻ،
سپنا منهنجي ساهه ۾، ڇا ڇا سنڌوءَ ساڻ!
پائي پنهنجو پاڻ، سڙهه سنباهيم هيڪلو.

– –

ڌرتيءَ منهنجي ديس جي، ڏاڍا ڏک ڏنا،
ڪيئي محب منا، واريا تنهن تان ويڙهه ۾.

–

ڌرتيءَ منهنجي ديس جي، ڪيڏا ڏنا ڪيس!
ڪيئي سورهيہ سيس، واريا تنهن تان ويڙهه ۾.

–

صدين کان سپ جي رهي، لتڙ ۾ هيءَ لوءِ،
هيئن لتاڙيو ڪونہ ڪنهن، ان ڪي اڳ ابوءِ!
اڄ اسان جي ڀاڳ ۾، پيارا! ڪانهي پوءِ،
اڄ اڄ، ڀوندي نہ ڀوءِ، ويڙهه سڏي ٿي واهرو!

–

هڪڙو سچ اَمول، آءٌ اوهان کي آڇيو:
”مورُ نہ آهي ماروئو! ڀٽ جيان کو ڀول“،
ڪوئي ٻول سٻول، ان کان اوچ نہ پائنجو!

–

ماڻهوءَ پهريون ماڳ آزاديءَ ۾ آڇيو،
جي تون آجو جاڙ کان، ٻُک بہ ڀلو ڀاڳ،
رودن سارو راڳ، ڏاڍائيءَ جي ڏيهه ۾.

–

پوپٽ پرڙا مينهن ۾، پجي تون جيئن،
آزاديءَ ۾ تئين، ڏک نہ ڏکن وانگيان.

– –

اٿو ستل آڱريون
اٿو، آڌيءَ رات جو، ننڊ نہ ڪيو ڙي!
ڪوني پيو ڪينرو، اوڳا اوهان ڪي!
اٿو، ديس سُتي، تاڻيو، پنهنجيءَ تند ڪي!

–

اُٿو، اُپاريو، اوري آڻيو باک ڪي!
اٿو، نيڻ ڏيئڙا ٻنيي ۾ ٻاريو!
اوندھ اجاريو، تاڻي پنهنجيءَ تند ڪي!

–

اُٿو، آڌيءَ رات جو، ڪيو ڪينر تات!
تن ڪان اڳ ۾ ئي اُٿو، پکي جي پرپات،
رهڻي ناهي رات، تاڻيو پنهنجيءَ تند ڪي!

–

اُٿو، آهن تند ۾، اجا گيت انيڪ!
وهاڻيءَ وويڪ، وڌ وجهندوَ ويسرا!

–

اُٿو ستل آڱريون! سدا ناهي ساز،
ارهيون! ڪو آواز، تڙقي پيو تند ۾.

–

آڱريون جاڳو، تڙقي وجو تند تي!
جيڪي ساريون، راتڙيون، ڪين اوجاڳو،
صبح سياڳو، گونجي تن جي گيت سان.

–

اُتو اِرتيون آڳريون، گهايل پنڇيءَ جان!
لڇي لونءَ منجهان، صدا ڦهلي ساز ۾.

–

اُيري اڇن ساز مان، اڪين اوسيڙا،
هن دکياري ديس جي، پراڻي پيڙا،
ڪري اوهيڙا، رتو وسي رات تي!

–

تڙڦي اٿي تار، واڪا ڪري وڄ جان،
جئن ڪي ڪڪر واءُ ۾، تيئن وڇوڙيل يار،
ايري تن جي سار، صدا ٻڏجي ساز مان!

–

تڙڦي اُٿي تار مان، سو سارو طوفان،
جنهن ۾ گذريل دؤر آ، ڦاٿل سڙهه سمان،
اڄوڪو انسان، جنهن جا تن تني پيو.

–

تڙڦي اٿي تار مان، سُپان جو سپنو،
جنهن ۾ ڇپر ڇانوَ تي، پيار ڪري پاڇو،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو، ساٿي تي ساٿيهه ۾.

– –

# وائي

اٿي اوريو ڙي!
جيئڻ ٻه ٽي ڏينهڙا.
وسو، وسو ماڪ جان گلڙا موريو ڙي!
جيئڻ ٻه ٽي ڏينهڙا.
سکن سان سنسار جي، تند نہ توريو ڙي!
جيئڻ ٻه ٽي ڏينهڙا.
متان ڏکڻي ڏاڍ ڪان، چنگ نہ چوريو ڙي!
جيئڻ ٻه ٽي ڏينهڙا.
انوکي آواز تي، گهر تڙ گهوريو ڙي!
جيئڻ ٻه ٽي ڏينهڙا.
سڳو ڪوئي سور جو، سدا سوريو ڙي!
جيئڻ ٻه ٽي ڏينهڙا.

❖

چارڻ پنهنجي چنگ کي، سانديج ساهہ جيان!
وسن ڪونہ ميان! سدا سانوڻ مينهڙا،
چارڻ، پنهنجي چنگ کي، سانديج ساهہ جيان!
تيسين پوڄ پيان، جيسين صدا ساز ۾.

–

تاس نہ ٻجهي تند مان، اڄ کي پوڄ پيار،
منهنجو جيءُ جيار، چارڻ پنهنجي چنگ سان!

–

جان چورين تان چورِ، چنگ ٻہ ٻہ ٽي ڏينهڙا،
سانگو لاهي ساهہ جو، چارڻ گهر تڙ گهور،
جر ٽر جهوريءَ جهور، پوئين پهر الاپ سان.

—

رات وڪائون ڏات، ڳٽي جيئڻ ڏينهڙا،
ڪانئر ڪوي ڏيهه جا، لوني تن جي لات،
موت نہ تنهنجي مات، سوڀ اڳي پوءِ سچ جي.

—

روڳي راڳي ڏيهه جا، ڪوڙهه اندر ڪيئان،
شال نہ ڏسان ڏينهن جو، جوت چئي جيئان!
وهسي وهه پيئان، ساٿ نيائي سچ سان.

—

جيئڻ ٿورا ڏينهنڙا، ڪهڙو ڪوڙ چوان!
مرڪي مچ پوان، ساٿ نيائي سچ سان.

—

لِڪڻ ناهه لَڪڻ، جي تون ڪُوڙ ڪمائين،
ٻن پوي وهه گاڏئون، ماڪيءَ ميٺ مکڻ!
توڙي پيد پکڻ، ٻول ٻرائي سچ جا.

—

جي تو ڏنو ڏيهه ۾، انڌو ٿي انياءُ،
منهنجي ليکي تون بہ آن، اَنيائيءَ جو ڀاءُ،
تنهنجو سهج سڀاءُ، ڏڍ انوکو ڏاڍ جو.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، وايون واڇوڙا!
ويا ويا واءُ ۾، جهائين ۽ جهوڙا،
ڪارڻ سان ڪوڙا، ساٿ رچائن ساز جا.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، واڪن تي واڪا،
چڙهندو ويس چوٽيين، ڏاڪن تي ڏاڪا،

لُنءَ لنءَ لياڪا، ڳالهيون تنهنجون ڳائڻا!

_

چارڻ تنهنجي چنگ مان، اڄ جو ٻولَ ٻُريا،
مون سي ڏٺا اوچتو، هو جي ڦيڻ ڦريا،
ڪيڏو ڦٽ ڪُريا، جهوپا آيا جيءَ ۾!

_

چارڻ تنهنجي چنگ مان، ڏني ڏاهه ڏکنِ،
آنڌيءَ وانگر اُريا، هو جي پاهه ٻُکنِ،
ڪاني جيئن ڪکن، ڳالهيون تنهنجون ڳائڻا!

_

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، جهالا جهونجهارن،
هو جي ٻريا ٻول ۾، ٻڌا مون پارن
پيچ پنيءَ تارن، وڙهندي ڏٺا ويڙهه ۾.

_

چارڻ تنهنجي چنگ مان، باهه لڳائي بيت،
ڪنڌ، کهاڙيون، کيت، ڇا ڇڻڪو چت ۾!

_

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، آرڻ جا اڏما،
ڪوپا، ڪنڌ، ڪٽاريون، راتين جو راڙا،
ٻول ٻريا ڇا ڇا، جاجڪ تنهنجي جيءَ مان!

_

چارڻ تنهنجي چنگ ڪي، ويڇن جهڙو وس،
واڍوڙن جي واٽ ڪان، تنهنجن گيتن گس،
جاجڪ توتي جس، ميڙيئه فٽ فراق جا!

_

جي تون ڏکين ڏاڍ ڪان، هيئين آٽي هول،
اڳتي اويساھ سان، ٻڌندا چارڻ ٻول،
آءُ پلائي پول، سٽي سوريءَ سڏڙا!

_

هي جي گل گرنار جا، تن ۾ آگِ سماءِ،
هڪڙي سر مان چا وري، در در سين لڳاءِ!
اهڙو رنگ رچاءِ، ڏيھ سجو ئي ڏانُ ڏئي.

_

چمڪيو واڄي وڄ سان، ساري رات رتول،
وسيو سانوڻ مينهن جئن، ٻارڻ ٻاري ٻول،
آگ هئي انمول، گهر گهر گهوريو جندڙو.

_

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، لوئڙيارن لڙڪ،
تون ئي تن مي ڪڙڪ، ڳجها ڳوڙها ڏيھ جا.

_

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، لويون ليڙون ليڙ،
چاڪ سين جي چت جا، سيني چڳن چيڙ،
پيڙهيءَ پيڙهيءَ پيڙ، ٻُري تنهنجي ٻول ۾.

_

چارڻ تنهنجي چنگ مان، گهورن گهائل گهوٽ،
هو جي واريا ديس تي، مڙس الا اٽموٽ،
ڪيري ويا ڪوٽ، سورهيہ سر جي سٽ سان.

_

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، پيڙهين جا پڙلاءَ،
هن دکياري ديس جا، گهرا گوندر گهاءَ،
سارا تتيءَ تاءَ، سارا پيرن پرڪٽا.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، صدين جا سڏڪا،
آڏيءَ جا اڊڪا، ننڊ نهوڙيل راتڙيون.

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، اوندهہ ۾ آهون،
هن دکياري ديس تي، ڪاهن تي ڪاهون،
درديليون دانهون، روز لتاڙيل لوءِ جون.

—

چارڻ تنهنجي چنگ مان، چيهہ ڪيا چمڪا،
سدا سانوڻ مينهن جئن، وسين ويروتار،
پوءِ بہ تو لئہ يار، اُج اسان جي ايتري!

—

چارڻ تنهنجي چنگ ۾، وارياسي تي وڻ،
بينون سانوڻ بوند ۾، هيٺ ڏنارن ڏڻ،
ڳائيندي تون ڳڻ، ڇا ڇا ڳٽي ڳائٽا!

—

تنهنجيءَ تند تنبيريا! ماريو آهي مون،
جئن ٿو ڳائين تون، ڪئن ڀيو ڳائي سنڌ کي!

—

تنهنجو موت نہ موت، جي تون سُرَ لاءِ سِرُ ڏئين،
فاني ٿئي ٿو فوت، تون تہ امر آن راڳيا!

—

ڪيڏي ڪاري ٻات، ڍول! لٿي آ ڊِٺ تي،
نہ ڪو تارا اڀ ۾، نہ ڪا ڏيئي لاٽ،
او شل جرڪي جاٽ، چارڻ تنهنجي چنگ سان!

—

ڏيهي! سچ سڪار، اڄ جو ويو ڏيهه مان،
ڪلهي ڪونهي ڪينرو، پيو ڏات، ڏڪار،
ڪوري ڪير ڪپار، ملهه مهانگو ماڻهپو!

—

چارڻ چڪين ماڳ، چنگ نه چڪي شال!
پورا تنهنجا پال، ڏهه ڏهه پيرا ڏيهه سان!

— —

# آءٌ اِئين اسٿر، جئن هو تارو اڀ ۾

آءٌ ائين اسٿر، جئن هو تارو اڀ ۾،
تو در پهتس ديسڙا، گھوري پنهنجو گھر،
تون پيٽي، تون پر، هاڻ نہ منهنجو هيڪلو.

_

تون جو ڏيهہ ڏري وئين، ڏسي ڏکيو پنڌ،
آءٌ هلان ٿو هيڪو، ڪوري پنهنجو ڪنڌ،
هيءُ نہ منهنجو هنڌ، پل تہ مران مان ماڳ ۾!

_

ساٿي منهنجا سک جا، چٽندڙ پپل پن،
ڏوران ڏسن ڏک ۾، مور نہ آڻن من،
مان ئي تسا تن، مان ئي پنهنجو پنڌڙو.

_

ٻيهر آءٌ اڪيلڙو، ۽ اونچي ديوار!
ڏکي ويا ڏاڍ ڪان، ڪلهي ڪوڏيا يار،
هينئان مچ نہ هار، هيل بہ وڙهہ تون هيڪلو!

_

آءٌ اڪيلو، اُڀ ڪان اوچي آ ديوار،
ايري منهنجا گيت تون، شايد پهچين پار،
ها، پر پو بہ پڪار، متان ڏاڍ ڏري پوي!

_

ڪڄي منجهان ڪڏ، ور ور ڪريس ڪڏ ۾،
ڇا تو ڀانيان رڪ جا، منهنجا ڀڳل هڏ؟
ڪيسين رڳو سڏ، وراڻيندس واهرو؟

–

ڏرتي! مون کي ڏير ڏي، منهنجي پيڻ نہ پاءُ،
ٿڪر ٿاڪي ڪيترا، موٽيو آهيان ماءُ!
پٽر ۾ پڙلاءُ، ڪھ ڇاڻان ڪيسين رهي!

–

مٿو مٿيءَ مٿ، ميندا رتل رت سان،
ڏرتي! مون کي ڇا مليو، پٽي ڪينر پٽ؟
تون ئي ڪاٽو ڪٽ، ڏنپ مليا جي ڏيھ جا!

–

تيڏو ڳورو ڳٽ هو، جيڏو اوچو ڳاٽ،
آيس آءٌ اڇاٽ، موٽي توڏي مائٽري!

–

ڇڪن پيا چنگ مان، ڏرتي! منهنجا ڇاڪ،
مرون رت پياڪ، ڪڏهن ويندا ڏيھ مان؟

–

پرجهي، پير سنپال، دک ڏبڻ آ وائڙا!
پورا! تنهنجي پال، ڪيئي ڪارڻ ڏيھ جا!

–

متان پائين هيڪلو! صديون توسان ساڻ،
رهي رهندو ڪيترو، مدائيءَ جو ماڻ؟
پائي پنهنجو پاڻ، آءُ امرتا اوڏڙو!

–

پيڙا ۾ پيهي، ڌرتيءَ اُڀَ سمائيين،
ڏک ولوڙيئه ڏاهه ۾، ڏيهي پرڏيهي،
جندڙي تو جيهي، سکن ڪئن سامائبي!

—

ٻيهر توکي جندري، جي ڪنهن مام ملي،
ڇا تون ساڳي پيار جي، ايندين ڪونه ڳلي؟
دک ٻه ديس ٻلي، سک ٻه ان جي ساڻ سان.

—

ٻيهر توکي جندڙي، ملي جي ڪنهن مان،
توتي ايندا ڪونه ڇڻ، آزاديءَ الزام؟
ڪينر آڇي عام، چڙهندين ساڳيءَ چيئن تي.

—

چارڻ پلي چيئن کي چاهي نه چاهي،
ناتو سوري سڌ جو ازل کان آهي،
متان ڪو لاهي، آزاديءَ مان آسرو!

— —

# وک وڇوڙي واڳئين

هي جي ڪڙيون ڪوهه تي، ٻانهن پائي ڪنج،
ڏسي، روئڻ هارڪيون، سنجيل گهوڙن سنج،
هر هر ڇڪي هنج، چمين پنهنجا ٻارڙا،

—

رتو رنيون رات، جهونجهارن جون جوئڙيون،
گهوڙن مٿي گهوٽ ٿا ڪٿي ٻڌن بات!
وهاڻيءَ پرڀات، ويا ڪارڻ ڪوڏيا.

_

هئہ هئہ وني ون، ٻَجها ٻوڙها گهٽ ۾،
سڏ لنوائن ساٽ جا، پر ڪئن ڪونڌر ڪن!
ڇڏي نڪتو ڇن، پهتو آرڻ اوڏڙو.

_

گهٽڪن ٻوڙها گهٽ ۾، اڪين آرتي اون،
’مون وٽ گهارين ڇو نہ؟ ڇو ٿو ڇڏين ڇانورو؟‘

_

’ڇو ٿو ڇڏين ڇانورو، اڳتي آرهڙ اس،
’گهوڙا اندر گس، متان ٿاندا اپ جا!‘

_

’متان ٿاندا اپ جا، تتو رائو، روهہ،
’تنهنجا پير رڪاب ۾ مور نہ تو ۾ موهہ،
’هي منهنجو ئي ڏهہ، جو مان ور تنهنجي وني!‘

_

ٻوڙهن آليءَ ڇڳ ڪي، هر هر هٽائي،
وني ڇنبڙي واڳ ڪي، ٻيهر ٻاڏائي،
پيرن وڏائي، مينديءَ رتا هٿڙا.

_

مينديءَ رتا هٿڙا، ڪجل پنا نيڻ،
سيني ڏنا ويڻ، ويندڙ ويندا ئي رهيا.

_

ڇاتيءَ رکي ڇپ جا ويا ٿي ويندڙ،
ڏوراپا ڏيندڙ، تنهن کي سمجهن ڪينڪي.

_

آرڻ آتي مڙس جي، ڇپ جيان ڇاتي،
هن جي ڳوڙن ڳيت ۾، ڪنهن جهاتي پاتي؟
اڳتي لئہ آتي، وک وڇوڙي واڳئين.

– –

## تون ڇا ڄاڻين اوپرا

مارو منهنجيءَ پونءِ جا، ڏاڙهيءَ پنيا پاڳ،
شال نہ تڪي اوپرو، هي جو ڊوڊو ساڳ!
آونگ لاهي آڳ، وڃ ورهائن پاٽ ۾.

–

تو نہ ڏٺي آ اوپرا، لوئڙيارن لوءِ،
جيسين ڪنڌ نہ ڪپجي، ڇڏن جوُءِ نہ جوءِ،
ويجهو وڃ م ووءِ، تن ڏي اڊي اک سان!

–

تو نہ ڏٺي آ اوپرا، ڪنڌ ڪهاڙي راند،
وڏا وير ملير جا، توڙِي پاندي پاند،
شال هجي هيڪاند، گڏجن جاننا جيئڙا!

–

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، گهوڙن ڳاڙها گهر،
جن نہ پرائي پيءُ ڪان، منجهان آرڻ موٺ،
رکي ڳچيءَ ڳوٺ، ڊاري ڪيڏن ڊٺ ۾!

–

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، تن جي لوئيءَ لڄ!
هي جي منهنجون ماريون، منهنجيءَ ڌرتيءَ ڏڄ،
ڇٽي پنهنجا ڇڄ، ان اجارن باک ۾.

_

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، مور نہ منهنجا مٺ!
صديون چمڪي سچ ڪان سرس پٿائيءَ پٺ!
جهڙي ڪَتيءَ ڇٺ، تهڙي آرهڙ ڏينهڙين.

_

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، ٿر جي ولين ٿڌ!
تنهنجي سوچيل سرڳ کان، منهنجي وستي وڌ،
منهنجيءَ ڪُنيءَ رڌ، جي تون سائون چکئين!

_

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، منهنجي ڇپر ڇاٽ،
ساڏ وهين تي صبح جو، مهڪي ٿي جا ماٽ!
هيءَ جا منهنجي جاٽ، تنهن جا ڪارڻ ڪيترا.

_

تون ڇا ڄاڻين اوپرا، ڳنڍيون جي ڳنڍير!
منهنجي ملڪ ملير، ڳجهہ پريان جي ڳالهڙي.

_ _

رومڙ ڪئي رات ڦٽيل مرونءَ وانگيان
رومڙ ڪئي را، ڦٽيل مرونءَ وانگيان،
س ڪي پنهنجي ساهہ جي، هر ڪنهن اجهي تات،
پهچي جان پرڀات، ڇئہ ڪو آهي آسرو؟

_

رومڙ ڪئي رات، ماڻهو پکن هيرئان،
تنديءَ ۾ طوفان جي، هر ڪنهن اجهي تات،
مرونءَ ڪيو مات، ساهس ساري ڏيهہ جو.

_

هو اوندهہ جي اوٽ ۾، سڄ اُڀي ٿو ڇار،
تيسين سهسائي وڄون، پيون مرونءَ وار،
آف! هي انڌوڪار، اف! هي راڳا رات جا.

– –

---

‍ سارتري: مشهور فرانسي مفڪر ۽ناول نويس

## ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان

ڪنڌ نوائي ڪانئرو، ورتو ايري واٽ!
ڏمري، جوڳيءَ جاٽ ڏنو آڏيءَ اڪ سان.

–

هي جي ڪن تا ٻوڪ، ڏري ساري ڏيهہ لئہ،
تن جا اندر ڪينئرا، بزدل بابو لوڪ،
ها، هو سڳر ٿوڪ، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان.

–

ها، هو مڙس مٿير، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان،
ٻانهون، پگهر واسيون، ڪيڙيءَ ڪرچيل پير،
ڪانہ وڃائن وير، مري ملهن ماڳ ۾.

–

هي جو ڪوسو ڪڇ ۾، هي جو ونيءَ ور،
جنهن کي پيارو ديس ڪان، آهي پنهنجو گهر،
ان جو ڪهڙو آسرو، ان ڪانئر ڪان ڏر!
تون جو ڪاهين هر، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان!

–

جيڏا! تن جي جاڳ ۾، منهنجا سارا ماڳ،
سنڌ اياڻيءَ ياڳ، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان.

—

تون ڏاتو تون هر، ڪنڌ ڪهاڙيءَ هيرئان!
آهين منهنجي ڏيهه ۾، تون پيٽي تون پر،
ڪندو سنڌ امر، جهوڻو تنهنجي جيءَ جو.

—

توکي پنا پيٽ ۾، تون ڇا وڙهندي پيچ!
وڃي اتي وڃ، جت نه جوکو جيءَ جو!

—

مڙس ته ڪلهي ڪوڏيو، ٻيو جئن رنيي رڌ،
ڇا ڇا ڍائي ڍِڍَ، ٻول ٻڌايئه ٻولڙيا!

—

آيو سوريءَ سڏ، لکي وئين لوڪ ۾،
ڏاها! تون پيي ڏڏ، جي تو سانگو ساهه جو.

—

آءُ ڪڙهائيءَ ڪڙهه، آءُ ته پرکيون پاڻ کي!
هونءَ ته پيو پڙهه، پڙهڻ مان ڇا ٿو وري!

—

جي تو سگهه سرير ۾، آءُ چڪڻ مان چڙهه!
هونءَ ته پيو پڙهه، پڙهڻ ٻوڙيا ڪيترا.

—

چنڊ جيان چمڪن، ڏاتا منهنجي ڏيهه جا،
جهنگن ۾ جهونجهار ٿا، جهيڙيندي جهمڪن،
تارا ٿا ٽمڪن، مولهين مٿان ماڳ ۾.

— —

# آزاديءَ جي راھ ۾

آزاديءَ جي راھ ۾، ڪجھ به نه اجايو،
لالڻ! ٿي ٿو دير سان، لايو سجايو،
سو به ته ڪم آيو، ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾.

—

ڪنڌ ڪريو  جو پنڌ ۾ وڌي ٿيو وڻ،
آزاديءَ جي راھ ۾، ڇانوَ ڪري ٿو ڇڻ،
وک وتري ڪڻ، ور جو مئو ماڳ ۾!

—

هو جي مئا ماڳ ۾، ڇڻ ڪي اوچا ٻڙ،
وڏين ڪيڏا وڙ، پانڌي ڪيا پنڌ ۾!

—

جھرمر جھرمر ڏيئڙا، آهي سارو پنڌ،
ڪنھن جو ڪنھن جو ڪنڌ، جرڪي ٿو ان جوت ۾!

—

ڪنڌ ڪريو جو پنڌ ۾، ڇڻ ڪا ڏياٽي!
اڳ جيئن اونداهي نه آ، گوندر جي گھاٽي،
وک نه وھاٽي، پويان ڪنھن جي ماڳ ۾.

—

آهڪي آهي راھ، آزاديءَ جي پائڙا!
جي تو سانگو ساھ، پير نه وجھ تون پنڌ ۾!

—

آهي موٽ ميار، آزاديءَ جي راھ ۾،
اُسھين ته آجو ٿئين، پسين پرينءَ پار،

مرين تہ بہ امر ٿئين، وڏين ويروتار،
جئن ڪا سنڌوءَ ڌار، سدا رهي سير ۾.

–

ڏس نہ ڏڱن ڏڙ، وڪ اجا ڪر وتري!
مري پنهنجي پاڻ سان، ويرن ڪيا وڙ،
انهن نہ اوگهڙ، جن تي اوچڻ اپ جو.

–

آزاديءَ ڪان اوپرا، تون نہ اسان جو ياءُ!
تون ڪو پٽر پنڌ ۾، اسان اتر واءُ،
اسان تڏي آءُ، سانگو لاهي ساھ جو.

–

هيءُ نہ پونر پون، ڪومل ڪنول هينئڙا!
چنن چاتي اپ جي، هت چتيون چوليون،
سو چا ڄاڻن تون، مان جنهن چوهي چوھ ۾!

–

جي تون ويهي واٽ تي، پسين ڪوئي گل،
۽ ڏين سونهن سڳنڌ جو، مهل وڃائي مل،
اسان ساٿ نہ ڄل، پنڌ پري آ پانڌيا!

–

وري اڃڻي ناھ سا، جيڪا وئي وير،
ڏس هو واريءَ ڍير، پنڌ پري آ پانڌيا!

–

پنڌ پري آ پانڌيا، تارن ڏي بہ نہ تڪ!
متان لُڏي لڪ، تنهنجي وڪ ڍري ٿئي!

_

لڳن پنهنجي لونءَ جي، آهي پرينءَ پار،
جتي سونهن سڳنڌ ۾، تري ٿو سنسار،
وچ نہ وجهہ ويچار، متان وڪ ڏري ٿئي!

_ _

# جي تو سَڌَ سڳنڌ جي

جي تو سَڌَ سڳنڌ جي، ٿاريءَ ٿاريءَ ٿِڙُ!
ها، تون هيئن نہ ڪِڙُ، هيڪل پنهنجي هانوَ ۾!

_

جي تو سڌ سڳنڌ جي، هان هي موڪيءَ مَٿَ!
پهريون سر جي سَٿَ، پوءِ سري جون سرڪيون.

_

جي تو سڌ سڳنڌ جي، آءُ، وٿيءَ ڏي وڌ!
ملهہ مهانگو مڌ، چُڪيءَ چُڪتو جيئڙو.

_

جي تو سڌ سڳنڌ جي، قول اسان جو ڦٽ!
مور نہ تنهن جو مٽ، ڪوئي گل گلاب جو.

_

جي تو سڌ سڳنڌ جي، ٿار نہ سر جي سٽ!
ڳورا پانءِ نہ ڳٽ، آڻ جيڪي آڇيو!

_

ڳورا پانءِ نہ ڳٽ، هي جڻ ٽانگر ٽاريون،
سر جي ڏيئي سٽ، آجو ٿي انياءَ کان!

_ _

منڇر تي ماريءَ، اڄ به ماريون هنجرون،
ٻچيون رت چڪندڙيون، وات مٿان واريءَ،
ڪڪيءَ جي ڪاريءَ، ڇا ڇا ڪنپ ڪٽي ويو!

_

جر تي لٽين جيئن، شال مرين ها هنجڙا!
ڪانيرن سان ڪيئن، گهاريئه ايڏا ڏينهڙا؟

_

ڪونجو! مون ڇاتي پئي، ساري ماريءَ مام،
اوچي ٻاٽ اڏام، پوءِ به مون ڪي آئڙي.

_

ڪونجو! ڪرڪو پار ڏي، نيئي نياپو:
’منهنجو جياپو، سار اوهان جي سپرين!‘

_

هلڻ هاريون ڪونجڙيون، اجهو ڇاڻ ويون،
ڪري روهه ريون، آڏيءَ جو الاپ سان!

_

هلڻ هاريون ڪونجڙيون، گهٽو نه گهارين،
سدائين سارين، تن ڪي راتيون روهه جون.

_

هلڻ هاريون ڪونجڙيون، وهاٽيءَ آڪاس!
رهندو روهه اداس، تن لئه ڪيئي راتڙيون.

_

هلڻ هاريون ڪونجڙيون، روڪي ڪونہ رهن،
ويندي واڪا ڪن، ڪهندي ڪاريءَ رات ۾.

–

ڪونجو! ڪاريءَ رات ۾، سيڪجھہ آ ڪٽڪڻ،
چوڌاري چٽڪڻ، رائي اندر روھہ جي.

– –

مون جو ساري جندڙي، ڄرڪائي ڪئي ڄر،
سرجيا منهنجي ساھہ مان، ڪيئي گيت امر،
موت نہ ڪائي ڪر، ان لئہ رک وجي رهي.

–

مٿ هڏن جي مون وٽان، ملندي توکي موت!
هلندي منهنجي هوت، ايئن جهپيندا جندڙي.

–

مٿ هڏن جي دان، تو لئہ مون وٽ آ ميان!
ڪالهہ هزارين گيت ها، منهنجي گهر مهمان،
سڀ انهن کي مون ڏنو، مون وٽ جيڪو ڏان،
هاڻي هان حيران، تو آئي ڇا آڇيان!

–

مٿ هڏن جي موت کي، هئہ هئہ هن جي موٽ!
آءٌ ڏيان ٿو ٺهڪڙا، ٻينو ڪکرن اوٽ،
ڇٽر اهڙي چوٽ، اڳ نہ ملي منگتي.

–

چارڻ سارو چنگ آ، ٻيو سڀ هڏن مٿ،
تو سان جوڳي جٿ، موت ڪئي مون ماڳ ۾!

–

ٻيو سڀ مٽيءَ مامرو، آءٌ رڳو واڪو،
لُنءَ جو لياڪو، گونجي ٿو جو گيت ۾.

—

واڪي منجهه وجود ڪي، ڦيرايو آ مون،
موت تڪين ٿو تون، مٽ هڏن جو مامرو!

— —

## هيءَ جا سُرڪَ سَراپَ جان

هي جا سرڪ سراپ جان، لڳي ٿي ڏوران،
گهوٽ انهيءَ گهوران، چڪي چس امر ٿيا!

—

اجا گهٽڪي گهٽ، اجا وهه وترو پيئون،
آڏيءَ رات ڪلال تون، مٽان ٻوٽين هٽ!
متو رهي مٽ، جيسين باک پڃي وڃي!

—

جيسين باک پڃي وڃي، اماپيو پيو اوٽ!
تو وٽ جيئڻ جوت، اوندهه انڌوڪار ۾.

—

اجا نيري نپ ۾، تڙڳن ٿا تارا،
هر هر تنهنجي هٽ جا، جهمڪن ٿا جارا،
پيئٽ اجا پيارا، جيسين باک پڃي وڃي!

—

جيسين جرڪي سج ۾، پنهنجي لوئيءَ لاڪ،
پوٽو پٽج نه پيئٽ ۾، مٽان کوهين ساڪ!
اجها نڪتي باک، جهونجهڪڙي جي جيءَ مان!

—

ڪاريون راتيون پوهه جون، اوندهه انڌوڪار،
پيٺ، اسان جي پيالين، آڏيءَ وير اگار!
هيءَ جا سر جي سار، چُڪيءَ ساڻ چُڪي وجي.

—

سرو آهه سرو، جي تون آڇين جندڙي،
گهٽڪي تنهنجي گهٽ ۾، ڏئي تک ترو،
۽ تون ڳاٽ ڳرو، ڪٽين ايرين اپ ۾.

—

سڌ اٿي جي سرڪ جي، سو ڪو ڳول ڪلال،
جنهن جو مڌ عقاب جان، لهو گهري لال،
جهونجهاڙي جنجال، جيڪو ڪڍي جيءَ مان.

— —

# جي تون ساٿي سچ جو

ٻاهر هن زندان ڪان، آهِ وڏو زندان،
آجو سو انسان، جنهن جي پيرين پيڪڙا.

—

اچ اچ، آجو ٿيءُ، ساٿ نيائي سچ سان،
ويل اها آ وائڙا، پوءِ نہ چوندءِ پيءُ،
آءُ جڳان جڳ جيءُ، وِهُ ڪان وَهُ چو ٿو وجين؟

—

جي تون ساٿي سچ جو، موت مهانگو ناهہ،
سر جو سانگو لاهہ، ويل اها آ وائڙا!

—

ڏک نہ ڪنهن جي ڏاڍ ڪان، ڏکڻ ڏاڍي ڏڍ،
ان مان آس نہ ڪڍ، سوڀ سدائين سچ جي!

–

پنڌ بہ پنهنجو ماڳ آ، ڏور نہ ڏس تون ماڳ،
جاڳ منجهاران جاڳ، سپنا سڀ پاسي ڪري!

–

ڏورانهون جنهن ڏس، سو پڻ آهي پنڌ ۾،
ماڳ بہ ان ۾ ماڻهئو، هي جو گوندر گس!
وک اسان جو وس، سچڻ اڳ ئي ساٿ سان.

–

پت جهڙ پويان ڏينهڙا، ڳول نہ سائو پن!
پر تون هار نہ من، ايندي باک بسنت جي.

–

هو جو سچ سمان، ڪاريءَ ڪڪريءَ ڪک ۾،
جنهن تي ور ور ولهہ ۾، ياڙي منهنجو يان،
ايندو سو انسان، ڌر تي ايري اوچتو.

–

ايندو سو انسان، ڌمري ساري ڌاڍ تي،
آءٌ متان اڳ ۾ مران، ناهہ اهو ارمان،
ڏسندو نيٺ جهان، جيڪي منهنجي جيءَ ۾.

–

آءٌ متان اڳ ۾ مران، ۽ پو رات ڪُٽي!
کهڙي موڙهي مت ٿي، منهنجو گهٽ گهٽي!
او شل باک ڦٽي! گهوريو منهنجو جندڙو.

–

گهوريو منهنجو جندڙو، مان ٻه ته ڪائي وک،
ڏورانهين جي ڏک، مون آندي ڪجهه اوڏڙو.

_

هي جي مئو ماڳ ۾، ملهي آيو ماءُ!
شال نه ڏسان ڏينهن جو، ڪانئر ڪوني پاءُ!
سَچَ ڏنو جو ساءُ، شال نه وسري سڪ ڪان!

_

ٺار نه پنهنجا ٿڻ، پنڌ پري آ پانڌيا!
متان سج لهي وڃي، پيءُ نه پاڻي لپ!
ور هي پياسا چپ، اڳتي وڌ اُساٽ ۾!

_

ڪيئن نمايئه ڪنڌ، چڙهي چوٽ صليب تي؟
وڙهه اکين سان ايري، جي تو ساڻو سنڌ!
هيءُ نه تن جو هنڌ، جن جا لڙڪ لڙي پيا.

_

جان جيئين تان وڙهه، آڻ نه مڃ انياءَ جي!
هٿين، پيرين، مونڙين، راڙا ڪندو رڙهه!
ٻن انهيءَ جو مڙهه، جيڪو مئو ماٺ ۾!

_

موت رڳو آ ماٺ، ور ور واڪا جندڙي،
آهي آديءَ چپ ۾، رڳو گوندر گاٺ،
جا پٿر، جا ڪاٺ، منجهه نه اهڙيءَ مام ۾

_

واڪي وس هلاءِ، وجهه وِلوڙا اُپ ۾،
هيءَ جا مڙهي ماٺ جي، تنهن ۾ پير نه پاءِ،
واجي وڃ سماءِ، واجٽ ٿيءُ وجود جا.

-

چڪي وارن ڳت، ڪييم توکي ڪُنَ مان،
موتي ميڙي ڪانهَ ٿي، ڪائي گوندر گت؟
هئہ هئہ پٽر بت، ماٺ رکو آ موت ۾!

-

ٻڌ نہ "منهن مونن وجهي، غربت ساڻ گذار"
اهڙا ٻوهر ٻوجهہ مان، پهرينءَ وير ٻهار!
اوچي ڳاٽ پڪار، ڏاري غربت ڏينهڙا!

-

ڪير چوي ٿو بانورا، 'صبر وڏو سک'؟
آءٌ چوان ٿو: ميٺبو، هن ڏرتيءَ جو دک،
هي جو ماٺوءَ مک، ڏونگر ڏاري ٿو سگهي.

-

ڪير چوي ٿو ڏيهہ ۾، 'مڙئي منائي'؟
مون آ چڪي چيت ڪئي، ساري ڪڙائي،
آهي اجائي، ڳالهہ پريان جي پار جي.

-

تون ئي پنهنجو ڏوهہ، تون ئي ڏوهي ڏيهہ ۾،
تو جو ٻڌو ٻنڌڻين، ووءِ نسورو ڊوهہ!
لچڪي وجي لوهہ، جي تون اُيرين آگ جان.

-

تو جو ٻڌو ٻنڌڻين، ٻوٽ انهيءَ تي ڪن!
هو جي ڳالهيون ڳجهہ جون، سي سڀ ڏاڍي ڏن،
چڏي مانيءَ ڪن، ڀي پريائون ڪوڙ سان.

-

ڪوريئڙن جا چار، ڪوُڙَ ڪسابن جي اُٽيا،
ماٺهو مکين وانگيان، ڳيرو، ٻيا، ٻار!
تار نہ ملي تار، جي تون ڇنين ڇڪ سان.

–

ووءِ پراڻيون پوٿيون، ووءِ اهي پستڪ!
جن ۾ ڏاهپ ڏک سان، صديون بڪيل بڪ!
جيءَ اچن ٿا جڪ، جيڪر سڀ ساڙي ڇڏيان!

–

هيءَ جا جهوني جڪ، صدين ڪان سٽندو رهين،
ڇا ڪو ڪندو جيئرو، مردي ڏيئي مڪ؟
ڪاريءَ وارا ڪڪ، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾!

–

ڪوڙ بہ ڪيڏا ڪوڙ، ڪڪرين چوٽيون اُپ ۾!
رڳو رڪ رتول ۾، پاڙي ڪانہ پروڙ!
ونجي شال وچوڙ، ڪاتا ڏسجن ڪوٽ جا!

–

شال وهامي راتڙي، سچ پلئہ پايان،
جهومي جهڪايان، مٿو ملڪ ملير ڪي!

–

ڏونگر ڪجهہ تہ ڏري، پيو آهي پانڌيو!
اجهو رات ٺري، پير نہ ساهيو پانهنجا!

– –

اڳتي اڄ نہ اڄ، سيڪجهہ تنهنجي وس ۾،
ماڻهوءَ مريادا سدا، پرکي بيٺو سچ:
جي تون چاهين، باهہ کان پٽ تي موٽي بچ،
جي تو پهہ پتنگ جو، پڇڻ ڪارڻ پڇ،
ماڻي سارو مچ، امر ٿي وڃ آگ ۾.

–

اڳتي آءُ نہ آءُ، سيڪجهہ تنهنجي وس ۾،
ازل کان آزاد تون، آهين منهنجا ياءُ!
جو چاهين سو چوندو، پر رکي چت چتاءُ:
'ڪونهي سوريءَ ساءُ، ڳچيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾'.

–

جي تو پهہ پتنگ جو، آڳ نہ آهي آڳ،
وڏا تن جا ڀاڳ، جيڪي مئا ماڳ ۾.

–

پچڻ آهہ بچڻ، جي تو پهہ پتنگ جو،
منجهان مچ نچڻ، امر بڻجي آڳ ۾.

–

آهن انهيءَ آڳ ۾، ڪيئي ڳچين ڳچ،
هي جي منجهان مچ، اُلا ٿي ايرن پيا.

– –

## مون سان باندي بند ۾

اڄ تہ اگهڻ تي آگميو، وسيون مينهن ڪڻيون،
مون ۾ چڳيون اوچتو، ليلا هار مٽيون،
لنءَ لنءَ منجهہ لڙيون، ڏرتي! تنهنجا دوهڙا.

–

اڄ تہ اڱڻ تي اوچتو، اڀري آيو چنڊ،
مان ماندي مان منڊ، آئي صدا ساز مان.

—

بند وجهو ٿا بانديو! مون تي، مان آواز!
ٿئي جڙندو مون جيان، صدين کان پو ساز،
ڄاڻو ڄاڻن راز، تڙڦي ٿو جو تند ۾.

—

مون سان باندي بند ۾، سوين ساروٽيون،
تنهنجا ڳل ڳراٽڙيءَ، پشم جون پُوٽيون،
جن سان مون جُوٽيون، ڪيئي ڪاٽيون ڪوٽ ۾.

—

مون سان باندي بند ۾، تنهنجا سرها وار،
ساري رات سڳنڌ جي، سيرانديءَ ڪي سار،
اڄ بہ هيئين هار، چوٽا چندن واسئان.

—

مون سان باندي بند ۾، تنهنجا نيڻ بہ هاءِ
ڪنهن کي ڪل نہ ڪاءِ مون چو گهوريو ماٺ ۾!

—

پائي ڪٿي رات جي، جنهن ۾ تارن تن،
مون سان ساري سُنَ، باندي آهي بند ۾.

—

مون سان باندي بند ۾، منهنجا ڪيئي گيت،
جرڪي جن جي جيت، هر هر منهنجي هار ۾.

— —

# شال م پسو پونيرؤ

مون ڪي منهنجي چنگ، ڪاريهر جئن ڪاٽيو،
مون جئن اٽيل انگ، شال م پسو پونيرؤ!

—

آءٌ نہ سنيران آڌ، آءٌ نہ سنيران آسرو،
مون جئن ڏونگر ڏاڍ، شال م پسو پونيرؤ!

—

مونجان ڪنيو پير، سچ هٽي ويو ٽامٽي،
مون جئن واريءَ وير، شال م پسو پونيرؤ!

—

بينو گهوري بک کي، جڻ ڪوئي راڪاس،
مون تي جو آڪاس، شال م پسو پونيرؤ!

—

روڳي راتيون ڏينهڙا، پل پل صدين پونءِ،
مون پيرين جا پونءِ، شال م پسو پونيرؤ!

—

شال نہ روئي رت، ڪوبہ سياڻي ڏيھ ۾،
مون جئن ياڳي يت، شال م پسو پونيرؤ!

—

شال سياڻي ٿي رهو، اجوڪا، آزاد!
مون جئن مادرزاد، شال م پسو پونيرؤ!

— —

# اَڳُ نہ اهڙا آڳِڙيا

هي جي آيا هيل، اَڳُ نہ اهڙا آڳِڙيا،
ڪٺ ڪڙمڻ جي ويل، چا چا جرڪيا جيءَ ۾!

–

اڄ جن ڦوڪي آڳِ، اَڳُ نہ اهڙا آڳِڙيا،
ڏمڻ وڏا ياڳِ، ساري ڪٺ ڪڙهي وئي.

–

ڪٺي ڪٺي ڪٺ، رڪ ڪيائون پڌرو،
ڪير لهارن مٺ، اَڳُ نہ اهڙا آڳِڙيا.

–

اڳ نہ اهڙا مون ڏٺا، ڏنوٽيءَ مٿان ڏڳ،
لوهي جهڙا لڳ، اکين اڳ آڳار جي.

–

ايري آيا اڳ جان، منجهان ڪر ڪپاٽ،
ڪيڏي ڄاڻ ڄرات! اَڳُ نہ اهڙا آڳِڙيا،

–

اڳ نہ اهڙو ويس، اَڳُ نہ اهڙا آڳِڙيا،
ڏمڻ سارو ديس، سڀ ڪي چڻنگون چت ۾.

– –

# پاڪستان اخبارون

هو جو اخبارون، ساجهر سانجهيءَ آئيون،
ڪارنهن ۾ ڪارون، لڪي ويون لوڪ جون.

–

ڏوبي ۽ ڏاڙيل، پرتا آهن پاڻ ۾،
پر جي هاجا هيل، ڏوبي ڏوتا ڪينڪي.

–

وڻ ٽڻ لهوءَ لال، لهو چاري چڪ ۾،
ڏرتي ارتي رت سان، ارتو اپ وشال،
ماضي رت چڪندڙو، وڌ انهيءَ ڪان حال،
ڳيرو، ٻڍو، ٻال، ڇا ڇا ڏوتو ڏوٻيو؟

–

ڇا ڇا ڏوتو ڏوٻيو؟ ٻنيون، ونيون، ور؟
ماڻهو، مندر، مسجدون، گرجائون ۽ گهر؟
هو جي مٿان ڏر، ٻاڙها ٻپل ماس جا؟

–

ڇا ڇا ڏوتو ڏوٻيو؟ ڳولي گندا گهاٽ!
مٿان پاٽيءَ پاٽ، رت وهي ٿو لوڪ جو.

–

ڏوئو جي ڏوئي سگهو، ارتو مارن يت!
هي جي مينديا مارئيءَ، سارا رتو رت!'
هَيءِ هَيءِ هن جو ست، هَيءِ هَيءِ هن جون سنگهرون!

–

ڏوئو جو ڏوئي سگهو، گهايل امڙ ڪير!
نديءَ جيڏو نير، اکين گهرجي آب لاءِ.

—

ڏاڱا ڏوئي ڇا ڪبا؟ ڏوئو ماڻھوءَ من،
ڏوئو ھن جي آتما، ڏو ھن جو اَنُ،
ڏوئو ڏرتيءَ ڏن، جنھن مان رت ڇڪي پيو!

— —

ڍڪ نہ ڍڪڻھار، آءٌ اگھاڙو ئي ڇڱو!
مٿان سچ ميار، ھرڪو پاند پناھہ جو.

—

آءٌ نہ مڱان ٻاجھہ، توڙي ڏاري ڏوجھرو،
وٺين وجھي واجھہ، توڻيون ٽنيا ڌاھيان.

—

ٻِيو پاڻيءَ ڍڪ ۾، ٻوڙي جي ڪائين،
پنھنجي اوڇي ٻاٽ ڪي، مور نہ جھڪائين،
تہ تنھنجي سائين! ڏات ڏھوڻي ٿي وڃي.

—

ڏاھا، تنھنجي ڏيھہ ڪي، سڀ ڪان مُنو ماڻ،
توڙي ڪانئون ڪاڻ، واڪو تنھنجي وس ۾.

—

ھي جي ستون ساھہ ۾، جھومي آيون جھٽ،
جئن مرليءَ جي تانَ تي، گوپيون جمنا تٽ،
تن کي مور نہ مٽ، سکن سان سنسار جي!

—

آگ نہ ڪنھن سان مائٽي، آويءَ ڪھڙو مِٽُ؟
گھڙي مٿان چٽ، ڪيئہ ڪيئن اڃاترو؟

—

توجا سوچي سٺ، ڏور انهيءَ لئہ ڏاڪڙا،
ڪچي ڪھڙا چٺ؟ آوي تنهنجو آچپو.

–

آهي پڪي پيڙ، اڳتي تنهنجو آچپو،
پيلي مٿان پيڙ، سهٽيون ٻوڙي سير ۾.

–

جو پيلو سو پيچ، پل پورهيو وئرٽ وڃي!
واهڙ مور نہ وچ، جيسين پڪو پرڪئين!

–

پهرين پڪو پرڪجي، تانگهي ۾ تاري،
مٿان پو ماري، پڇي واهڙ وچ ۾!

– –

# لُممبا جو ديس

ڪراچيءَ جي هڪ اردو شاعر جي نالي

ياءُ مري ٿو پڪ ۾، توکي ناهہ ديا،
لممبا جي ديس تي، پر تو گيت چيا،
ڇو جو ناهہ هَيا، ان ۾ جوکو جيءَ جو!

–

پر ۾ پنهنجي ياءُ تي، ڇو نہ ڪيئہ ڪهڪاءُ؟
ڪوڙي تنهنجي شاعري، هيا، تو نہ حياءُ!
ڪانگو جو سوداءُ، ڪراچيءَ ۾ ٿو ڪرين!

–

هتي پل تہ چني پيو، مرون ماٺهوءَ ماس،
آهي تنهنجي اوجهہ ۾، آفريڪا جو قياس،
آهين ڇا نہ اداس، ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ لئہ!

—

ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ لئہ ٻاجهاري ٻولي،
ڇو جو توکان دور آ، شومبي[1] جي گولي؟
لُنءَ لُنءَ تو لولي، پيڙا ڪنهن پرڏيهہ جي!

—

ٻولَ ٻڌايئہ ٻولڙيا، ساهہ ڪري سانگو،
ويس ڪرين ڪهڙو ٻہ تون، نچين ٿو نانگو،
ڪوڙ پيجي ڪانگو، دک وساري ديس جا.

—

آءٌ لُممبا آهيان، سوريءَ مٿي سَچ!
پجي مون کان بچ، توکي سانگو ساهہ جو!

—

آءٌ لممبا آهيان، ۽ ٻيو منهنجو ياءُ،
آهي جنهن جي پيڙ جو مون ۾ اڄ پڙلاءُ،
گهوري هن جو گهاءُ، مون مان رت ڇڪي پيو.

—

اڄ هي منهنجو گيت جو ڏوڏي ٿو زندان،
ڪانگو جو ارمان، ان لئہ ناهي اوپرو.

— —

## آئني فرئنڪ

هاءِ، يهوديءَ ڏيءَ، هيءَ تنهنجي آتم ڪٿا!
ڪيئي ڏنا ڏيهه ۾، تو جهڙا مون جيءَ،
روز سڪايا سيءَ، ٻاڙها گلاب جا!

_

هيءَ تنهنجي آتم ڪٿا، هيءَ تنهنجي پيڙا،
آڏيءَ مانجهيءَ مونجهه ۾، تنهنجا اوسيئڙا:
اڄ به اهي ڪيڙا، چرن ماڻهوءَ چت ۾.

_

اڄ به در تي اوچتو، آڏيءَ جو ٺڪ ٺڪ،
وجهي سيءُ سرير ۾، وڏائي دڪ دڪ،
ڏوران ئي ڏڪ ڏڪ، اچا ماڻهوءَ هينئڙو!

_

اڄ به هينئان هيسجي، وٺين وجهي واجهه،
ٻاهر ناهي ٻاجهه، اندر روح ريون ٿئي.

_

اڄ به لڪي لوڪ کان، لڪي ٿو ڪوئي،
راتين جي روئي، ڏري ڪنهن جي ڏاڍ کان.

_

اڄ به ساٿي سچ کان پڇي ٿيا بيزار،
هر ڪو ڪنبي ڪوڙ کان، ڄاڻي ان جو ڄار،
اڏيءَ تي انڪار، سڀ جو آهي سچ کان.

_

اڄ به آهي يونءِ تي، ماڻهوءَ ايڏو ڀؤ،
هر ڪو چڙي ٿو چوي، ”مون کي سچ نه چؤ!
”متان تنهنجو تؤ، ڄر ۾ ڄرڪائي ڇڏي!“

_

اڄ به جهروڪا جيءَ جا، هرڪو ٿو ڀوڙي،
متان ڪنهن جهوٽي، جند پرائي جيوڙا!

_

اڄ به ٿو ڪو پاءُ تي، بيهي وچ بڪي،
۽ پوءِ لڪي لوڪ کان، پنهنجو پاڻ تڪي،
وينو ڦٽ لَڪي، ڪُتي وانگر ڪنڊ ۾.

_

اڄ به گيسٽاپو، گهر گهر وجهي ڪنبڻي،
پنهنجيءَ ڇتيءَ ڇال سان، روز هڻي ڇاپو،
سڀ کي سياپو، اکين لڙڪ نه اُجهي!

_

پاڇائون چوڌار، متان يونءِ پوائتو،
اڄ به ماڻهوءَ جي متان، اُپي آهه ترار،
ڪاسائيءَ جي ڪار، اڄ به ساڳي آنڌ ڪي!

_

چنتا جي چڪيا متان، اَرهيون، اَوايون،
پيڙا پرڇايون، اڄ به آڏر جندڙيون.

_

هو جو جرمن ماءُ مان، نڪتو ناهر ڦر،
ايري ٿو تاريخ مان، هر هر سو هٽلر،
اڃا ڏاڍ ڏمر، ڏڍ ڪسي ٿو ڏيهه جو.

_

آئني![2] منهنجي پينڙي، ڏورانهين آبلا!
اڄ جو منهنجي گهاوَ مان، رت ڪيا ريلا،
انهن ۾ تنهنجا، سهسين سڏڪا ٿو سڻان.

– –

## ويٽ نام، آزاديءَ جي راهه تي

بمن مٿان بم، ڪريا انڌوڪار ۾،
اڏاٽا آڪاس ۾، هڏن سوڏا چم،
اَلا، ڏس آدم، آزاديءَ لئه ڇا سَنو!

—

زناٽي ۾ زوم سان، گولين تي گوليون،
ڏمري آيون ڏاڍ جون، ٿولين تي ٿوليون،
هي بہ ڏسو هوليون، جن پچڪاريون رت جون!

—

ڍيرن مٿان ڍير، وڍيل ٻارن انگڙا،
ڪنول وانگر هٽڙا، پوڇا جهڙا پير،
اَلا! هي انڌير، جيجل تنهنجي جيءَ سان!

—

ٿڻ ٽٽيتين جا ٿيا، ڏسو ڳجهن ڳاهہ،
مرون پٽن ماهہ، لهوءَ چڪي مامتا!

—

لهوءَ لويل مامتا، وڍيل ونيون، ڏس!
ڏس هي ڪيل سس، ڳولي ٿو ڪنهن ٻار کي!

—

ڏس هي ڳيروءَ ڳاٽ، ڳولي ٿو ڪنهن مڱ کي،
ڪِنجهي ڪُرڪي ڪنهن ڪنيو، منجهان ڪرڪپاٽ!
لڪئي ساڻ للاٽ، جليو انڌيءَ آڳ ۾.

—

بمن جي برسات ۾، پڳا، لڪا لوڪ،
رڙو رڙ پئجي وئي، ڪنهن بہ نہ ٻڌا ٻوڪ،
ڪر ۾ پڪل ڪوڪ، ماريل ماڻهوءَ ٻچڙا،

–

منهن تي لهوءَ مک، ڏڙ تي ڦٽ اُلاوَ جا،
لاش وڏو آ لاش کي، مري ٻري ٻک،
يونءِ ڏنو ڇا بک، آزاديءَ جي راھ ۾!

–

پر پو اُڀري آگ مان، آزادي ڀڙڪي،
ويريءَ مٿان وڄ جي، ڦهر جيان ڪڙڪي،
ڌرتيءَ ۾ ڌڙڪي، اَجي ٿيڻ جي آرزو.

–

اَجي ٿيڻ جي آرزو، بندوقون ۽ بم!
ويريءَ جا آڪاس ۾، هڏن سوڏا چم،
اي آزاديءَ ڪم، ڏونگر ڏاري ٿي وجهي!

–

آزاديءَ جي آرزو، ڳيروءَ ٻڌي، ٻار،
لهو هر ڪنهن لڱ تي، لڳي ماڪيءَ لار،
آزاديءَ اسرار، پرجهي پرجهان ڪيترا!

–

ڳهُڳهُو وڳو گهگهہ ۾، ڏني جهپ جهاز،
ڦاٿا وڏي ڦاٿ سان، بمن مان آواز،
هي آزاديءَ راز، اڪ نہ ڇنيين آدمي!

–

هنوئيءَ هر جاءِ، آزاديءَ جو مورچو،
لڪين نينگر نينگريون، مرن جيئڻ لاءِ،
ڪانئر، پير نہ پاءِ، جي تو پياري جندڙي!

_

هيءَ انهن جي جاءِ، مرن جيڪي ماڳ ۾،
نہ ڪا ووءِ نہ واءِ، آزاديءَ جي راهہ ۾.

_

مٿن پاٻوڙا ٻڏي، جهاڳين پيا جهنگ،
اڳ نہ واسينگن ڏٺا، ڪڏهن هيئن نسنگ،
وٽن وجهي ونگ، ٿارين تي ڪسڪي ويا.

_

ڪلهن ٻمن ڳوٺريون، رکو ٿاٻوڙا،
ٻُڌن تن جون ڳالهڙيون، رڳو ٿا ٻوڙا،
ٿي ويا واچوڙا، ويريءَ مٿان واٽ ۾.

_

جوڳي نئين جڳ جا، آهن گوريلا،
جن جي پاڇي ڪان پري، نانگ پڇن نيلا،
ڪڙهيل ڪسيلا، جاننا جوڌا جنگ ۾.

_

ڪوڙي ناهہ ڪٿا، ڪٿڪ! نئين جڳ جي:
ڇٽيون ڪولي، اپ مان، ويري هيٺ لٿا،
ڇاپا مار ڇٽا، وريا تن ڪي واٽ ۾.

_

ناليءَ مان بندوق جي، ڏور ڏسي آڪاس،
گوليون گوريلي پري، ڪنيو اونهو ساس،
آيو ڪٿان واس؟ ڪٽي گل ٽڙن پيا!

ـ

ڪٿي گل ٽڙن پيا، ناهي دور بسنت!
اجهو آيو انت، سياري جي سيءَ جو.

ـ

ونيون ويروتار، وڇون وري جهنگ تي،
ڇُپڻ لڳو چوهه ڪان، ڇاهو هينان ڇار،
ڏٺو ڇاپامار، پسونءَ ڪي پاٻوهه سان.

ـ

چؤماسي جي چيهه ۾، گهاتڪ آهي گهات،
ٻين پنيان ٻونڊڙا، راوت ساري رات،
وهاڻيءَ پرڀات، ويري ايندا واٽ تي.

ـ

گهن گهن گهنن گهن، گجي پيو گهگهه ۾،
ٻين پنيان ٻونڊڙا، ڪڏهن نڊ نہ ڪن،
چيتي چال وڃن، ويريءَ پنيان واٽ تي.

ـ

جهونجهڪڙي جي جهيل ۾، ٻڏن ٿا تارا،
جهونجهارن جا جهنگ ۾، وهاڻيءَ وارا،
هو جي هڇارا، اجهو آيا واٽ ٿي.

ـ

پتا سائي گاهه جا، چٻي مارن ٻڪ،
مور نہ سارن سوڪ، جيسين ويري واٽ ۾.

ـ

ويريءَ مٿ جهڪي، هو جو آيو اڄ ۾،
اڄا پيتائين رڳو پلر اڌ ڇڪي،
پڳو سات ٻڪي، جنبي ويو جنگ ۾.

_

هيءَ گوريلا فوج آ، آزاديءَ جي آڳ،
ڏاري ڏونگر ڏاڍ، وڏي پئي وير جان.

_

ٻانت ٻانت هٿيار، ڪنن ڪاٽينا گهڻا،
پوءِ بہ گجيا شينهن جئن، ويڙهو ڏونگر ڏار،
ويريءَ مٿان وار، پوڻا پيا ڪينڪي.

_

هٿيارن سان هير، آزادي ڏيجي نہ ٿي،
گدڙ نڪتا ويڙهہ ۾، شڪاگو جا شير،
هائي ڊونڊين ڊير، معنيٰ ٻوليو موت ۾!

_

معنيٰ کهڙي موت ۾، انيائيءَ جي اوٽ!
ڪٿان ڇاتي شينهن جي، آڻن ڇپيل نوٽ؟
ها، هو ٻاڙها گهوٽ، مرن ٿا ڪنهن ماڳ ۾.

_

جيسين معنيٰ موت کي، ناهي اياڻا،
هٿيارن تي هٿ ٿا، لڳن ويڳاڻا،
پاپي پراڻا! مرڻ معنيٰ تو گهري!

_

ڏکڻ اوڀر ايشيا، تو تي لک سلام!
تنهنجي سچ اپار کي، سهمي ڏٺو سام،
آئي منجهہ عوام، آزاديءَ جي آرزو.

_ _

# پوڙهو باغي

هي جي پوڙهو جهور، وڙهندي ٿيو ويڙهه ۾،
اجا ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نہ مڃي مور،
سوچي، ڏسي ڏور، ايندڙ آرڻ ڏينهڙا.

–

اجا آهن مڙس جا، ڏونگر تي ڏيرا،
سدا هن جا سوچ ۾، پيشانيءَ پيرا،
سانجهيءَ جي ويرا، سج لهي ٿو لڪ ۾.

–

لڪن مٿان سج جون، پويون پرڇايون،
سُري آيس سار ۾، ٻانهين سان ٻايون،
جن سان سجايون، ڪيئي جوين راتڙيون.

–

لڪن مٿان سج ۾، ڪنهن جي، ڪنهن جي سار!
ڪيئي ساٿي سچ جا، ڪُلهي ڪوڏيا يار،
وڙهندي جن جا وِيڙهه ۾ اڃا ٿيا وار،
اڙي موت، ميار! جيڏا روز جدا ڪرين!

–

سوچي ٿو بارود سان روز ٻري جهولي،
’شال ڪڏهن بندوق مان گسي نہ گولي،
’انيائي ٽولي، مرٽي آهي مون هٿان.‘

–

جئن هو جهونو ڪيرٿر، هي ٻہ ائين اسٽر،
پڪي پيڙهہ پهاڙ ڪي، ڌرتيءَ ۾ آڌر،
آهي جڙ تہ امر، بينو جهولي جهڪ ۾!

**پيءُ جو بدلو**

ابا! تنهنجو رت، اڀري آيو وات ۾،
ها، مون هاريو پٽ، جان تو ويري جيئرو.

–

هيءَ ڪهاڙيءَ ڌار، ڄڻ ڪا ڪَني سج جي!
ابا! تنهنجي رت جا، مون تي ڀاري بار،
تيسين ننڊ ميار، جان تو ويري جيئرو.

–

مون تي ننڊ ميار آ، ابا! مون سوڳند،
جيسين مان ڪيرائيان، تنهنجي وڪريءَ ڪنڌ،
مون نہ پٽاريو هنڌ، هن سان ساڳيءَ پونءِ تي.

–

ابا! تنهنجي نانوَ سان، منهنجو اوچو ڳاٽ،
سورهيہ! تنهنجي سچ جو، چوڌاري چمڪاٽ،
لڪئي ساڻ لِلاٽُ، چمڪيو چوڏهينءَ چنڊ جان.

–

موت نہ هر ڪو ناڻءُ ٿو واريءَ تي واري،
مڙس اهو جو مهل تي، مري يا ماري،
ڏري يا ڏاري، اُڀري ڏونگر ڏاڍ جا.

–

مان ڪئن لوءِ لڄائيان، تو نہ لڄائي لوءِ،
ابا! توکان پوءِ، آهہ ڪهاڙي ڪڇ ۾.

–

آءٌ، ڪهاڙي ڪڇ ۾، ۽ مون هي آٽت:
’رت کي ڌوئي رت، رت نہ ڌوپي نير سان.‘

[1] شومبي _ ڪانگو جو رجعت پرست ليڊر، جنهن سامراجي ٽيڪر تي لممبا کي مارايو.
[2] ائني فرئنڪ: يارهن ورهن جي يهودي ڇوڪري، جا نازي جرمنيءَ ۾ ماري ويئي، ۽ جنهن جي ڊائري دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي.

# ڪراچيءَ جا ڪن

پڻ جهڻ ڪن ٿا رات جو، روز ڪراچيءَ ڪن،
ڪنڊيءَ ڪيڏي سن، ڪيڏو شور سمونڊ ۾!

چمنيءَ مٿان چنڊ، موهي ماڻهوءَ هينئڙو،
سمي پيو سونهن سان، مل ڪان ٻاهر منڊ،
اندر جيئڻ جنڊ، پينهين پورهيت هڏڙا.

مزدورن مل ٻاهران، ڪئي جو هڙتال،
لنيون وٺيون مينهن جان، ڪريا ڌرتيءَ لال،
ڪيا ڪجهه سوال، مون کي گهوري گوڙڪيءَ.[1]

مون کي گهوري گوڙڪيءَ، ڪئي ڪجهه هئن بات،
”بڪ ڏئي ويا ٻاک کي، ڪيئي ڏاها ڏات،
”ڪي ڪي چمڪيا سج جان، ڪٽي ڪاري رات،
”پر جن ڪاڏي مات، جرڪيا جڳ جي جيت ۾“.

”جرڪين جڳ جي جيت ۾، اهڙي ڪائي بات!
”ڏک ورهائي ڏيهه سان، تنهنجي ڏکي ڏات،
”بي سي جيت بہ مات، چارڻ تنهنجي چنگ جي“.

آءٌ اوهان سان آهيان، دکي انسانو!
جيسين ڏهي ڍير ٿي، ظالم زمانو،
ڪونڌر ڪسانو، پيڙهيون پيڙيل پورهيتو!

آءٌ اوهان سان آهيان، راڳي رتوچاڻ،
آهي اوهان ڪاڻ، مون ڪي ڪلهي ڪينرو،

آءٌ اوهان سان آهيان، جيسين ٿئي جيت،
هان، هي منهجا گيت، منهنجو پگهر پورهيو!

–

اڪيون ڳاڙهيون ڇؤرجان، سوچي ٿو ڪجهہ سيٺ،
ڇا ٿو ڏسي هيٺ، وسڪيءَ وچ گلاس ۾؟

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، سٽو، ساٽو، ريس،
هُري ٿو هاتار ۾، بيرو باندر ويس،
بينو ڇئي ڪيس، ’سوڍا گهرجي سيٺ جي؟‘

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، ڪاري ناٽي ڍير،
ڪوڙا ڪيس، عدالتون، واپارين سان وير،
وڍيءَ آڇَ، انڌير، ڍڍيءَ نوٽن ڳوٿريون.

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، ڪائي، سندر تار،
آئي هن جي ڪار ۾، بيهي وچ بزار،
’ڇئبا سوَ بہ چار، پنجين سودو ٺاهبو.“.

وسڪيءَ وچ گلاس ۾، ڪتي ڪانياواڙ!
اتر اڪين نير سان، لهو لهو لاڙ،
ماڙي اپ نراڙ، پنهنجي هڏن ڍير تي!

_

ڪُتي ڪِلائيو ڪي، هيءَ نہ هئي ڪر،
چڙي ويندو ايترا پيڙهي لئہ پونير،
لوسي، ڪارڙ، ڪر، جي پاڳين تي پؤنڪندا.

اٿ اي ڪتا نيپئر، پنهنجا پونير ڏس!
گورا توتي جس، ڪارا ڄٽيئہ ڪيترا!

جي هو ڪاٽينا ڪيي، جي هن ۾ گرڪڻ،
ڪُتي چئجي هيترو، اهڙو ڪو چڙٻڻ!
”آفيسر هئين ڄڻ، ڪُتا اڳينءَ جونڙ ۾!“

بابو بندر روڊ تي، سانجهيءَ وير هشام،
اينگهي ٿي انگريز جي، اجا تائين ٽرام!
جهرمر جهرمر شام، ماٺهوءَ پاڇا موت جا.

جهرمر جهرمر شام، ماٺهوءَ پاڇا موت جا،
اِندُرَ پري ايلفي، لنبي ٽانگر لام،
ڏسن روز هشام، شيشا هر شو ڪيس جا.

اونهي اوندهه لحد جي، اندر ماڻهوءَ هانوَ،
ٻاهر ناتا، ناوَ، جڙ نہ ڪائي جيءَ جي.
جهرمر جهرمر شهر ۾، ڪيڏو انڌوڪار!
ڇڻ ڪو زنده لاش آ، ڳيرو، ٻيو، ٻار،
ٻاهر نٽ هزار، پڳل نڪر هينئڙا!

جهرمر جهرمر شهر ۾، پرجهي پيٽ نهار،
اوندهه آهه آپار، جيڏا هرڪنهن جيءَ ۾!

ماڻهو پاڇا موت جا، جهرمر ريسٽوران،
اڳ نہ مون اهڙا ڏٺا، اجايا انسان،
نسورا نادان، پيٽ لنوائن پيٽ ۾.

پتڪن ٿا سڀ پيٽ ۾، اڪيلا انسان،
جڙون ڪپي جيءَ جون، نسورا نادان،
تڪو اچ طوفان، ڪڪ اڏامن واءُ ۾!

جڙون پنهنجي جيءَ جون، ڪپي آيا پاڻ،
ٻاهر جهرمر بنگلا، اندر پينگا ياڻ،
مدائيءَ جا ماڻ، نوڪر چاڪر موٽرون.

وهاڻيءَ پرپات ۾، جهرمر جهرمر شهر،
اجا ڪيڏو زهر، اوتي پيو اوت ۾!

ووءِ ڪراچي ڪامڻي، تنهنجو سهج سياءُ!
ڏيندي بيک ڪجي وئينءَ، پيئہ ڪونہ سماءُ،
مونکي تنهجو گهاءُ، جٽائوءَ[2] جئن جيءَ ۾!

ڊيزل دونهون بس جو، چنڊ، ڪراچيءَ رات،
رڪشا روڪي ويشيا، سوچي گاهڪ گهات،
ڪئفي. . . شاعر. . . بات. . . ڪافيءَ ڪوپ، مشاعرو.

ڪالهه عمر خيام چيو، تڪيندي تارن،
”ماڻهو سڀ ڪيڏاوڻا، نوڙي نٽ هٽن“[3]
هونءَ تہ ان تي پروسو، شايد ئي ڪي ڪن،
جيسين هيل ڏسن، شاعر منهنجي ملڪ جا!

هو غالب جو هم وطن، وني ڏيڍ هزار،
وينو وچ مشاعري، جهونو نمڪ خوار،
ڏس ڪيڏي بيداد ۾، داد گهري ٿو يار!
آءٌ، پٽائيءَ يار، ڪاريون راتيون قيد جون!
آءٌ پٽائيءَ يار، ڪاريون راتيون قيد جون،
جن ۾ سپنا سنڌ جا، وايون ميگهہ ملار،
ڪيان ڪوهہ شمار، مون ڪي ملهہ ملي چڪو!

سپنو ساپيا تي وجي، اهڙو ڪوئي مُل!
پنيان ججہ مَ جُل، ڏات! ڪڏهن تون ڏيهہ ۾.

-

چڙيا گهر جي چؤنڪ تي، پجري ۾ چيتو،
ڪڏهن جاچي ٿو، پيڙا هن جي پنڌ ۾؟

پيجي پنهنجي پت، واڳو منگهي پير جا،
جڻ ڪا آيا هت، وڏا وات پٽي ڪري.

ڏس ميلي ۾ ڦوڪڻا، اڏري ڦاٽا نيٺ:
سمجهين ٿو اي سيٺ، ڳهلا منهنجي ڳالهہ ڪي؟

سوشلزم اسلام ۾، زم زم زم ۾ وُڏڪا،
ملان ڇڏ اُڏڪا، دارون آهي دين جو.

ڪافي گهر ۾ ڪيترا، لينن وادي لوڪ،
روز ڪراچيءَ ڪنڊ ۾، اردوءَ ۾ ڪن ٻوڪ،
ها، هو سڀُر ٿوڪ، ڳاڙها ڳيرو، سنڌ جا

روز پڙهن فينن،[4] گيويرا[5] ۽ ٽراٽسڪي،[6]
ڳاڙهو پستڪ پي ويا، مائو تن جي من،
پو بہ نہ تن جي ڪن، آهون دانهون سنڌ جون.

هو سڀ لينن واد جي، ڪفن ۾ ڪيڙا،
هو ڇا ڄاڻن، سنڌ جا آڏيءَ اوسيڙا؟
پيڙهين جي پيڙا، ڪوٺ ڪڙا ۽ مارويون!

_

ڳاڙها ڳيرو سنڌ جا! تون ئي منهنجو خواب،
تون ئي آنهہ جواب، صدين جي سوال جو.

آءُ پٺائي پٺ تي، ڳاڙهو جهنڊو کوڙ!
جي چاهين ريٽو ٿيان، پنهنجو رت ولوڙ!
جايون اُتي جوڙ، جتي جڙون جيءَ جون!

_

ٽڪر ٻرسان ٽڪري، جوئا جي آهي
ڪيڏو وينا موڙکو! ڄاڻ اوهان ناهي،
لاوا ٿي ناهي، جوالا پنهنجي جيءَ ۾.

–

آهه جوالا جوءِ ۾، هي جوئا خانو،
ڪٿو، ڪيڏو، خوش ٿيو، انڌا انسانو،
جيسين نادانو، لاوا ڦاٽي ڦاٽ سان!

اُڀري ايندا اوچتو، هو ڏرتيءَ جا لال،
آءٌ ڏسان ٿو پونءِ تي، ايندا جي پونچال،
ماڻهو مڏيون، مال، ڊاهي هٽندا ڍير ۾.

آءٌ ڏسان ٿو پونءِ تي، اڄ بہ سو انسان،
اُڀري ايندو ٻاک سان، جيڪو سڄ سمان،
ناهي ترُ بہ گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾

# وايون

1

تتر تيرز اڏار
جوڀن ڀ ٿي ڏينهڙا.
اڄ، رڱي وٿ هٿڙا، نائي مينديءَ ڏار،
جوڀن ڀ ٿي ڏينهڙا.
متان ڦول ڇڻي وڃن، ڏئي منڊ ميار،
جوڀن ڀ ٿي ڏينهڙا.
منڊ! نياڻن ڪين ٿا، ڪنهن سان ڪارا وار،
جوڀن ڀ ٿي ڏينهڙا.

2

تو لئہ تاساريو گهڻو، موهن منهنجو ماس،
ووءِ، مَر وڃ مون کي ڇڏي!
مينديءَ رتم هٿڙا، وارن ٻڌيم واس،
ووءِ، مَر وڃ مون کي ڇڏي!
اڱڻ سرها ڏيئڙا مڏماتو آڪاس!
ووءِ، مَر وڃ مون کي ڇڏي!
ٻِل ٻِلن سان لائيان، سواس ملائي سواس،
ووءِ، مَر وڃ مون کي ڇڏي!
تو چو پاتا گيڙوئان، لاهي لوڪ لباس!
ووءِ، مَر وڃ مون کي ڇڏي!
ووءِ، مَر وڃ مون کي ڇڏي!

3

**ڪارو ڪيڙينديءَ، هو ساموندڊي جيءَ،**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**
**سڙھ نہ آيا سر مان، سرتيون سج چڙھي!**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**
**ننگر ناڙيون سپ ويا، وڻجارا واسيءَ،**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**
**جن جي هوند هراس آ، ڇتين ڇولين ڪيءَ،**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**
**جن جون ڳالهيون ڳائبيون، پينر! بندر تيءَ،**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**
**ماڻڪ اوتيو ماڻڪيون، تن کي سارينديءَ!**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**
**ماڳ نہ موٽي آئيا!**

4

مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟
ارهڙ پنڌ اڳي ڪان اڙِڪو، آءٌ وڃان جيڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟
ڪيڏي لنبي واٽ وڃي ٿي، منهنجي سپني ڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟
آءٌ، وڇڻ جي ويل، نگاهون لهندي پاڇي ڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟
منهنجي وک اڳيئي وتري، تون ٻہ ڇڪين تيڏانهن!
مان ڪيڏانهن؟ مان ڪيڏانهن؟

5

جت ٻہ ڪُتي وڪڙي، سو ڏونگر جو ڏاڪو،
متان هينئون هارئين!
جيسين روهہ ريون ٿئي، ٿي ڏر ۾ ڌماڪو،
متان هينئون هارئين!
چمڪي ٿو هو چوٽئين، ٿي لُنءَ لُنءَ لياڪو،
متان هينئون هارئين!
شال نہ ڌسان ڏينهڙو، جو وس ڇڏي واڪو!
متان هينئون هارئين!

6

اونداهيءَ آڌ رات،
ڏونگري مٿان ڏيئڙا.
چڙهندي رهہ تون چوٽئين،
ڏڪ نہ منهنجي ڏات!
ور سان جنهن ڪي پنڌ ۾،
پوي ٿي پرڀات!
پر جي مارڳ ۾ مرين،
پو بہ نہ تنهنجي مات!
جيسين آهہ جندڙي،
لُنءَ لُنءَ ٻُري لات!

7

مينديءَ رتڙا پرڪٽا،
پيرونءَ ڪامون پير،
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.
ڪيسين پٻگ ڪڙيان پرين!
واهيري جي وير؟
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.
آس نہ ڪوئي آسرو،
سامهون واريءَ ڍير!
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.
تون ئي مارڳ منڌ جو،
ڪوهيارل مان ڪير!
لَٿو سڄُ لَڪن ۾.

8

**ساٿي منهنجا سج جا،**
**پٺ تي ڪيم نهار!**
**اڳتي وڌ، وسار**
**منهنجو لوڙهه لڪن ۾!**
**ور جو مارڳ ۾ مري، هيئن نہ هنجون هار!**
**اڳتي وڌ، وسار**
**منهنجو لوڙهه لڪن ۾!**
**تون ئي منهنجو آجپو، اڀري ڏونگر ڏار!**
**اڳتي وڌ، وسار**
**منهنجو لوڙهه لڪن ۾!**
**آءٌ بہ تون ۾ اپڙان، تو ۾ پهچان پار،**
**اڳتي وڌ، وسار**
**منهنجو لوڙهه لڪن ۾!**

9

**ڏونگر ڏولاوا گهڻا، پو بہ اهائي وات،**
**متان موٽو ساٿيو!**
**ور ور پيرا پنڌ ۾، لڙيا، منجهہ لڙات،**
**متان موٽو ساٿيو!**
**ڪهہ ۾ ڪاريون چوٽيون، گهگهہ، هوا گهوگهات،**
**متان موٽو ساٿيو!**
**اڀري ايندو اوچتو، جرڪي پوندي جات،**
**آهي اهائي وات،**
**متان موٽو ساٿيو!**

10

هٿين پيرين، مونڙين، ڪاهيم تنهنجي ڪڍ،
سپنا منهنجي ساهه جا!
ڏينهون پوءِ پري وئين، ڏوران ڏيئي ڏڍ،
سپنا منهنجي ساهه جا!
ورچي موٺان ماڳ ڪان، ايءَ نہ منهنجي اڍ،
سپنا منهنجي ساهه جا!
چوڏاري ٿو تون چڪين، ڪهڙا منهنجا وڍ!
سپنا منهنجي ساهه جا!
سپنا منهنجي ساهه جا!

11

ڏان نہ منهنجي ذات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!
مون جو قيد قبوليا، اٺي آڌيءَ رات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!
اڄ بہ سوگهو سنگهرين، وهاٽيءَ پرڀات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!
سِرَ ڪي توريم ساهميءَ، وائي ورتم وات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!
اوجل نڪتي آگ مان، لهس نہ آئي لات،
مُلهہ چُڪايو مون ميان!

12

**پل پل پيڙ ڏين،**
**ڪڙا منهنجي ڪنڌ جا!**
**ڏوران سڀ ڏڪي ويا،**
**ڪانڌي ڪونہ ٿين.**
**گهوريو منهنجو جندڙو،**
**سانگي شال جين!**
**پَسي پُسيءَ گلڙا،**
**پيرون پاندنين!**
**شال ترائي تار ٿي،**
**جنهن مان پيءَ پين!**

13

**چني سگهيا ڪينڪي نير هي ناتو،**
**آيم، آيم سپرين!**
**رات، چٽاٽو چنڊ جو، چوڏر چپاتو،**
**آيم، آيم سپرين!**
**چوٿو چندن واسئو، لُنءَ لُنءَ سجاتو،**
**آيم، آيم سپرين!**
**ڳوڙها پي مون ڳجهہ ۾، تنهن کي ڳر لاتو،**
**آيم، آيم سپرين!**

## 14

هي جو ڳوٺ ڳڳاٽيا، ولهه ڪري ٿي وس،
مڇُ وساڻو سچَ جو.
پاري سان پرچي ويا، سوڙها گوندر گس،
مڇُ وساڻو سچَ جو.
ڪاري رات، ڪلال جي ڪوٺي ڪانهي چس،
مڇُ وساڻو سچَ جو.
ڪالهه پريل ها باهه سان تارونءَ ڪارڻ تس،
مڇُ وساڻو سچَ جو.
چارڻ ٻارڻ ٻار ڪو، ڏي ڪا لونءَ لهس،
مڇُ وساڻو سچَ جو.
مڇُ وساڻو سچَ جو.

15

گهنگهور گهٽائون ڇايون، ٿي وٺ منجهان واجهايان.
ڇو سچ ڇُپي ويو آهين؟
آ ٿڌ، ٿڌيتي پنهنجي، مان لوئيءَ منجهه لڪايان،
ڇو سچ ڇُپي ويو آهين؟
جا واءُ وسائي ور ور، سا ڪيسين جوت جلايان!
ڇو سچ ڇُپي ويو آهين؟
هي ولهه وساٽل ويڙها، مان ڪنهن جو در ڪڙڪايان!
ڇو سچ ڇُپي ويو آهين؟
اڄ آءُ گهٽائون ڇيري، مان ڪيسين ڳاهون ڳايان!
ڇو سچ ڇُپي ويو آهين؟

---

[1] گورڪي _ روس جو انقلابي ڪهاڻي نويس.

[2] جٽائو: اهو ساهوارو، جو سيتا کي بچائڻ لاءِ راوڻ سان وڙهندي گهائجي پيو هو.

[3] مالعبت گاليم و فلک لعبت باز (خيام)

[4] فينن: مشهور انقلابي مفڪر، ’فرانسز فينن‘، جنهن کي الجيريا جي آزاديءَ جي جنگ نهايت متاثر ڪيو، ۽ هو جنگ هلندي 1961ع ۾ مري ويو. هن لاءِ سارتري چيو آهي تہ “آمريڪا، ايشيا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ٽين دنيا، فينن جي آواز جي ذريعي پنهنجو اظهار پائي ٿي.“

[5] گيويرا: ڪيوبا جو انقلابي رهنما، جو عالمي انقلاب لاءِ وڙهندي ’بوليويا‘ ۾ ماريو ويو. هن جو ڪتاب (Bolivian Diary) ۽ تقريرون ۽ بيان، ڪراچيءَ جا نام نهاد مهاجر ترقي پسند اڄڪلهه دلچسپيءَ سان پڙهڻ ٿا.

[6] ٽراٽسڪي: لينن جو انقلابي دوست، مفڪر، مقرر ۽ تاريخ نويس، جنهن کي دائمي انقلاب جي نظرئي سبب اسٽالن جلاوطن ڪيوويو، ۽ جو پوءِ ميڪسيڪو ۾ قتل ڪيو ويو.

16

گوندر! منهجي گيت مان اهڙي آگ اپار،
ڄرڪي ڏيهه ڄراٽ سان.
ڪارا نير ڪنڌ جا چوري چنگ، پگهار!
ڄرڪي ڏيهه ڄراٽ سان.
ڏس هي مارو ماٺ ۾، وينا ڍنگهرن ڍار!
ڄرڪي ڏيهه ڄراٽ سان.
جوت، اجهاٽل جيئڙا ڪنهن ٻارڻ سان ٻار!
ڄرڪي ڏيهه ڄراٽ سان.
ڪوٽ نسوري ڪوڙ جا ڪيري، رک ٻهار!
ڄرڪي ڏيهه ڄراٽ سان.
ڄرڪي ڏيهه ڄراٽ سان.

17

ڪوهه، ڪجاڙو راڳيا! ڪنڌ ٻنان ڪينر؟
متان موٽين مڱڻا!
هر ڪو جهڄي جهانءِ ۾، ڪو ڪو سورٺ ور،
متان موٽين مڱڻا!
توڙي ڏاهپ ڏرت آ، ڏيهه نسورو ڏر،
متان موٽين مڱڻا!
تنهنجي تان تنبيريا! مان پٽي ڪو در!
متان موٽين مڱڻا!

18

جئن جئن سنڌ اوڏڙو، تئن تئن اپرو واءُ،
ڏتڙ ڪاٽيم ڏينھڙا.
ور ور وانجھي وائڙا ور ور ڪُن پڙلاءُ
ڏتڙ ڪاٽيم ڏينھڙا.
چلندو رھندس چولئين جيسين مران ماءُ!
ڏتڙ ڪاٽيم ڏينھڙا.
ڪاري ڪارونيار ۾، سپنا سچ وڙاءُ،
ڏتڙ ڪاٽيم ڏينھڙا.

19

راتو رات رتول ۾، تنھنجي سين وڳي،
وو وو، چارڻ وو ميان!
ڪاوا ڪِرِ ۾ ٽا ٻرن، ڪا جا آگ لڳي،
وو وو، چارڻ وو ميان!
چارڻ تنھنجي چنگ تي، آئي پيڙ پڳي،
وو وو، چارڻ وو ميان!
مٿو ھٿ ڏياچ جي، سورٺ ھٿ سڳي،
وو وو، چارڻ وو ميان!
تنھنجي تند تنبيريا! ڪنھن جي تار تڳي؟
وو وو، چارڻ وو ميان!

20

ڪهڙي ماڻ ميان!
گهوريو منهنجو جندڙو!
رت پيو ريلا ڪري،
سانوڻ مينهن جيان!
دانهون دانهون، ديس جي،
ڪنهن کي دانهن ڏيان!
روڳي راڳي ڏيهه جا،
ڪنهن کي ساڻ نيان؟
سوريءَ مٿان سچ سان،
مان ئي ساڻ ٿيان!

21

هي جو هيل لهو،
پرٽ نہ ڌوئي پاڻيئين!
گوندر وير گراهه مان آئي رت جي بو،
هي جو هيل لهو!
مرون پيا ماڻ ۾، هئہ هئہ هي ماڻهو!
هي جو هيل لهو!
ڏاڍا واڍا ڏيهه جا، ڏيهه ڪڙن قابو،
هي جو هيل لهو!

22

ور ور هو واڍوڙ،
سڏڙا ڪن ٿا وو ميان!
ماٺهوءَ ماٺهوءَ تي ميان،
ڳٽ ٻہ ڳاٽي ٽوڙ!
جيڏي جبل جاڙ آ،
تيڏي ڪر جاکوڙ!
آءٌ نہ ان ۾ جاليان،
ٻئي جا جوڙي جوڙ.

23

آڌيءَ رات انبوهه ۾ جي مون ٻول ٻُڌن،
آءٌ امرتا پائيان.
ڪيئي گلا گوندرين، گڏجي گيت چون،
آءٌ امرتا پائيان.
پاڻ ٻڌان مان پاڻ ڪي لهسي منجهه لکن،
آءٌ امرتا پائيان.
راڳ نسورو روڳ، جي هيڪل هور ٿين،
آءٌ امرتا پائيان.
آڌر منهنجو آڇيو، ميڙو ماروئڙن،
آءٌ امرتا پائيان.

24

اڄ هو ’آءٌ‘ ’اسان‘،
مٽجي ويئي من مان.
هلندو هوس اڪيلڙو،
گوندر وير گسان!
سڳر پنهنجي ساٿ سان،
گڏجي شال رسان!
وايون ڳائي واٽ تي،
سانوڻ ساءِ وسان!
مرندي مارو ويندڙا،
مارڳ منجهه پسان!

25

ڀال ڀلايئہ ڀائڙا، مرڪي تنهنجي ماءُ!
موٽُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!
ڪارو گل گلاب جو، توتي گوليءَ گهاءُ،
موٽُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!
تارن رتيءَ رات ۾، تنهنجو رت تلاءُ!
موٽُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!
انيائيءَ جي انت سان، ٿيندو هيج هڳاءُ،
موٽُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!
صدين لاءِ سڳنڌ مان، ايندو تنهنجو ساءُ،
موٽُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!
ديس ملهايئہ موت سان، منهنجا باغي ڀاءُ!
موٽُ نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

26

آزادي، انسان،
ڳالهه مڙيوئي هڪڙي.
جي تو غرض غلام جان،
هئه هئه تون حيوان!
وهه وا ڍوڍو ٿوم سان،
جي تو منهن تي مانُ!
آزاديءَ بن آدمي، ڪنڪر ڪٺ سمانُ.
جنهن کي وڏ ورِيڪ جا،
ماڻهو آهه مهانُ.
چاري، سمجهيئه چونديو،
ڇا لئه مون زندانُ؟

27

سپ ڪان سڻاٽو،
سانگ اسان جو سانگيو!
پنهنجي ڪيتي پورڙؤ، پينگ ٿيو پاٽو!
هاڻي ڏونگر ڏوريو، پنڌ نه پڇاڻو!
پر جي وينئه ويسرا، ساهه ڪري ساڻو،
پيڙهيون، پيڙيندوَ پيو گوندر جوگهاٽو!
هي جو منهنجو مچ آ، اڄ جي اجهاٽو،
صديون رهندوَ سيءَ ۾ گهر گهر گهراٽو،
ويل اها آ وائڙؤ، تاريو نه تاٽو!

28

**وهندي رهندي، وهندي رهندي، سون ورن سنڌو،**
**سون ورن سنڌو.**
**ويرون ايندين، ويرون ويندين،**
**الڙ ۾ ٻه اسهندي رهندي،**
**سون ورن سنڌو.**
**تئن تئن اندر اونهي ٿيندي،**
**جئن جئن ٻاهر لهندي رهندي،**
**سون ورن سنڌو.**
**مور نہ پنهنجو ماڳ مٽيندي،**
**ساگر اور ابهندي رهندي، سون ورن سنڌو.**
**چوهہ چپن تان چلندو رهندو،**
**کهندي، کهندي، کهندي رهندي، سون ورن سنڌو.**
**سنڌ سڪاري ساپيا ٿيندي،**
**سپنا سپنا وهندي رهندي، سون ورن سنڌو.**

29

**ٽڙي پوندا تاريين، جڏهن ڳاڙها گل،**
**تڏهن ملنداسين.**
**جڏهن ورنديون ڪونجڙيون، هر هر ڪري هُل،**
**تڏهن ملنداسين.**
**ڳلن ڳوڙها ٽمندا، جڏهن موتين تل،**
**تڏهن ملنداسين.**
**وچوڙي جا ڏينهڙا، پورائيءَ جي پل،**
**تڏهن ملنداسين.**
**تڏهن ملنداسين**

# گيت، غزل، نظم

## گيت

ال اڏاٽا، رنگ رتي آڪاس ۾.
ڏوڙ اڏاٽي ڏڻ موٽن ٿا،
پنهنجيءَ جڙ ۾ وڻ موٽن ٿا،
ڳوٺ سماٽا، رنگ رتي آڪاس ۾.
هو چاريون ۽ چيچ انهن جا،
شام رڱي ٿي رچ انهن جا،
دور مهاٽا، رنگ رتي راڪاس ۾.
مان ٻه ته موٽان جر ٿر ڀٽڪي،
پيار پنيو مون در در ڀٽڪي،
منهنجا پاٽا، رنگ رتي آڪاس ۾.
*

چوڙ پڳهه پاٽي،
هل ته هلون سير ۾!
ووءِ اجهي اونڙا،
رت ٻڌا روئڙا!
چوڙ پڳهه پاٽي،
هل ته هلون سير ۾!
ٻانهون ويڙهي ٻانديين، ٻڌا ٻاڪارن،
اونڙ ايا ڪيترا، نِوڙي نهارن،
گهات مٿان گهارن، سڀ ڪي پنهنجي ساهه جي!
جيسين سج ايري اچي، اڻ تارون تاريون،
ڪاهيون ڪارونيار تي، اوليون، اولاريون

نريئہ ناتاريون، ڇوڙري نڪرو ناڪئا!
تار نہ آ تاتڻي،
هل تہ هلون سير ۾!
ڪُن پڪارن پيا،
ونجهہ نهارن پيا،
ڇوڙ پڳهہ پاتڻي،
هل تہ هلون سير ۾!
*

همرچو

## لوڪ گيت

گرجي گرجي گاجڙلو، لا. . .
همرچي جو ويلو ڙي!
برسي برسي مينهڙلو، لا. . .
همرچي جو ويلو ڙي!
هيل گهٽا گهنگهور الا لا!
سانوڻ زوران زور الا لا!
همرچي جو ويلو ڙي!
هيل گهٽا گهنگهور الا لا!
سانوڻ زوران زور الا لا!
همرچي جو ويلو ڙي!
رم جهم رم جهم رات الا لا!
گهنن گهنن پرپات الا لا!
همرچي جو ويلو ڙي!
آيي ۾ اَڙانگيو ڙي لا!
واءُ وڄن سان ونگيو ڙي لا!

**همرچي جو ويلو ڙي!**
**تل ترايون تار ٿيو لا!**
**ٿوپڙ لا ٿمٿار ٿيو لا!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**
**برساري ۾ مورَ الا لا!**
**ڪارونجهر جي ڪور الا لا!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**
**تڙ تڙ ٻولي تاڙيو ڙي لا!**
**لونءَ پرينءَ ڏي لاڙيو ڙي لا!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**
**پرجي آئي آ پيڙا لا!**
**ڏور اسان جا ڏيسيڙا لا!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**
**ڏوٿي ڏيکي ڏينهن ٿيا لا!**
**هيل ملڻ جا مينهن پيا لا!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**
**ماروئڙن سان ميلو ڙي لا!**
**همرچي جو ويلو ڙي!**

نوٽ: همرچو ٿري پورهيتن جو لوڪ گيت آهي، جو هو ڪيڙيءَ ميڙيءَ وقت ڳائيندا آهن. لوڪ گيت ۾ هڪ يا وڌيڪ ڇڙا هڪ مصرع ڏيندا آهن، جنهن ۾ پنيان لا، الا، الالا، لفظ هوندا آهن ۽ وراڻيءَ ۾ انهن جو اڳواڻ ”همرچي جو ويلو ڙي لا“ يا ”الا همرچو هو ڙي لا“، يا ”همرچو هو ڙري لا“ ڳائيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪيئي مصراعون ڏنيون وينديون آهن، جن پنيان وراڻي ساڳي هوندي آهي. لوڪ گيت جو سر دل ۾ تير وانگر ڪپي ويندو آهي. ”همرچو“ جي معنيٰ آهي ’همراهه اچو‘، جو هڪ قسم جو ساٿين کي واهر لاءِ سڏ آهي. مون هن گيت ۾ ٿري فضا برقرار رکڻ لاءِ ٿري لفظ ڪم آندا آهن ۽ انهن جو اچار به ساڳيو رکيو آهي، جيئن ٿر ۾ ڪيو ويندو آهي.

## گيت

ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
آڳ سنان!
آڳ سنان!
سون سمان،
جرڪن ياڳ.
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
وڪ وڪ وڏاءِ!
وڪ وڪ وڏاءِ!
آڳ سواءِ.
مور نہ ماڳ.
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
هيءَ جا ڄر!
هيءَ جا ڄر!
تنهنجا پر.
تنهنجا راڳ.
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!
ٻَڳ ٻَڳ آڳَ!

# غزل

جي تو اجا نہ ڇاتو، آ ڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو، تنهنجي مٽي اٽاسي!

آيو ويو سڪندر، سيوهڻ اجا اتي آ،
هو ڪيرتر ڪٿو آ، ويندا رهيا وناسي.

لالڻ! نوان لڪن ۾، نڪتا نياڻ آهن،
ايندا جتي لُڪن ۾، پانڌيئڙا پياسي.

هي شام جو مياٽي، هي سون رنگ پاٽي،
تڙ تي ٻہ چار ڏيئا، نڙ تي ٻہ چار لاسي!

منهنجي اکير ڇا هي؟ هي ڇٽ ڇيت من ۾،
مندر، اداس ڏيئو، اڌ رات، ديوداسي.

جي وک کي وڌائين، اڄ ماڳ ڏور ناهي،
ڏونگر ڏري پيو آ، ساهس تہ ڏار ساسي!

# نظم

سچ وڏو ڏوهاري آهي
روز اول کان پڪڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ،
ڪڏهين زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهين ڦاهيءَ چاڙهيو ويوآ،
تيل ڪڙهائيءَ ڪاڙهيو ويو آ،
گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آ،
چوٽيءَ تان اڇلايو ويو آ:
ها، پر پوءِ بہ انهيءَ جي ساڳي
رهندي آئي ريت اياڳي!
جنهن جي من ۾ ڪاٺُ هٺي ٿو،
تنهن جو سارو چين ڪٺي ٿو!
اڄ تو وٽ مهمان ٿيو آ،
پر تو هي بہ ڪڏهن سوچيو آ!
ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي؟

*

اڄ بہ وري هو فاشي ڪُتا،
مون کي قابو ڪن ٿا.
ڳورو ڳٽ وجهي ڳاٽي ۾،
هو ڪنهن اونهي سناٽي ۾
منهنجا گيت وجهن ٿا.
اوچي وڻ جئن مان ايران ٿو،
ايري تن تي هيٺ ڏسان ٿو،

هو ڪي ٿوهه لڳن ٿا!
مون وٽ جيڪو امرت رس آ،
تنهن تي وهه جو ڪهڙو وس آ!
گوندر گؤنچ ڦٽن ٿا.
پوءِ بہ هر هر ڦاشي ڪتا،
مون ڪي قابو ڪن ٿا.

*

## جيل جي گيٽ تي جيلر ۽ قيديءَ جي وچ ۾ گفتگو

جيلر: سڀ جمع ڪرائي وڃڻو آ،
ڪجهہ پي نہ ڇپائي وڃڻو آ!

قيدي: ڇا لاءِ ڏئين ٿو هيئن تڙي؟
مون اڳ ئي لاٿي آهہ گهڙي،
هان صاحب! وقت بيهاري ڇڏ،
هان ان جي چابي ڪاري ڇڏ!

جيلر: سڀ جمع ڪرائي وڃڻو آ،
ڪجهہ پي نہ ڇپائي وڃڻو آ!

قيدي: مان ڄاڻان ٿو قانون اهو!
انگريز بهادر جو ڏڏڪو
اڄ تائين تو ۾ آ صاحب!
اي ساڳيءَ ورديءَ جا صاحب!
هو گورو هو، تون ڪارو آن،
پر اهڙو ئي هتيارو آن!

مان اڳ بہ اندر آيو هان،
مان آزاديءَ ۾ ڄايو هان،
۽ آزاديءَ ۾ مرڻو هان،
مان تو وٽ ور ور ورڻو هان،
زنجير غلاميءَ جا جيسين
هن ديس مٿان آهن، تيسين
مان تنهنجي در تي ڏرڻو هان،
۽ توکان مور نہ ڏرڻو هان،
مان توکي خوب سڃاڻان ٿو،
قانون بہ تنهنجو ڄاڻان ٿو،
مون سيڪجهہ جمع ڪرايو آ،
۽ توکان ڪجهہ نہ ڇپايو آ،
ها، مون وٽ هڪڙي شيءِ آهي،
۽ مون سا جمع ڪئي ناهي،
انگريز ڊنا ها ان شيءِ کان
ايڏو تہ ڏکي ٿو، اي صاحب!
هر وقت ٻڪي ٿو، اي صاحب!
ڇڻ پنهنجيءَ مالي خوليا ۾،
تون ان کي جمع ڪندين ڇا ۾!
جا منهنجي سيني ۾ دل آ؟
ماحول ڪئي جا بسمل آ،
۽ جنهن ۾ منهنجيءَ ڌرتيءَ جي،
۽ انساني آزاديءَ جي،
ڪا تڙڦ سدائين رهڻي آ،
ها، مرندي تائين رهڻي آ!

# نظم

پيڙا مان پڙلاءُ اچي ٿو،
سَروَم ڏُکم ڏُکم!
مرڪين ڇو ٿو اي مت موڙها؟
ڏک درياهہ، ڪروڙين ڳوڙها،
جنهن ۾ روز ٻڏا ٻاڪارن،
هو جي هر هر ٿا هاڪارن،
هو جي تڙ هوڙاڪ ٻڏن ٿا،
مرڪي لاچوبند ڏسن ٿا،
جن لئہ لهرون ليئا ليئا،
ڏورانهين پارن ڏيئا،
تن کي تاڙي ڪن ڏسن ٿا،
روز پني ۾ پڻ جهڻ ڪن ٿا،
۽ پو هيءُ سماءُ اچي ٿو،
سَروَم ڏُکم ڏُکم!
تون چاهين ٿو پار وڃان مان،
پاٽي تارئون تار وڃان مان،
ڇو تہ پراهون پار بہ آهي،
۽ اهڙو سنسار بہ آهي،
جت ڪا جوت پئي جهمڪي ٿي،
مرڪ ستارا ٿي ٿمڪي ٿي،
اڻ ٿيٽيءَ کي ڇو ٿو چاهين؟
روز ٻڏي ٻيڙي ٿو ناهين،
روز انهيءَ جا تن تنين ٿو!
ڇا تون مون کي ڪونہ سٽين ٿو؟

تو ڪي روز چتاءُ اچي ٿو،
سَروَم دُکم دُکم!
سَروَم دُکم دُکم: سيڪجهہ دک آهي. مهاتما ٻڌ جو چتاءُ
*
مان نہ آهيان سورداس،
پو بہ ڪنهن چنتامڻيءَ لاءِ
منهنجو من اداس.

نانگ ڪي نِوڙي ڪڏهن
مون نہ آهي سمجهيو،
ها، مگر آئي جڏهن

سار هن جي پيار جي،
آ وئي سڌ ٻڌ پلي،
مون سڄي سنسار جي.

مان سڃاڻان ٿو پيو،
ور وڪڙ هن نانگ جا،
هي بہ ڄاڻان ٿو پيو،

ڪوبہ ڪاريهر ڪکيو
وهہ سهي ورلي بچي،
پو بہ آهيان مان ٻکيو

هن نسوري نانگ سان،
۽ پيو ڪوني چڙهان

## ڪنهن ستاڻي سانگ سان. . .

نوٽ: هنديءَ ٻوليءَ جي ڪويءَ سورداس لاءِ چيو ويو آهي ته هن جي چنتامڻيءَ سان پريت هوندي هئي ۽ هو هر رات هن جي گهر ويندو هو. هڪ رات ڏاڍو مينهن وسي رهيو هو، چنتامڻي ڪڙو اندران بند ڪري ڪوني تي ستي پئي هئي. هن ڪيئي سڏ ڪيا، پر ڪائي وراڻي نه آئي. اوچتو هن نوڙي ڏٺي، جا ڪوني تان لڙڪي رهي هئي. هو بي اختيار ان تي چڙهي، ڪوني تي پهتو ۽ پوءِ هن کي معلوم ٿيو ته هو نانگ کي نوڙي سمجهي پيار جي اندھ ۾ مٿي پهتو هو.

### ڇا تون مون کي ڪونه سڃاڻين؟

مرليءَ سان ڪيئي من موهي،
رڻ ۾ پهتو هان بن موهي،
تنهنجو رٿ هلايان بينو،
۽ توکي اتساهيان بينو،
جيسين سامهون سينگ سڄن ٿا،
ڪڙ ڪڙ منهنجا ڪان وڄن ٿا.
لوڙھ لتاڙي منهنجا گهوڙا،
ڪن ٿا ويرين منجهه ولوڙا.
ڏس ڪيڏو گهمسان مٿو آ!
سارو ڪيتر رت رتو آ!
۽ مان بينو سات نباهيان.
هونءَ ته مان سناتو آهيان،
اونهيءَ ماٺ مها ساگر جي،
جنهن ۾ ڪيئي موتي سرجي
گيت ٿين ٿا، گيان ٿين ٿا،

ڇايا پٽ ڪان دور نين ٿا.
ڇا تو مون کي اڳ نہ ڏٺو آ؟
اڳ منهنجو مارڳ نہ ڏٺو آ؟
تو سان آءٌ نئين سر ناهيان،
آءٌ ڪرم جو ڪاڌو آهيان.
ڇاتون مون کي ڪونہ سڃاڻين؟
*
هيءَ ڌرتي ساڳي ڪُنتي آ،
ها، هيءَ اياڳي ڪنتي آ!
هي اُن جي ڪُک مان پاپي آ،
هي ڪرڻ اڳي جان پاپي آ!
مان جو توکي گيان ڏيان ٿو،
۽ تنهنجو رٿو ان ٿيان ٿو،
توکي ور ور ٿو ويڙهايان،
توسان پويون پيرو آهيان.
پورو ٿيڻو آهہ بکيڙو،
جنم جنم جو تنهنجو جهيڙو،
اٿ! اٿ! ترڇا تير اماڻيون،
پويون موت ڪرڻ جو آڻيون!
ڪوبہ نہ ڪر تون اونو ارجن!
آءٌ مران ماريان ٿو ارجن!
ڌنش ڌڪاريو تو ڇو ارجن؟
توکي ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو ارجن؟
*

اڄ زندان جي تنهائيءَ ۾،
مان ڳولي تڙڪا تارن جا،
سي دولھ بيٺو دور ڏسان،
جن دنگ پڳا ديوارن جا.

هن ات اجايل ڏرتيءَ جا،
جن چپ چميا درياهن جان،
ٿي جڙ تہ لهوءَ جا لال لڳھ،
جن وس ڪئي ويساهن جان.

پو زنجيرن جي ڪڙ ڪڙ تي،
مان پنهنجا پير نچايان ٿو،
۽ بيوس بندي خاني ۾،
ڪو گيت نئون مان ڳايان ٿو.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو،
’اڄ رات لهوءَ جي چوليءَ ۾،
’ڪجھ آهن منهنجون رت ڦڙيون،
’جي گيت لڳن ٿيون ٻوليءَ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو،
’جي آءُ اڄهامان اؤجهڙ ۾!
’مون گيت چيا پر شاعر جئن،
’مون عمر نہ گهاري ٻڙ ٻڙ ۾.

’اي چنڊ ستارو! ساکي ٿيو،
’مون جو پيي گيت چيو آهي،

’تنهن آزاديءَ جي رستي تي،
’هڪ لنبو ڪيو آهي.‘

*

ڪلهه ڇا نہ ڪجاوا ڇمڪيا ها!
۽ ڏينهن تتي ۾ واريءَ تي،
ڇا جهاڀا جهوڙا جهمڪيا ها!

هو ڇم ڇم گهنگهرو گوڏن تي!
ڇا جهانءِ هئي جهونجهارن ۾!
ڪلهه ٽڙڪا ٽڙڪا توڏن تي!

هر وڪ تڪيري تڪ ڏئي،
ڪيڏانهن نظر مان ترڪي ويا؟
ڪيڏانهن ويا هو ڏک ڏئي؟

اڄ واٽن تي واجهائن ٿا،
۽ سڄ سياپا واريءَ جا،
ٻين ڪرهن لاءِ ڪنائن ٿا!

ڪجهہ سانيڪي مان ڪوس پريان!
ٻيا اوني ايندا اڄ ڪٽي،
ڪئن ڇئجي، ڪهڙي وقت، پريان!

*

اي ڏرتي! تنھنجا ڏاج ڏٺي،
ھئن ڪيسين ڪاڻيارا رھندا،
۽ پنڌارن مان ٻُک ڪٽي،
ھو ڪيسين دک پيا سھندا؟

انڌير نگر جي در تي،
انياءُ تراڙو توري ٿو،
ٿي آزاديءَ جي وٿ ملي،
جي گھر تڙ ڪوئي گھوري ٿو!

ھن مرڪ مھانگيءَ دنيا ۾،
مان ڪنھن جا ڪنھن جا لڙڪ اگھان!
ھن ڏاڍ ڏمر جي ويلا ۾،
مان ڪنھن کي ڪنھن کي ڏڍ ڏيان!

اڄ بات ٿئي ٿي گوليءَ سان،
مون عمر وڃائي ٻوليءَ ۾!
مان ڪھڙي منھن سان گيت وڄھان
اي ديس! دکن جي جھوليءَ ۾؟

اڄ گيت اڃايا پاسن ٿا،
اڄ مان ٻہ ملان ٿو ميڙي ۾،
ڇا پيارا نعرا گونجن ٿا!
جھونجھار وڏن ٿا جھيڙي ۾!

ڏاج: ان رگ ويد ۾ اَن لاءِ ”ڏانيہ“ لفظ ڪم آندل آھي، جنھن جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري ڏاج ٿيو آھي. لس ٻيلي جي رزمي لوڪ شاعريءَ جي ھڪ سٽ آھي:

”جي نہ ھئي نور دين، تہ ڌرتي ڏاج ئي نہ ڪري.“

## سچ اها تارازي آهي،

جنهن ۾ هر ڪو ائن سمجهي ٿو
هن جو ئي پڙ ڀاري آهي.

نيائي ۽ انيائي ٻيئي
پنهنجي ليکي سچ چون ٿا،
شايد آهن سچ گهڻيئي!

ڪئن بہ هجي، پر مان ڀانيان ٿو
هي هڪ سچ ازل کان آهي،
۽ مان تنهن کي اپنايان ٿو:

هر ڪو پنهنجيءَ مانيءَ ڪارڻ،
پنهنجيءَ پياريءَ ڌرتيءَ ڪارڻ،
۽ پنهنجيءَ آزاديءَ ڪارڻ،

جڳ جڳ کان وڙهندو آيو آ،
۽ هيءَ ويڙهه سچائي آهي،
جنهن جندڙيءَ کي جرڪايو آ

۽ هيءَ ويڙهه سدائين هلندي،
جيسين سچ اپرندو رهندو،
ها، ها تيسين تائين هلندي. . .

جيسين مائون ٻار ڄڻينديون،

جيئڻ ڪارڻ جنگيون ٿينديون،
جيئڻ ڪارڻ جنگيون ٿينديون.

*

جنهن وقت ٻہ ڪنهن جو طوق ٽٽو،
مون ائن سمجهيو.
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

اي دنيا ڀر جا محڪومو!
اي مظلومو!
جي محڪوميءَ مان ڪوبہ ڇٽو،
مون ائن سمجهيو.
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

ڪنهن هنڌ ٻہ منهنجي قاتل جا،
جي هٿ لڏيا،
ڀل مون ڪي ڏي ڪيڏو بہ گهٽو،
مون ائن سمجهيو
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

پورو ٿيو

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٺي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)